سوجهرو
مارچ 2014
ABC Certified
سال:15. شمارو:180. قيمت: 50 روپيا. ڏيساور ۾ ساليانو قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

سنڌي ٻولي قومي ٻولي

وچور

سوجهرو جي سورهين سالگره مبارڪ

تڇ مي پليز:

سنو شاعر ۽ وڏو شاعر... تاج بلوچ

ڪهاڻي نمبر:

ڪربلا... ج.ع.منگهاڻي
سچ لهڻ ڪانپوءِ... منظور ڪوهيار
وينٽولين اسپري... محمد صديق منگيو
مبارڪون... انور شيخ
پنڪي، شراب ۽ ڪماندو... بشير سومرو
جيڪيٽ... حيسب ڪانهيو
بالي... راڄن منگريو
سياڻي گڏ آهيون... محمد دين راڄڙي
اوجاڳو، درد ۽ راتيون... وفا صالح راڄپر
اڻ ڇاول ٻار... ديوي ناگراڻي

ناول/ناوليٽ:

اسٽيل جا پنج گلاس(9)... ڊاڪٽر رسول ميمڻ
بودلڪ(5)... شيام ڪمار

سنڌ ٻيهر ڳر موڙيا:

حُر گوريلا جنگ(13)... سائين رکيو

آتما ڪٿا:

پاتم جهاتي جهان ۾(30)... شيام ڪمار

نون ڪتابن تي تبصرو:

راج ڪرتهه... امين مگسي
خواب آئينا ٿيا... مهرالنساءِ لاڙڪ
سونهن جي بارگاهه... ادارو

دوهو/بيت ۽ سورٺو:

امداد حسيني

نظم:

امداد حسيني، ديوي ناگراڻي، زاهد چانڊيو، حبيب لغاري ۽ عابد ڪاظمي.

گيت:

زاهده تاج ابڙو.

غزل:

امداد حسيني، خليل عارف سومرو، اداسي جکراڻي، سڄاد مهر، رضا بخاري، امر ابڙو، حيدر مهراڻي ۽ حنيف عاطر.

تڇ مي پليز...

سنو شاعر عام تجربن جي ناياب ۽ سگنيفڪنٽ پاسن کي وائکو ڪرڻ جي جاکوڙ ۾ هوندو آهي. جڏهن ته وڏو شاعر تخيل ۽ احساس کي عام ماڻهن تائين پهچائڻ سان گڏوگڏ سندن ذهنن کي پڻ متحرڪ بڻائڻ لاءِ ووڙيندو آهي.

شاعر جو احساس جيترو نفيس ۽ لطيف هوندو، سندس سونت پڻ ايتري ئي پختي، ذهن منظم، مربوط، رنگن ۽ خوشبوءِ سان واسيل هوندو. ۽ اهڙو شاعر ئي پنهنجي لکت ۾ ابدي عنصرن کي شامل ڪري سگهندو. سندس دلچسپين جو گهيرو وسيع ۽ گهرو نظر ايندو. ۽ سندس شاعريءَ ۾ اهڙا اميج ۽ عڪس ملندا جيڪي پڙهندڙن جي ذهن ۾ به ڪشادگي آڻيندا ۽ قاري انهيءَ اميجري ۽ عڪسي سفر ۾ شاعر جي تجربي سان هڪ ٿيندي نظر ايندو.

نقادن اميجينيشن کي، ورلڊ آف اٽرنٽي (لافاني جهان) ڪوٺيو آهي،

“IT IS DIVINE BOOSOM INTO WHICH WE SHALL ALL GO AFTER THE DEATH OF WEGETATED BODY.”

مشهور نقاد، سي ايم بوورا، رومانٽڪ اميجينيشن کي انساني امنگن جي ڏس ۾ وڏي اهميت ڏني آهي. هن انساني لاڳاپن جي نيٽورڪ کي ڏاڍو نازڪ ۽ گنجريل ڪوٺيندي اهڙي نيٽ ورڪ کي خارجي سطحن تي ڪا شڪل ڏيڻ لاءِ، جذبي جي گهرائي، پختگي ۽ معنويت تي زور ڏنو آهي. ۽ چيو آهي ته فن ۾ عظمت ۽ مٿاهون درجو تڏهن ماڻبو، جڏهن اهڙي تصوريت جي پويان زندگي جي اعليٰ قدرن جو سرشتو موجود هوندو.

’موت پڄاڻان فاني جسم جو مقدس پاڪر ۾ وڪوڙجي وڃڻ‘ روماني شاعريءَ جو وڏو استعارو آهي. پوءِ پلي شاعر ڏني وائني نموني سان، انهن super values سان سڱ سياڪو قائم ڪيو هجي يا نه. يا شاعر جي سڪيا ورتل ذهن، اهڙي قدرن کي قبول به ڪيو هجي. اهڙن قدرن جي تصوريت عظيم فن مان جهلڪندي نظر ايندي آهي.

ڪچو جذبو، ڪچي مال جيان هوندو آهي. جيستائين اهڙا جذبا پورهئي جي ڪيمياگريءَ طفيل پچي راس نه ٿا ٿين، تيستائين اهي فڪري احساس ۾ تبديل ڪين ٿا ٿين. ۽ نه ئي ذهنن کي نئين تازگي ۽ روح کي خوراڪ پهچائين ٿا.

روماني ۽ عڪسي شاعري ۾ حيات ۽ ڪائنات جي رمز جي پروڙ پوي ٿي، ڇاڪاڻ ته روماني ۽ عڪسي شاعر رڳو شاعر ناهي، پر همه گير ڪائنات جي مامرن جي پيچيدگين ۽ مونجهارن کان به واقف فرد آهي، جيڪو نه رڳو روماني احساسن جو عرفان عطا ڪري ٿو پر ان جي فڪر انگيز شاعريءَ مان زندگيءَ جا نوان قدر ۽ شعور جا سونهري عڪس به پسبا آهن. اهڙي شاعر آڏو ڪائنات جا غم، خوشيون، آدرش، روزاني جو ڪاروهنوار، نندڙيون نندڙيون نه لڪائڻ ۽ لنوائڻ جهڙيون شيون ۽ ٻين ڪيترن ئي امڪانن جو ادراڪ هوندو آهي.

اهڙو شاعر طويل عرصي تائين پنهنجي پڙهندڙ کي حيرت ۽ اچرج، جستجو ۽ ازلي خوشي سان گڏ عميق بصيرت سان به همڪنار ڪندو آهي. وڏو شاعر جذبات جي اطاعت قبول ڪندو آهي ۽ نه ئي حواسن مان حاصل ڪيل ٻل تي قناعت ڪندو آهي. پر هو اهڙين شين مان پنهنجي فڪر کي شاداب بڻائيندو آهي. سندس شاعري محض جذبي ۽ علم جي شاعري ناهي. پر اهڙي روح جو داستان آهي جيڪو حساس هجڻ سان گڏوگڏ ڏاهو به آهي. هن جي شاعري ۾ ظاهري طور ڪو نياپو نه هوندو آهي تنهن هوندي به هن جو تخليقي عمل ذهني ڪشادگي جو باعث بڻبو آهي. ۽ جذبي جي داخلي دنيا مان اڀرڪو ڏيئي ٻاهر نڪري وسعتن ۾ پکڙجي ويندو آهي. ۽ پوءِ هو اهڙين وسعتن سان سڱ سياڪو قائم ڪري انفرادي تخليقي زندگي کي زمان ۽ مڪان سان همڪنار ڪري ڇڏيندو آهي.

اهڙي شاعري شديد حسياتي شاعريءَ جي زمري ۾ اچي ٿي. ۽ پنهنجي دائري کي تبديل ڪرڻ بدران وسعت، همه گيري ۽ عموميت جو درجو ماڻيندي آهي. اهڙي شاعري رڳو حسي آسودگي نه ڏيندي آهي پر ذهني اطمينان ۽ خوشيءَ جو باعث به بڻبي آهي.

تاج بلوچ

0300
0313
0332
9288496
tajbaloch2505@yahoo.com

مئنيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر: تاج بلوچ
ايڊيٽر: ڊاڪٽر شير مهراڻي
آرٽ ۽ فوٽوگرافي: هالار احمد

خريداريءَ جا اگهه:
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

آفيس ايڊريس:
بنگلو نمبر: 177، بلاڪ: 7
گل هائوسز،
گلستان جوهر ڪراچي.

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ڏڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ڏڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.

بودلڪ ڪافرستاني...



شيام ڪمار

سنڌس واپس موٽڻ بعد اوچتو مون کي هڪ خيال آيو. مون بودلڪ کان پڇيو، ”سنڌس نڪ بند ڇو ڪين ٿيندو هو؟“ ان جي جواب ۾ هن رازداڻي انداز ۾ ٻڌايو هئم، ”پيدائش کان وٺي موجوده پل تائين سنڌس ساڄي هٿ جي ڏسٽي آڱر، سمهندي جاڳندي، نڪ جي ساڄي ناس اندر سدا ’گُتل‘ هوندي آهي. انڪري هو ڪڏهن به اهڙي ’ڪميني خفگي‘ سان اوڏو ڪين ٿيو هو.“

بس، جادوگر ڪي ان نئين علاجي طريقي تي بودلڪ ئي وڏي مشڪل سان سمجهائي تيار ڪيو هو.

جادوگر چواڻي، ”اهو عمل سنڌس Aesthetic Sence لاءِ نهايت اُگرو ثابت ٿيو هو.“

ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ جادوگر واڇون ٽيڙيندو، ڪڳيون هڻندو مون وٽ آيو- ۽ ٻڌايو هئائين ته هينئر سنڌس نڪ نه صرف مڪمل طور کُلي ويو هو پر ’وهڻ‘ به لڳو هو.

هيءُ واقعو به گهڻو ڏور جو ڪونهي. جادوگر اوچتو سخت بيمار ٿي پيو ۽ کيس اسپتال ۾ داخل ڪرائڻو پيو هو. ڊاڪٽري تپاس ڪانپوءِ سُڌِ پئي ته سنڌس ’غير پسنديده‘ جاءِ تي هڪ سخت اَيزائيندڙ ڦرڙي (Fistula) نمودار ٿي آئي هئي. جڏهن ماڻهن کي سُڌ پئي ته دوست، واقفڪار، ڄاڻو سڃاڻو، ان ڦرڙي ۽ خاص طور ’غير پسنديده‘ جڳهه تي هڪ نظر وجهڻ لاءِ ڪٽڪن ۾ اچڻ شروع ٿي ويا. اها سموري ڪارروائي ڏسندي جادوگر بيوسي، ڪاوڙ، ڪروڌ ۽ سخت پيڙا ۾ ڳاڙهو پيلو ٿيندو رهيو هو. انهن ئي ڏهاڙن ۾ ’ايمنسٽي يونيورسل‘ جي پري زاد ڊائريڪٽر مس ’انجيلا‘ به لنڊن مان آيل هئي. ۽ جڏهن کيس به جادوگر جي شديد بيماري جي سُڌ پئي ته هوءَ به سنڌس طبيعت پڇڻ لاءِ اسپتال اچي سهڙي. ان مهل جادوگر اڇي چادر پاٿيون سمهيو پيو هو. مس ’انجيلا‘ جڏهن هن جي چادر جو هڪ پاسو سوريندي مٿي ڪنيو ته اڻ وسهندڙ حيرت، اچرج ۽ بي حد خوشي ۾ پنهنجي رڙ ۽ اُمنگ روڪي ڪين سگهي. ۽ چيو هئائين، ‘What a Man!` . هن غلطي مان چادر جي پيرانڌي واري حصي کي سوري مٿيرو ڪنيو هو.

اهو ڏينهن اهو شينهن. جيستائين جادوگر نوبنو ڪين ٿيو. هوءَ سنڌس تيمارداري ۾ هڪي تڪي حاضر رهندي رهي.

جادوگر پنهنجي ’گرفتاري‘ جي اڳ وارن ڏينهن ۾ جتي جتي ’خوني وارداتون‘ ڪيون هيون. جهڙوڪ ريڊيو پاڪستان جي پوئتان وارو سنسان علائقو، يا فريئر هال ڪراچي جي اطلسي سبز پوش ڇٻر واريون اُهي يادگار جڳهيون حسرت ڀريل نظرن ۽ غمگين دل سان مون کي ڏيکارڻ ۾ ڪا هٻڪ ۽ جهجهڪ محسوس ڪين ڪئي هئائين. ۽ ان سان گڏ پنهنجي گونجندڙ آواز ۽ ڀريل دل سان هيٺيون شعر به ترنم سان جهونگاريندو رهيو هو:

” اسير پنجۂ عذاب کرکے مجھے
کہاں گیا میرا جوبھن خراب کرکے مجھے“

بودلڪ ۽ جادوگر جي پاڻ ۾ هڪٻئي سان گهاٽي ياري هوندي هئي. هڪ ٻئي جي رازن ۽ سياءُ جي پراسرار ڪنڊن ڪڙڇن کي ائين سانڍي حفاظت ڪندا هئا جيئن ليجنڊري قارون پنهنجي خزاني جي چوويهه ڪلاڪ سنڀال ڪندو هو. هيءَ به جادوگر جي علالت وارن ڏهاڙن جي ڳالهه آهي. جڏهن هن ٻڌايو هئم،

”بودلڪ به مون وانگر تتل، اُبرندڙ ۽ بي لگام زمينن تي ’غير روايتي‘ انداز ۾ ٻج ڇٽڻ جو دلي چاهڪ ۽ هريل آهي. اهڙي ’مرموني نموني واري ميلاپ‘ (Marrmonic) جي نتيجي ۾ سنڌس چوگرد ’بي ترتيب‘ فصل ۽ ’روايتي ٻنڌڻن‘ کان آزاد نت نئين وڌندڙ نسل جا لشڪر گهمندا ڦرندا نظر ايندا هئا ۽ آهن.“

”بودلڪ کي پنهنجي وواهت زال لاءِ نه ’وقت‘ هوندو آهي ۽ نه ئي ’وفاداري‘-“

هنڙي مون کي به بودلڪ جي ضرب الامثل جهڙي چوڻي ياد اچيم پئي. ڳالهين دوران مشهور اديب ڊبليو سي فيلڊنگ جو نڪتو ورجائيندي چيو هئائين، ”ڪڏهن ڪڏهن ’حوا‘ جون سرتيون هاٿي وانگر پاسنديون اٿم. هنن کي صرف ڏسڻ جڳائي. هنن سان وواهت ناتا جوڙڻ کان سخت پرهيز ڪرڻ کپي.“

ٻئي ڀيري گهر جي بالڪني مان ’لب (Lib) تحريڪ‘ هيٺ عورتن جي لنگهندڙ جلوس مردن سان برابري جي حقن لاءِ- تي راءِ زني ڪندي چيو هئائين،

”عورتون پدر سري سماج جي ٻراين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ چاهين ٿيون. آزادي سندن بنيادي ۽ پيدائشي حق ائين آهي جيئن اندر پوري ۾ اپسرائن کي ۽ جنت اندر حورن کي ٻنان ڪنهن حجت ۽ بحث ۽ تڪرار جي ڏنو ويو آهي. منهنجي خيال ۾ ڀلا ۽ نيڪ مرد ڪڏهن به ان حق جي راهه ۾ رڪاوٽ ڪونه بڻبا. جنهن ڏينهن عورت جي غيرت کي صرف ۽ ضرب ’دُن‘ هيٺان تصور ڪرڻ جي اُبت پيدا ڪندڙ سوچ کي ترڪ ڪيو ويندو. انهي ڏينهن کان ئي هوءَ آزاد سمجهي ويندي. ۽ صحت مند به.“

هڪ دفعي جادوگر سان حال اوريندي ريچڪي ڪيفيت ۾ ٻڌايو هئائين، ”جنهن هنڌ تان حقيقت جي نڪتي جي پڄاڻي ٿئي ٿي اُتان ئي ’تخيلي پرواز‘ جو آغاز ٿيندو آهي. هر نئون ’شڪار‘ منهن کي تخيلي پرواز کي اڻ ڄاتل بلندي تي پهچائيندو آهي. منهنجي پيار اندر جدت، شدت ۽ حدت بي پناهه آهي. ۽ اهي عنصر مخالف جنس کي آپي کان ٻاهر ڪڍڻ جا املهه گُر آهن. پر ’تسڪين‘ صرف پنهنجي ’انا‘ لاءِ ئي محفوظ ڪئي اٿم.“

ٻئي ڀيري پنهنجي پسنديده مشهور اطالوي فحش نگار اديب ’ڊي اخونزيو‘ بابت ٻڌائيندي چيو هئائينس،

”’ڊي انونزيو‘ پنهنجي محبوب ’ڊيوز‘ جي موت کان پوءِ چيو هو، ’مان ڊيوز جي آتما سان ان مهل هم ڪلام ٿيندو آهيان جڏهن هنداڻي ڪائڻ مهل مهاتما گوتم ٻڌ جي مجسمي آڏو بيٺو هوندو آهيان.‘ آئون به هن وانگر پنهنجي ڪنهن ڪومل چنچل ۽ چٽ چور حسين شاهڪار جي اوچتي وڇوڙي ڪانپوءِ اُداسي جي سياهه چادر ۾ وڪوڙجي آڙو، لڪاٽ ۽ آلوبخارا کائڻ دوران ڪنفيوشس جي مورت آڏو سنڌس روح سان رهاڻيون ڪندو آهيان.“

هڪ ڀيري مهاشيه بودلڪ بي انت ترنگي ڪيفيت ۾ جادوگر آڏو اعتراضي لهجو اختيار ڪندي ٻڌايو هئس، ”هيءُ سنڌس (بودلڪ پاڪستاني، يا ڪافرستاني يا ظفر هاشمي وارو) پنجون پنر جنم ڪين هو بلڪ يارهون هو. جهوني يگ ۾ اندر پوري اندر هن وشنو ڀڳوان جي غير اوتاري روپ کي ڪروڌ ۾ للڪاريندي سينو ٺوڪي چيو هو، ’هو به سنڌس يارهن اوتارن وانگر اوترائي پنر جنم وٺي ساري سنسار ۾ ڪانئس به وڌيڪ ڏوم مچائي ڏاڪ ويهاري ڏيکاريندو.‘

ان انڪشافي اعتراف کي اڳتي وڌائيندي چيو هئائين، ”بودلڪ يا ظفر هاشمي کان اڳ ۾ هن فرانسسي اديب وڪٽر هيوگو، پراچين هندوستان جي شاعر راجا پرٿري هري، اوڌ جي نواب واجد علي شاهه، مصر جي بادشاهه فاروق، عثمانيه خلافت جي مشهور خليفي عبدالحميد، پٽيالہ جي مهاراجا يوپيندر سنگهه جي آتمائن اندر به پرويش ڪري ساري سنسار اندر حيرت ۾ وجهندڙ ۽ ڏندين آڱريون ڏيندڙ exploits ذريعي زنده جاويد حيثيت مائي چڪو آهي.“

هڪ لڳا جادوگر ٻڌايو هئم ته بودلڪ عورتن کي سُئي (injection) هڻڻ جي سخت خلاف هو. ۽ آهي. بودلڪ چواڻي،

”خدا مرد کي ستن سوراخن سان تخليق ڪيو هو: ٻه ڪنن جا، ٻه نڪ اندر، هڪ وات وارو ۽ هڪ پيشاب ۽ ’فلاڻي‘ جاءِ وارو. پر ان جي ابتڙ عورت ۾ ٻه وڌيڪ سوراخ رکيا ويا جيڪي سنڌيس ٻن پستانن اندر موجود آهن. ان ڪارڻ هو ڪين سُئي هڻڻ جو مخالف آهي ته مبادا ’نئون سوراخ‘ کُلي پوي جيڪو ’عظيم گناهه‘ کان گهٽ نندڻ جوڳو ڪونه هوندو.“

ان کان علاوه بودلڪ کيس اهو به ٻڌايو هو،

”مغربي فيلسوف شوپنهاور پنهنجي قنوطي فڪر جي باوجود مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو هو. ڇو جو سنڌس سوچ اندر اهم ۽ رجاعي نڪتو ته ’گناهه‘ نه ڪرڻ دنيا جو سڀ کان وڏو گناهه آهي.‘ ۾ ڪيڏي نه سونهن، سڳنڌ ۽ ولولو سمايل آهي.“

جادوگر چواڻي، ”جنهن مهل بودلڪ هوائي گهوڙي تي سوار ٿي اُڏامندو آهي ان وقت چوندو آهي، ’مون کي ڏسي دنيا جي ڪا به سندري خود سپردگي کان انڪاري ڪونه ٿي سگهندي، مان

جنسي بازيگري جو ’ميڪياويلي‘ آهيان. ’ اڄ ڏينهن تائين ان منفرد جنگي ميدان اندر جيڪي ’چتوڙ ڳڙهه‘ فتح ڪيا اٿم انهن جي مخصوص مدهوش ڪندڙ خوشبو اڃان تائين ناسن جي پورن اندر وسيل آهي.“

هڪ ڀيري هن رازداري واري نوع ۾ چيو هو،

”جيتوڻيڪ اڻ ڳڻاٽائي ۾ شادي رچائڻ جا انيڪ پاپ ڪيا اٿم پر منهنجو پختو ايمان آهي ته ’ شادي يا وواهه پيار جي سماڌي هوندي آهي. ‘ شادي جي ڪک مان ڪڏهن محبت جي خوشبو ڪونه نڪرندي آهي. بلڪ اها قتل مقدر جي علامت ۽ پيش خيمو هوندي آهي.“

اهو ٻڌندي جادوگر رازداري وارو نوع برقرار رکندي ڪانئس وڌيڪ ڪوٺيندي پڇيو هو ته اهو ’مهان پاپ‘ ڪيترا ڀيرا ڪري چڪو هو؟

بودلڪ ساڳيو لهجو اختيار ڪندي ڪيس انڪشافي انداز ۾ ٻڌايو هو،

”پريه جادوگر، جيتوڻيڪ اهي قصا پراڻا ٿي ويا آهن پر گذريل ٻهارن جا انيڪ سونهرا باب انهن اندر لڪيل ۽ ڳايل آهن. جهڙي ريت هن ملڪ جي تاريخ جا ڪئي اهم ۽ يادگار موڙ وقت جي وهڪرن اندر ’پاڻي پت‘ جي لڙاين سان مشهور ۽ تاريخ ساز رهيا هئا. ۽ انهن الڳ الڳ زمانن ۾ بابر، اڪبر اعظم ۽ احمد شاهه ابداليءَ اهم ڪردار ادا ڪندي سرخروئي ۽ سوڀ حاصل ڪئي هئي. ساڳي ريت مان به ماضي بعيد کان ماضي قريب تائين، اصطلاحي طور، ڪجهه وڌيڪ ويڪري ’پاڻي پت‘ اندر مختلف وقتن تي اهڙي قسم جون ٽي لڙايون وڙهي سوڀ پاتي هئي. جن کي هينئر ’ مهان پاپ‘ سان تعبير ڪريان ٿو. خوشي سرخوشي ۽ سرخروئي ان سبب محسوس ٿئيم ٿي. جو ’پهرين پاڻي پت‘ اندر ٽي نامور ۽ طاقتور ڪردار سرگرم عمل هئا. پر هن ’ٻئين پاڻي پت‘ ۾ صرف ۽ صرف اوهانجو بودلڪ اعظم اڪيلي سر انهن لڙاين ۾ لڙندي سوڀارو ٿيو هو.“

هن شادي جي بي بقا ڏور کي اڳتي سوريندي چيو هو،

”شادي ’جنسي تسڪين‘ جي سڀني اهم عنصرن کي هوريان هوريان ختم ڪندي رهي ٿي. جيتوڻيڪ ابتدا ۾ انهن جي زبردست وڪالت ڪندي نظر ايندي آهي. اهو شادي جو سڀ کان وڏو فريب ۽ ٺڳي آهي جنهن مون کي ان جي ’قربت‘ کان ڏڪي پري ڪري ڇڏيو هو. عام راءِ موجب مهذب انسان جي ’جنسياتي زندگي‘ ڇڻ بي جان ۽ بيڪار ٿيندي ڏيڪارجندي رهي ٿي. اڄوڪي دور ۾ انسان ذات جو اهو سڀ کان وڏو الميو آهي.“

اهي ڳالهيون ٻڌي ائين محسوس ٿيو هئم ڄڻ ’جنسيات جي تاريخ‘ ۾ بودلڪ جهڙو اُتم انسان ٻيو ڪو ڪونه هو ۽ نه ئي مستقبل قريب ۾ ڪنهن جي پيدا ٿيڻ جي اميد هئي.

بقول جادوگر،

”بودلڪ جي ’پرستاني حلقي‘ ۾ سڀني کي پلي پت ڄاڻ هئي ته قدرت مٿس خاص طور مهربان هئي ۽ هر ’شيءِ‘ ۾ ڪيس ’سرسائي‘ (graciously endowed) سان نوازيو هو. ۽ اهوئي ڪارڻ هو جو سڀئي ڪيس infinite چوندا هئا.“

جادوگر انڪشاف ڪندي وڌيڪ ٻڌايو هو ته هو خانگي محفلن ۾ سينو ٺوڪي چوندو هو:

“I am ninth wonder of the world.”

جڏهن جادوگر ٿورڙو ڏچندي ڪانئس پڇيو هو ’جناب بودلڪ جي دنيا جو اٺون عجوبو ڪهڙو ۽ ڪير آهي؟‘

ان جي جواب ۾ هن اکين اندر حقارت پرينندي چيو هو، ’بت پرست ۽ ڪنٽور ڊاڪٽر غث غث پاٿيه الٽراسائونڊي پاڻ کي ان جو دعويدار چوائيندو آهي. پر، هو اڃان تائين اسڪولي ٻالڪو آهي. ۽ اصطلاحي طور پينگهي ۾ ليٽيو پنهنجي ئي ڪاٻي پير جو آڱوٺو چوسيندو رهي ٿو- بت شڪني رب جي رضا سان صرف منهنجي حصي ۾ آيل آهي.“

اها طلسماتي وارتا ٻڌي جادوگر پنهنجو مٿو ڪنهندي بودلڪ جي انهن تاريخي جملن کي به ورجايو هو جيڪي هُن چانگا مانگا جي جهنگلن ۾ رهندڙ هڪ جپسي محبوبه کي ترنگ جي حالت ۾ چپيا هئا،

”منهنجي محبوبه، مان تنهنجي آتما سان ڀوڳ ولاس ڪرڻ چاهيان ٿو. جنهن مهل تنهنجي ڳردار مخمل جهڙي نرم ۽ لسي ترِيءَ هيٺان منهنجي بدن ۾ سمنڊ جي لهرن جي لاهه چاڙهه وانگر ارتعاش پيدا ٿئي ٿو. جڏهن مان تنهنجي سڊول ، گلابي رنگت اوڊيل، پريم جي چانڊوڪي جهڙي ٽڏاڻ واري اگن ۾ دڪندڙ ’وزني‘ سيني هيٺان، ۽ مضبوط متناسب ٽڙن ۽ رانن جي جڪڙ وچ ۾، بي وزني جي حالت ۾، لڏندو لمندو رهان ٿو ته ان مهل ائين ڀاسندو اٿم ڄڻ ازل کان وٺي منهنجي آتما اندر سنگاسن تي ويٺي ٿاندو نرت يا درويشي رقص ۾ محو، الوهيت جي پينگهي ۾ پريت ۾ جهومي ۽ جهولي رهي آهي.“

ان تي هن وڌيڪ ٻڌايو هئم،

”ڪجهه عورتون زمين سان واڳيل جانورن جيان ٿين ٿيون بلڪ خود زمين سان مشابهت رکنديون آهن ۽ ’آڇ‘ جي معاملي ۾ بي حد فراخ دل، قدرت اها خوبي خانه بدوش زائفن ۾ بي حساب اوتي آهي.“

جادوگر اڪثر چوندو رهندو هو ته بودلڪ جو هيءُ motto ته

“Fulfillment of soul could surely be achieved through way of flesh.”

دانشورن جي هڪ مخصوص طبقي اندر فڪري سطح تي بي مثل مقبوليت حاصل ڪري چڪو هو.

ماضي قريب جي پڇاڙڪن ڏهاڙن ۾ پنهنجي پياري دوست جادوگر جي وواهت جيون ۾ زلزلي واري ڪيفيت کي ڀاسيندي ۽ سندس ارڏانگي کي تيزي سان ’مذهب‘ ڏانهن سُرڪندو ڏسي ڪيس ڏاڍي پيڙا ۽ ڏک محسوس ٿيو هو. ڪيس (جادوگر) دلداري ڏيندي چيو هئائين،

”عورت جي وجود اندر ’جنسي خواهش‘ ۽ ’تقويٰ‘ گڏ ڪڏهن ڪين جالي سگهندا. اهڙي حالت ۾ ’پر امن بقائي باهمي‘ جو تصور ڪرڻ به ٻيرن کان ٻير حاصل ڪرڻ جهڙو ناممڪن عمل ليکيو ويندو.“ *(هلندڙ)*

زاهد تاج ابڙو

آغاز نوان ڪي وٺجو لوڪو

قلم نه مون کان ڪسجو لوڪو
امنگ، اظهار نه ڦُرجو لوڪو
ساهه جي ڏور ٽٽڻ کان اڳ ۾
آغاز نوان ڪي وٺجو لوڪو

سنڌ کي رب آباد رکي
فرض نه پنهنجا ڀُلجو لوڪو
ڪنهن جي جهونو جهوپو ڊاهي
محل نه پنهنجا اڏجو لوڪو
آغاز نوان ڪي وٺجو لوڪو

ٻين جا انگ اُگهاڙا ڪري
پنهنجا گهر نه ڀرجو لوڪو
لب ڪُشائي حق اسانجو
ڏاڍ اڳيان نه جهڪجو لوڪو
آغاز نوان ڪي وٺجو لوڪو

ٻُڪئي ٻگهڙ ۽ باز کي چيري
جوش ۾ هوش سان هلجو لوڪو
پنهنجي جذبن کي عنوان ٻڌائي
قلم ڪتاب نه ڇڏجو لوڪو
آغاز نوان ڪي وٺجو لوڪو

واريءَ تي گلڪاري چاجي
خودغرض واءُ ته گُهلندو لوڪو
ظلم سان جنگ جو جوٽي آهي
تاريخ ۾ نانءُ ته لکبو لوڪو
آغاز نوان ڪي وٺجو لوڪو

ترس، اڃا رات ڪاري آ
سچ جو سُورج چڙهندو لوڪو
جيڪو سنڌ جي اک پُسائي
ڪيترو آخر جيئندو لوڪو
آغاز نوان ڪي وٺجو لوڪو

هاري-ناري ۽ ڪو پورهيت
ڪيسين بُک پيو سهندو لوڪو
وڪري ويندا ظلم جا بادل
فلڪ جو چرخو ڦِرندو لوڪو
آغاز نوان ڪي وٺجو لوڪو

پرهه ڦُٽيءَ جو جنم وٺي
سورهيه ڪوئي ڄٽيو لوڪو
گونگو، ٻوڙو، پلي ڪيو پر
قلم اسان جو لِکندو لوڪو
ساهه جي ڏور ٽٽَڻ کان اڳ ۾
آغاز نوان ڪي وٺجو لوڪو. ■



اسٽيل جا پنج گلاس...

شيشي جا گلاس پچي پورا ٿيندا هيا ته ڪجهه نه پچڻ ڪري جڻ دل پچي پوندي هئي. گهر ۾ ڪنهن کي مزو ئي نه ايندو هو، ائين لڳندو هو هر طرف ويراني ڦهليل آهي. اسين ڪنهن اهڙي ريگستان ۾ ويٺا آهيون جتي مينهن نه وسڻ ڪري ڏور ڏڪا مري چڪا آهن. ڪوهه سڪي چڪا آهن ۽ اسين بي حد اڃايل آهيون.

بابو اهڙي صورتحال ڏسي هڪ دفعي پاڪستاني گلاس وٺي آيو. جيڪي بي ڊولا هيا، غور سان ڏسڻ ڪانپوءِ انهن اندر سنها ڦوٽا پئي ڏسڻ ۾ آيا. جيڪي بناوت دوران هوا جي رهجي وڃڻ ڪري وجود ۾ آيا هيا. اهي پتا گلاس مٽيءَ جي انهن ڪونجن ڪان به بيڪار هيا جيڪي ڪونجا شيدي بادشاهه جي مزار ٻاهران مٽڪن تي رکيل هوندا هيا.

شيدي بادشاهه جي مزار بئريج روڊ تي چڪلي سامهون آهي. مان اسڪول ايندي ويندي ان مزار اڳيان لنگهيو هيس. جڏهن به ڪو ٻار مزار اڳيان لنگهيندو هو ته نوڙي شيدي بادشاهه کي سلام ضرور ڪندو هو. ٻارن کي ڏسي مون به ڇار دفعا نوڙي سلام ڪيو. اڄ لڳندي هئي ته ڪنڍ جو ڪونجو پري مزار ٻاهران ٿلهي تي رکيل مٽڪن مان پاڻي پيئندو هيس. اندر شيدي بادشاهه جي مزار هئي جنهن تي سدائين تازا گلاب چڙهيل هوندا هيا ۽ اگربتيون ٻرنديون هيون. اهي اگربتيون ۽ تازا گلاب ’دلبري‘ پنهنجن هٿن سان چاڙهيندي هئي. مون ’دلبري‘ کي ڪيترا دفعا اتي دعا گهرندي ڏٺو. شايد انهن دعائن جي بدولت دلبري وڏي ترقي ڪئي.

انبالا هوٽل سامهون هن چڪلي ۾ ڇهه ماڙ عمارت تعمير ڪرائي، جنهن ۾ پنجويهه ڪمرا هوندا هيا. هر ڪمري اڳيان ستن اٺن ماڻهن جي قطار هوندي هئي ۽ قطار ۾ موجود هر ماڻهوءَ جي کيسي ۾ ڪا ڍڳ روپيا ضرور هوندا هيا. جڏهن هجرت ڪان چوڏهن سو سال پوءِ سکر ۾ اسلام نافذ ٿيو ته اها عمارت ويران ٿي وئي ۽ دلالن بصرن جو ڪاروبار شروع ڪيو.

لال بازار جي ڪابي پاسي جانورن جي اسپتال هئي.

هيڊي پٽر مان ٺهيل اسپتال جي پٺ ڪمرن اڳيان وسيع ميدان هوندو هو. صبح جي پهر ان ميدان ۾ ڊورن کي ڏسي هڪ ڊاڪٽر وڏيون پتل جون سيون پري هٽندو هو ۽ شام جو ساڳيو ڊاڪٽر بئريج روڊ تي ماڻهن جو علاج ڪندو هو. دوا ساڳي هوندي هئي، ڇڙو سيءَ جو فرق هوندو هو. ماڻهن کي اهو پتل جي ٿلهي سيءَ بجاءِ ٻاٽلي ۾ ٿهڪايل شيشي جي سيءَ هٽندو هو. ان ڪان ڊور گهٽ ۽ ماڻهو وڌيڪ علاج ڪرائيندا هيا. اهو ڊاڪٽر قد جو ننڍو ۽ ڦڙتيلو هوندو هو. مٿي تي ٽوپلو

ڊاڪٽر رسول ميمڻ

۽ ٻو ٻدل هوندي هيس. هن کي هٽلر جهڙيون مڇون هونديون هيون. تمام گهٽو ڳالهائيندو هو ۽ هر ڳالهه ڪانپوءِ ’صلي الله... صلي الله‘ چوندو هو. سندس دوڪان جي هڪ پاسي گاسليٽ جي چلهي تي ٻاٽلو رکيل هوندو هو جنهن ۾ سدائين سُيون پيون ٽهڪنديون هيون. ۽ مريض به تڏهن مطمئن ٿيندا هيا جڏهن کين سئي لڳندي هئي. جيڪڏهن ڪنهن کي سئي نه هٽندو هو ته اهو پاڻ فرمائش ڪندو هو، ’ڊاڪٽر سئي نه هٽندين ته ڇاڪ چڱو پلو ڪيئن ٿيندس؟‘

ان ڊاڪٽر جي ’پولي واري سئي‘ تمام مشهور هئي. ماڻهو پري پري کان پولي واري سئي هٽائڻ ايندا هيا. ان سئيءَ جي دٻي مٿان هڪ پولي جي تصوير هوندي هئي. اهو پولو بئي هٿ مٿي کي ڏئي ويٺل هوندو هيو ۽ سندس ڪنڌ هيٺ ائين جهڪيل هوندو هو جيئن فڪرمنديءَ مان پنهنجي انگ ڏانهن ڏسندو هجي. پولي واري سئي لڳڻ ڪري مردانگيءَ ڪان ويهجي ويل ماڻهو چاڪ چوبند ٿي ويندا هئا. شهر جا ڪدڙا فقير هر دوڪان تي تاڙيون وڄائي خيرات وٺندا هيا پر ڊاڪٽر جي دوڪان تي نه ايندا هئا. اهي پاسيرا ٿي لنگهي ويندا هيا. ڊاڪٽر ڪنهن مريض کي سئي هٽندي انهن کي ڏسندو هو ته پريان سئي ڏيکاري کين چوندو هو، ”ڪدڙن جو علاج... هڪ سئي...“

هو سئي هٽي دٻيءَ کي ڏاڪي ۾ لڙڪائي ڇڏيندو هو. ان جي دوڪان ۾ سئين جون دٻيون جهنڊين جيان لڙڪنديون هيون. تڏهن ايم بي بي ايس ڊاڪٽر نه هجڻ برابر هوندا هيا ۽ اهو ڊورن جو ڊاڪٽر بئريج روڊ جو وڏو ڊاڪٽر هو. جڏهن ايم بي بي ايس ڊاڪٽر آيا ته ان جي ڪلينڪ ويران ٿي وئي.

ڪيس سهڪي جي بيماري ٿي پئي، ڪنهن ڪيس ڏس ڏنو ته گجرانوالا ۾ هڪ اهڙو سرجن آهي جيڪو ڳچيءَ وٽانس ڪٽي ٿو ته ماڻهوءَ جو سهڪو ختم ٿي وڃي ٿو. هن کي خبر نه هئي ته ڪو گجرانوالا جو اهو ڊاڪٽر به عطائي آهي. جڏهن ان کان نس ڪٽائي موٽيو ته مهيني اندر مري ويو. ڊورن جي اها اسپتال بند ٿي وئي. ميونسپل وارن اسپتال کي سبزي منڊيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. جتي بصرن پٽاٽن ۽ هنداڻن جا ڍير لڳل هوندا هيا.

’دلبري‘ جا سڀ دلال سبزي منڊيءَ جا دلال بڻجي ويا ۽ اهي بصرن مٿان بيهي انهن کي ائين نيلام ڪندا هيا جيئن مصر جي بازار ۾ جسم نيلام ٿيندا هجن. ماڻهن جا ميڙ واڪ ڏيندا هيا ۽ ’هڪ... ٻه... ٽي.‘ ڳڻڻ ڪانپوءِ اهو بصرن جو ڍير وڪامي ويندو هو.

لال بازار جي سڄي پاسي پير ڳوٺ اسٽينڊ ڏي ويندڙ رستي تي هڪ وڏي ٽانڪي ٺهيل هوندي هئي. اها ٽانڪي ڏسڻ ۾ صفا ٺڏي پاڻيءَ جي سبيل جهڙي هوندي هئي پر اها سبيل نه، ٽاڙيءَ جي ٽانڪي هئي، جنهن هيٺان هڪ نل لڳل هوندو هو ۽ پاسي سان ويٺل هڪ شخص پئسا وٺي ٽاڙي پري ڏيندو هو. ماڻهو اتي بيهي پيئندا هيا يا گهران برتن ڪٽي ايندا هئا. اهو شخص ڇئن آنن ۾ دلي پري ڏيندو هو. ٽاڙي ڇٻي ڏڌ جهڙي هوندي هئي، جنهن جي پيئڻ سان نشو طاري ٿيندو هو. ٽاڙي سنڌ جو تاريخي بيئر آهي. سکر جي ڀرپاسي کجين جا باغ آهن جيڪي خيرپور ۽ گمبٽ تائين ڦهليل آهن.

اهي انهن ڏينهن جا يادگار آهن جڏهن محمد بن قاسم اروڙ تي حملو ڪيو. عرب فوجن ڪارڪون ڪائي ڪوڪڙيون اڇلايون ته اهي وڻ ٿي پيا. سنڌ جي موسم عرب جهڙي آهي جنهن ڪري هت به رسيل ڪارڪون عام آهن. ٽاڙي کجين جي پيداوار آهي. کجيءَ جي ٿڙ ۾ سوراخ ڪري برتن ٻڌو ويندو آهي. ٽاڙي ڪير جيان ٽيپو ٽيپو وهي برتن ۾ گڏ ٿيندي آهي. ننڍي هوندي مون هڪ ٻار کي گهڙيءَ ۾ ڪريل ڏٺو هو، ان جو پيءُ جنهن جو نالو ’بادل‘ هو ٽاڙي پيئندو هو. سندس گهر ۾ هڪ دلي سدائين ٽاڙيءَ سان ڀريل هوندي هئي. ٻار به گلاس پري پيتو هو ۽ نشي ۾ اونڌي منهن ڪري پيو هو. ائين اونڌي منهن ڪريل مون ’سڪندر‘ کي به ڏٺو هو، جيڪو ذات جو ڊکڻ ۽ ڪاٺ جو لاجواب ڪاريگر هو. ان اسان کي هڪ خوبصورت مچرداني ٺاهي ڏني هئي جنهن ۾ ڪاڏو محفوظ رکيل هوندو هو. مان رسيس مهل اسڪول ڪان ڀڄندو گهر ايندو هيس ۽ اها مچرداني کولي ماني ڪڍي ڪنڌ وجهي گول ڪري کائيندو هيس.

سڪندر جي ماءُ مري وئي ۽ ماءُ جي غم ۾ هو صفا چريو ٿي پيو. نشو ڪندو هو ۽ پاڙي ۾ اونڌي منهن پيل هوندو هو. هڪ دفعي جڏهن اونڌي منهن پيل هو ۽ اسان ٻار ان جو ڏاري ٻيٺل هياسين ته مائي زليخان جيڪا منجهند وقت ڪٽاڻ ورتيون پئي وئي ته ڪيس سڪندر تي رحم اچي ويو. سوچيائين، جوان ڇوڪر آهي، چونڊ ڪٽاڻ ڪارايان سندس نشو ٽٽي ۽ گهمڻ ڦرڻ جهڙو ٿئي. مائي زليخان ڪٽاڻ وٺيءَ ۾ وجهي سڪندر کي ڏئي چيائين، ”پٽ بک لڳي هوندئي، کاءُ.“

سڪندر سمجهيو، شايد ٻوڙ آهي. جيئن ڏُک پري ڳيت ڏنائين ته وٺي رڙيون ڪيائين.

”پاڻي ڏيو... پاڻي ڏيو؟“

مان ڊڪندو گهر ويس ۽ شيشي جي گلاس ۾ پاڻي پري آيس. هن پاڻي پي، شيشي جو گلاس مائي زليخان کي وهائي ڪڍيو.

”خدا جي مار پوئي رن، منهنجا نشا ئي ٽوڙي ڇڏيئي.“

گلاس مائي زليخان کي جنگهه ۾ لڳو ۽ روڊ تي ڪري پچي پيو.

زليخان جنگهه مهٽيندي چيو،

”اڙي ابا، پٽ جيڏو آهين، ڇو ٿو جواني برباد ڪرين؟“

مان سوچڻ لڳس. ان جي جوانيءَ کي لڳي باهه. اسان جو شيشي جو گلاس ڀڄي پيو.

سکر ۾ ڪجهيون گهٽيون هجڻ ڪري ڪارڪون جام ٿينديون هيون. تڏهن پيڪنگ ڪرڻ واريون فيڪٽريون نه هيون ۽ نه ئي ڪوڪڙيون ڪڍي انهن ۾ بادام وڌا ويندا هيا. بازارون ڪارڪن سان ڀريل هونديون هيون. گهٽين ۾ ٿاڪ منجهند جو جڏهن ڪانءَ جي اک نڪرندي هئي. گاڏي وارا هوڪا ڏيندا هيا.

”پئسي پاءُ، جهول ڀري ڪاءُ.“

سکر جي گرميءَ ۾ گاڏن تي ڪارڪون ائين رجنديون هيون جو گاڏي جي پاسن کان رسُ ماکيءَ جي لار جيان ٽيپو ٽيپو ٽي گرم روڊ تي ڳڙندي هئي. ڪپت ڪان اپت وڏيڪ هجڻ ڪري مارڪيٽ ۾ ڏپ ڪري ويل ڪارڪن جا ڍير هوندا هيا. ٽرانسپورٽ نه هجڻ ڪري اهي شهر ۽ پسگردائيءَ تائين محدود هونديون هيون. مون تڏهن بازار ۾ ڪارڪن جا اهڙا قسم ڏٺا جيڪي اڄڪلهه ناياب آهن. مون کي ياد آهي ڪارڪ جو هڪ قسم صوف جيڏو هوندو هو جنهن ۾ تمام ننڍي ڪوڪڙي هوندي هئي. ان ڪوپي قسم جي ڪارڪ کي جهنجهڻ جيان وڄائيندا هياسين ته اندر ڪوڪڙي کڙڪندي هئي. مون ننڍڻ اُس ۾ غريب ڳوٺاڻن کي ڇڳل جتي پائي ’ترمغزي‘ وڪڻندي ڏٺو. اهي ڳوٺاڻا جيڪي ڪجهيءَ جو مٺيون ٽڙ ڇيري ان مان تر مغزي ڪڍندا هيا. اڪثر شهر جي سنڌي پاڙن ۾ نظر ايندا هيا. مهاجرن کي تر مغزيءَ جي خبر نه هئي. اهي نه ٻهه ڪائيندا هيا، نه ڏوڏيون. اهي لوڙهن ۽ ڦُمن جي نالن کان واقف نه هيا. انهن کي صرف ڪارڪون وڻنديون هيون. جيڪي اسلامي ڦل هيون ۽ اهو سڀ اسلام جو ڦل هو جو ڪين اچڻ شرط حلوي سان ماني ملي. شهر جو گودو انهن حوالي ڪيو ويو ۽ سنڌي ڪل تائين محدود رهيا. مان محسوس ڪندو هيس، اهي مهاجر سنڌ ۾ اچڻ ڪانپوءِ ڏاڍا خوش هيا پر انهن ۾ اهڙا به هيا جن اچڻ ۾ دير ڪئي ۽ سندن زندگي ڏاڍي ڏکي گذري.

ننڍي هوندي مان تر مغزي ڏاڍي شوق سان کائيندو هيس. ننڍڻ اُس ۾ ان تر مغزيءَ جو ذائقو برف جهڙي هوندو هو. اهو مون کي ڇُريءَ سان چاپ جهڙا ٽڪر ڪٽي ڏيندو هو ۽ مان ڪيس فرمائش ڪندو هيس.

”تر مغزيءَ سان گڏ ٿورا ڳرڪون ڪٽي ڏي.“

اهي ڳرڪون تر مغزيءَ مٿان ٻيٺل هوندا هيا. ڇو جو تر مغزيءَ کي ٽڙ مٿان ان جاءِ تان ڪڍي ويندو هو جتان وڻ جون ڇڙيون نڪرنديون آهن.

اهي پيرون ۽ ڄانگرا ٻير جيڪي انهن ڏينهن نصيب ٿيا وري نظر نه آيا. اهي پيرون جيڪي رس سان ايڏا ته ڀريل هوندا هيا جو انهن مٿان ڪل ڦاٽل هوندي هئي ۽ ڄانگرا ٻير جن ۾ رس ڪانسواءِ ڪجهه نه هوندو هو. مون کي ڪنول جا گل، گلاب جي گلن کان وڌيڪ وڻندا هيا. سکر پرسان جتي هاڻي بس اسٽينڊ آهي هڪ ڍنڍ هوندي هئي جنهن ۾ نيري رنگ جا ڪنول هوندا هيا ۽ انهن ۾ آڙيون ترنديون هيون.

مون کي اهو جوڳي ياد آهي جنهن مون سان دوکي بازي ڪئي هئي. اهو منجهند جو مرلي وڄائيندو پئي آيو. مون در کولي ماني ڪيس خيرات ۾ ڏني هئي. ان جوڳيءَ ٽُٻڻو کولي، مرلي وڄائي واسينگ جي لهر ڏيکاري هئي ۽ پوءِ پيار مان چيو هيو،

”مان ڪن ڦاڙ جوڳي آهيان. مون وٽ تولاءِ خاص سوکڙي آهي.“

منجهند جو وقت هو. گرميءَ ڪري سُڄ لڳي پئي هئي. مان جوڳيءَ جي ڳالهين ۾ اچي ويس.

”ڪهڙي سوکڙي- ڏيکار؟“

جوڳيءَ هڪ اڳڙي ڪڍي جنهن کي ڳنڍ ڏنل هئي. هن ڳنڍ ڏيکاريندي چيو، ”ڏس، تون ڪيڏو نه ڪمزور ۽ هيڊو آهين. هيءَ ڳنڍ ڪپڙي ۾ سبي، ٻانهن ۾ ٻڌندين ته پيران پير توکي پناهه ڏيندو. تون ڳاڙهو ڳٽول ٿي پوندين.“

مون کي ڳالهه دل سان لڳي. مان ننڍي هوندي ڏاڍو ڪمزور هوندو هيس. پاسيريون ظاهر ٿينديون هيون. مون سوچيو جوڳي آهي. ڪوڙ ڇو ڳالهائيندو؟ مون ڪيس چيو، ”اها سوکڙي ڏي ته پل صحتمند ٿيان.“

جوڳي مرڪيو ۽ چيائين، ”ته پوءِ توکي به ڪا سوکڙي ڏيڻي پوندي.“

مان گهر ويس ۽ شيشي جو گلاس آڻي ڪيس ڏنم. جوڳيءَ ٻنهي هٿن سان گلاس ورتو. ڳنڍ مون حوالي ڪئي ۽ مرلي وڄائيندو هليو ويو. جڏهن امڙ کي اها ڳنڍ ڏيکاريم ۽ ٻڌايو مانس ته اها جوڳيءَ ڏني آهي. تعويذ وانگر ڪپڙي ۾ سبي ڏي ته ٻانهن ۾ ٻڌان. ڇو جو ان چيو آهي ته ڳنڍ تعويذ جيان ٻڌڻ ڪانپوءِ تازو توانو ٿي ويندس.“

پهريان ته امڙ به خوش ٿي ڇو جو ڪيس خبر هئي ته منهنجي صحت ٺيڪ نه آهي ۽ جيڪڏهن جوڳيءَ جي دعا سان صحتمند ٿي وڃان ٿو ته ان مٿان هڪ درزن شيشي جا گلاس به قربان.

امڙ کي اها ڳنڍ ڪپڙي ۾ سبڻ کان اڳ خيال آيو ڇو نه کولي ڏسان ته ان ۾ آهي ڇا؟ مان امڙ کي گهڻو سمجهايو ته جوڳيءَ منع ڪئي آهي جيڪڏهن ڳنڍ کوليندين ته ان جو اثر ختم ٿي ويندو. پر امڙ هر هر آڱرين سان ڳنڍ اندر موجود شيءِ کي محسوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي. اها نه مڙي ۽ نيٺ ڳنڍ کوليائين. ان ۾ اندر هڪ لونگ. ٻه ڪارا مرچ. ننڍو فوٽو. جيرو ۽ دالچيني پيل هيا. اهو ڏسي امڙ مايوس ٿي وئي ۽ ڏک مان مٿي تي هٿ رکي چيائين،

”ها پٽ، ڪڏهن گرم مصالحو به صحت لاءِ سُٺو هوندو آهي؟“

(هلندڙ)

سالگره مبارڪ

سوجهرو ساٿين ۽ سنڌي اديبن، مصطفيٰ انڙ، منير پنهيار، شاهنواز راڄپر، اسحاق انصاري، جعفر جاني، اياز گل، جامي چانڊيو، سليمان وساڻ ۽ ٻين پڙهندڙن توڙي لکندڙن کي سالگره مبارڪ.

(ادارو)

غزل



امداد حسيني

بارش کي رُناسين نه ڪو ساگر کي رُناسين
ميخاني ۾ خالي ڏسي ساغر کي رُناسين
گرجا نه ڪو مسجد نه ڪو مندر کي رُناسين
انسان جي تاريڪ مقدر کي رُناسين
ٻانهن ۽ هٿن کي نه ڪو ڌڙ سَر کي رُناسين
ساڻيهه جي ان رت رتي منظر کي رُناسين
ڪو لفظ لهو رنگ لڙيو ڪو نه پئي تي
’امداد‘ قلم، مَسُ ۽ ڪاڳر کي رُناسين

(ق)

مسواڙ جو گهر هو مگر اُن گهر کي ڇڏيندي
ريهون ڪري اُن رات اُنهيءَ گهر کي رُناسين
ڪولي جو ڪڏهن ٻانهون سڏيندو هو اندر
نڪتاسين جو اُن در مان ته اُن در کي رُناسين

(ق)

اصغر کي اڃارو ئي مَسين رَڃَ ڀرياسين
قاسم کي رُناسين وري اڪبر کي رُناسين
لڙڪن ۾ وهايوسين ٻچيو جو به لهو هو
نيزي تي چڙهيل شاهه سندي سَر کي رُناسين

ٻنان عنوان

گل گلاب هٽي ڪنڌي ۾، پنهنجو لهجو مَکي چکي مُرڪي کَوڙي کُوڙي کُوڙي، ڳالهه اهڙي ڪا ڇئي وئي ڦڪي ڇڏيان سا يا اُڇلايان، ڳيهان يا مان ٽُڪي ڇڏيان چانديءَ جي پني ۾ ويڙهي، وهُ جي ڇپٽي ڏئي وئي نيش ڪُپائي وئي شهه رڳ تي، چُميءَ ڏيڻ جو مِهُ ڪري اهڙي ڪا نه ڪئي وئي ڪنهن سان، جهڙي مون سان ڪئي وئي.

اگر

لفظ جي رَتَ رتل آهه ۽ هٿ ۾ به قلم جي آهي اگن اندر ۾ اگر آهه. ڀَهر چشم به نم جي آهي غم وڃائڻ جو اڃا آهه. پرائڻ جو اُدم جي آهي پوءِ ته منزل به پري ناهه. اِجهو صبح جو تارو اُڀريو هَٿَ ۾ هَٿُ اگر آهه. قدمَ ساڻ قدم جي آهي.

دوهو

اڃي اُجري ڏينهن تي، ڀاري ڪاري رات
ڪانگ ڀڃي ٿو هنج کان، ڪهڙي تنهنجي جات

سورٺو

مُنا! مِٺجين اِيئَن، جيئَن مِٺايم سِٽَ کي
تُن تُن ٿيندين ٿيئَن، رنڊٽي مَنجهه پَرُوڻُ جو.

بيت

پاڻ لڪائي، پاڻ ڪان، پاڻ ئي پئي ڪاتومِ
سِيرُون سِيرُون ٻُڪَ ۾، پاڻي پئي پاتومِ
ڳَونگن ٻوڙن جي اڳيان، ڳيت پئي ڳاتومِ
اَنڌن آڏو مُڪ تي، لال لهُو لاتومِ
ڄاڻي جي ڄاتومِ، ته ڪجهه به ڄاتم ڪينڪي.

ڪربلا

ج. ع. منگهاڻي

مينهن وسي چڪو هو. پر جبل تي گڏ ٿي ويل پاڻي هيٺ ڪري وڏو آواز ڪري رهيو.

حوريءَ اڪريءَ ۾ ٻاڙها مرچ ڪٽي رهي هئي.

مٽي ۾ منهن ڪي پوتيءَ جي پلئہ سان ڍڪي ڇڏيو هئائين. سندس اندر ۾ وڍ هئا ۽ اپ جيان سندس اکيون بہ آگميل هيون. اپ روئي ماٺ ڪري چڪو هوءَ پر سندس نيڻن مان جر جاري هو.

ڇڪو تازو ڇاول گلرن سان ڪيڏي رهيو هو. گلر ڪڏهن ڪتيءَ ڪي ٽئي چنبڙيا تہ وريو ڪڏهن ڇڪوءَ ڪين پاڻ ڏانهن ٿي ڇڪي ورتو. ڪڪر زور سان گجي رهيا هئا.

*

"حوران، اي امان حوران." ڏاڏيءَ بصران اڱڻ ۾ پير وجهندي سڏ ڪيو.

"هئو ڏاڏي هئو هيڏي آءٌ."

گهر اندران ئي حوريءَ ورندي ڏني.

"نہ امان، ايڏي ڪانہ ٿي اچان. اندر ڪوٺي ۾ گرمي گهٽي آهي. هتي ٿي وڻ هيٺان وهان. گوڏن جي سور ڪان مران ٿي. هيٺ پٽ تي ويهي نٿي سگهان. آءُ اچي ڪٽ لاهي ڏي."

حوري ٻوهارو هٿ ۾ ڪنيو آئي. ڪٽ لاهي ڏنائينس ۽ پاڻ وري اڱڻ تان ٻوهاري هڻڻ لڳي.

"ساهہ ڪونهيم هيڏن پنڌن جو. تون هيڪلي آهين سو لاچار ڪري ٿي اچان."

"ڏاڏي، مونکي هيڪلي الله ڪيو آهي. ڀين جو ڏوهہ ڪونهي. باقي اهو ضرور ڏک اٿم جو پنهنجن سيني ديوارون هٽي ويڙهي منجهان ئي ٽولي ڪڍي ڇڏيو آهي. غريب آهيون اهو ڏوهہ آهي اسان جو."

حوري اڱڻ تان مٽيءَ جا دوساڙا ڪري ٻوهاري هٽندي ڏک اوريو.

ڏاڏيءَ پنهنجو رئو منهن تان ورائيندي چيس، "هري هري ڇندڻو هڻ امان، مونکي تہ مٽي مان لٽي ڇڏيئي. ڀهرين پاٽيءَ جو ڇاٽڪارو ڏيئي پوءِ ڇندڻو هٽندي ڪر."

"هئو ڏاڏي، اڳي ايئن ئي ٿي هٽان اڄ دير ٿي ويئي سو ڇاٽڪارو ڪرڻ وسري ويم."

"هئو امان، ڏوهہ ڪونهي تو ڪي بہ. هيڪلي آهين سڀ ڪم پاڻ ٿي ڪرين."

"قاسو، دادن، گلو ۽ رمون ڪٿي آهن؟ ڀاڄي ڀتي ونڻ جهڙا بہ ناهن! جو تون جوانڻ جماڻ ٿي ڀاڄيءَ لاءِ وڃين. لخ لانت اٿن بي گوندرن ڪي. نڪو ڪم نڪو ڪار سڄو ڏينهن هٽن هوٽلن تي ٽا ٽڪون جهلين بي غيرت."

"ڇڏين ڪٽي ڏاڏي، اڳيئي مان تي راشن ڀاڄي آٽيان."

"تون بہ امان، انهن ڪمن ۾ راضي آهين. زالاٽا ڪم سيبو ٿوپو، تنوڻ تندو نہ! باقي ٻاهر وارا مڙساٽا سپيئي ڪم خوشي مان ڪرين. ڦڪي بہ ڪونہ ٽيئين. پاڻ ۾ نهاريو اٿئي. ڪيڏي اچي ٿي آهين."

ڏاڏي بصران حوريءَ ۾ ڏک ۽ خار مان نهاريو جيڪا پنهنجي مضبوط هاٺي ڪاٺيءَ ۽ ٺاهوڪي مهانڊي سان اڳيان تاٽيل ٻيٺي هئي. ڏاڏيءَ ڪٽي اکيون هيٺ ڪيون.

"حوران، مان تو ۾ نهاريندي بہ ڊڄان ٿي تہ متان نظر نہ لڳيئي. هيڏي اچي ڪٽ تي ويهہ تہ قل ۽ حسد جي صورت سڳوري پڙهي ڦوڪيان. باقي انصاف آهن امان تنهنجا بہ. نڪو ٿي ڀائرن ڪي چوين نڪو ٻيو. جيڪا بہ شي ڪپئي ٿي ان لاءِ بندوق جي گوليءَ جيان ٿي ٻاهر نڪرين. نہ نڪرندي ڪر."

"..."

"هاڻي اڳيون وقت ڪونهي جو پنهنجا پاڻ ۾ هوندا هئاسين. هاڻي تہ ستن ديسن جون وڻ وڻ جون ڪاٺيون اچي گڏ ٿيون آهن. نڪا سڃاڻ نڪا پرک سڃائيءَ ٻيڄڙائي جو سر نڪو پتو. ڪير اشراف آهي ڪير لُچ آهي سڌ ئي ڪانهي."

*

"ڏاڏي، تون ويٺي هڄ تہ مان تندور تان ماني وٺي ٿي اچان."

حوري، ڏاڏي جي ڳالهہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ٻاهرين در کان ٻاهر نڪري ويئي. ڏاڏي رڳو حيرت مان ٻاهرين در کي تڪيندي رهي جيڪو نڪاءَ سان بند ٿي ويو هو. ڏاڏي آڱر ڏندن ۾ جهلي نڪ تان ڦيرائي ڪنن جي ٻنهي پاپڙين کي جهلي توبہ ڪرڻ لڳي.

"توبهن منهنجا رب ڏٽي. هن ڌيءَ کي ساجهہ ڏي."

در وري نڪاءَ سان کليو. ڏاڏيءَ نهاريو.

"هئو ابا هئو، اوهان بہ سامائي نالي ڪڍيو."

"ڇا ٿيو ڏاڏي؟" قاسو ڏاڏيءَ جي پير ۾ ڪٽ تي وهندي چيو.

"ابا، اوهين هيڏا سارا چار ڀائر آهيو اوهان ڪان هڪ ڀيڻ نٿي سنڀالي ٿئي."

"ڇا ٿيو، ڪيئن نٿا سنڀالي سگهون؟"

"هيءَ جا حوران هير بہ تندور تان ماني وٺڻ ويئي آهي، اهو ڇا آهي؟"

قاسوءَ ٺهڪ ڏيئي جتا پيرن مان لاهي ٽنگون مٽي ڪري چيو، "آئون چوان الائي ڇا ٿيو آهي؟"

"اها ڪا ڳالهہ ئي ناهي؟"

"خير آهي خير ڏاڏي."

"ڏوڙ خير آهي. جوانڻ جماڻ ڌيءَ دڪانن تي پيئي ڌڪا جهلي. خير آهي خير ڏاڏي!!"

ڏاڏي قاسو جو اهل ڪئي تہ قاسو کلي چيو،

"ڏاڏي هاڻي اڳوڻو اوهان وارو زمانو ڪونهي. هي ڊشون ۽ ليڊون ڏسين ٿي ڪي نہ؟"

ڏاڏي ڪي درڙي اچي ويئي.

"ڄيرو ڏين آئون ڪونہ ٿي ڏسان اها چم چمان. خدا اچي ڪاريو آ ملڪ ڪي. باقي شابس آهي اوهان ڀائرن ڪي بہ سارو راڄ ٿو کلي اوهان تي تہ هڪڙي ڀيڻ نٿا سنڀالي سگهن. اوائيءَ ڪوڊيءَ جيان ٿي هلي."

قاسوءَ ڪي هيٺيائين تيلي لڳي. پڙڪي اٿيو.

"سڃاڻان ٿو راڄ ڪي. مون تہ ٽڪ هٽي سيني ڪي ڇڏي آهي."

پوءِ سڄي بہ +آخ ٿو- ڪري پٽ تي ٽڪ اڇلائي اٿيو.

"ڏاڏي، تون اسان وٽ اچين ٿي تہ اسان جو هانءُ بہ خوشي مان هيڏو ٿو ٿئي." قاسو ٻئي ٻانهون کولي چيو.

"باقي انهيءَ راڄ ڀاڳ جو نالو نہ وٺ منهنجي اڳيان. تون تہ پاڻ شاهد آهين سيني ڳالهين جي. پوءِ ڪيئن ٿي مونکي مياري ڪرين؟ مون ڪاڪي سانوڻ کان پنهنجي لاءِ سڱ ڪونہ گهريو هو؟ ڪهڙي خرابي هئي مون ۾ جو انڪار ڪيائين! نشو ٿو ڪريان. ڌنڌو ڪونهي. گهر ڪونهي ٻڌاءِ ماني نہ هئي مون وٽ جليءَ لاءِ. ڇا هو؟ پوءِ وري جتي جليءَ کي ڏنائين، اهو تہ بس پل ڀانئين آهي. جانو ڇا ۾ مونکان مٿي هو. سڄو ڏينهن ٿو ڇوڪرن سان هلي ۽ ڪيچلون ڪري. ڇڏ ڏاڏي، چور نہ اسان ڪي. اسان جو اندر سڄو ڦٽيو پيو آهي. سيني مٿن مائٽن کان هٿ ٻڌا سين رڳو اسان جي جند ڇڏين."

قاسو روئڻهارڪو ٿي وري ڪٽ تي ويهي رهيو. ڏاڏي کيس پيار مان کلهي تان هٿ ڦيرائي چيو، "ابا، اها ڳالهہ ناهي. ڪاڪو بہ تنهن جو هوءَ تو تي حجدار هو چيائين تہ حوران ڌي تہ جلي ڏيان. وري بہ جليءَ تي کيس بہ سڱ مليا آهن."

"ڏاڏي، تون پاڻ ٻچڙيوال آهين. تون پنهنجي هانءَ تي هٿ رکي چئو تہ ولو سڱ جي لائق هو؟ ڪٿي اسان جي ڀيڻ ۽ ڪٿي هي ڏيڍ گرانيو ڪاٺو ڪوجهو ولو! ڪاڪي وٽ بہ انصاف ڪونهي. ٻيون تہ سڀ بيواجبيون ڪيائين پر ڀچاڙيءَ ۾ اسان کي ديوارون ڏيئي ڇڏيائين."

"ابا، ولو ڪٿي آهي ڪاٺو ڪوجهو؟ ٿورو اک ۾ ڦير اٿس. قد ۾ بہ پنهنجي ڀيءُ جي برابر آهي."

"نهيو ڏاڏي نهيو، اهي سهٽا سناءَ اسين خراب بس! هاڻي اسين ڇاٽون ۽ هي، جن کي اوهين سڀ ڏاريا ٻي قوم

تا چئو. سيني پنهنجن اسان مان هٿ کڍيا. ٺهيو گهوريو. ملڪ مولا جو وڏو آهي. ٻي ٻي گهڻي خلق آهي. مئا سين تہ متان اچي منهن تي پلوءُ ڏيئي نہ روئن. ڌاريان پاڻهي ڌوڙ ۾ ڌريندا . چانو ۾ نہ پلي اُس ۾. هٿن سان نہ پلي لتن سان پر ڍڪجي ويندا سين. پنهنجن جي طعنن کان تہ بچي پونداسين.”

قاسو، کنڌ هيٺ ڪري ڏک سان ڳالهائيندو رهيو. ڏاڏي بہ سندس جوڙ هئي. ڪيس سندن ڏک بہ گهٽو ئي ٿي ٿيو. نہ پائين تہ ڪيئن سمجهائي.

“ڏس ابا، سياڻن چيو آهي تہ لٺ هٿجي پاءُ پاران ڳالهہ ڪجي خدا ڪارڻي. ڏسء هير انهن جا ملائڪ بہ ڪونهن. ڪاڪو بہ تنهنجو تہ پڦيون بہ تنهنجونء ماما بہ تنهنجا تہ ماسيون بہ تنهنجيون. پر جيڪو بہ تو ڳالهايو آهي سو سڀ هڪ طرفو ۽ بيواجبي!”

“واهہ ڏاڏي واهہ، اسان جو ڏک ڪرڻ ٺهيو اجان ٿي چوين تہ بيواجبي ڳالهايو اٿم. ڏاڏي تون بہ شرعا جو گهر آهين.”

“ابا، پاڻ ڪي بہ ڏسجي! الله رکئي پنهنجي ڌيءَ ٿي ڏنئي اها نہ ڪنئين. رحمت ڌي ٿي ڏنئي اها بہ نہ ورتوَ. اجا بہ اهي مياري! هر ڪنهن کي پنهنجي عزت مٺي آهي. ڌيئون نياڻيون ڪڙيون ڪونهن پر ائين مورا ڪو ٿيندو آيو آهي تہ پيءَ جي گهر ۾ ڌي لاءِ هنڌ ڪونهي سو انهن توکي سڌ ڪري ٿي سڱ ڏنا.”

قاسوءَ کي پراڻا سور ڦتڪائي ويا.

“ڪاڪي الله رکئي جي ڌيءَ مون کان ڏهہ سال وڏي هئي. پڦي رحمت جي ڌيءَ... تون پاڻ چئو تہ منهنجي لائق هئي؟”

“ابا، ڳالهہ چوندي سچي. پوري ٿي ڪورو ٻري تہ پلي ٻري. توکي سواءِ جليءَ جي ٻي ڪا ڪپي ئي ڪانہ ٿي. نہ تہ پنهنجائپ ۾ نندوڏائي ۽ شاهيگ ڪشاهيگ ڪونہ ٿي ڏسجي. اوهان تہ پيڻ پائرن جي مٽي ئي رب اهڙي خلقي آهي جو سيپئي مٽ مائٽ ناري ڇڏيا اٿو. پوءِ بہ مياري اُهي! اڄ بہ جي انهن ديوارون ڏنيون آهن تہ بہ وڃي ڏسو تہ کهڙا ٿا مانَ ملنوَ. لڪي ٿا اوهان لاءِ روئن.”

“نہ روئن اسان لاءِ. ڪونہ ٿا ڪپن اسان کي سندن زباني ڏنا! مان تہ چڱو ٺهيس- پوءِ گلوءَ ۽ دادن کي سڱ ڇو نہ ڏنائون؟ گلوءَ لاءِ تہ لاکي وٽ سڱ گهرڻ لاءِ مان توکي ميڙ وٺي ويو هوس. پوءِ ڪيئن نہ ڇڙو پڙو جواب ڏنائين! لاکي واريءَ زال هٿ ڇنڊي تاڙيءَ سان ڳالهايو تہ ايڏانهن اوهان کي ڌيءَ ڪونہ ڏينداسين.”

“نہ ابا نہء ڪفر نہ ڳالهاءُ. ڦاپوءَ ويچاريءَ کهڙو تاڙيءَ سان ڳالهايو! بس اهو چيائين تہ جي بدي ۾ سڱ نٿا ڏيو تہ جندو پاڙو لکي ڏيو. هونئن بہ ابا هتي اوهان وٽ هاڻي زمين ڪٿي! سڀ وکٽي وڃي چيپاٽ ڇڏي اٿو. ڪيڏيون زمينون ۽ واڙا نہ هئا- سڀ تين وال ڪري ڇڏيوَ. نہ تہ هي اسان جو ڳوٺ شهر جي وچ ۾ آهي ۽ هن زمين جو ذرو ذرو قيمتي آهي پر اوهان سڀ ليلام (نيلام) ڪري ڇڏيو. اهو بہ ٺهيو. گهوريو پر انهن تہ ڌيءَ بہ ڏني ٿي تہ گهر ۽ زمين بہ.”

“اسين اڪين ٺپ ڪونہ آهيون ڏاڏي! جو پراون اڳٽن تي رهون. جيتري بہ زمين آهي چارئي پائر گڏجي رهنداسين. پراون پٽن تي ڌڪا ڪو نہ جهليندا سين.” قاسو چڙندي چيو.

“ڌڪا کهڙا، پنهنجن مائٽن وٽ رهڻ ڌڪا آهن؟ باقي هير ڌارين ۾ اچو وڃو ۽ اهي بہ اوهان کي لتوڙين ڪائين اهو چڱو.”

“لتوڙين کهڙو ٿا؟ ائين ڏاڏي تون پڻ خيال ڪري ڳالهاءِ . سچ پچ تہ ڏاڏي مان تنهنجو جيترو ادب ۽ لحاظ ٿو ڪريان اوترو الائي جي امان بابا جيئرا هئا تہ بہ ڪيم ڪي نہ. ڄاڻان ٿو تہ اسان جي گهڻ گهري آهين سو سڀ ٿو تنهنجي سهان. پيهر اهو لتوڙ ٻتوڙ نہ چئجان؟ اسين پاڻ غيرت وارا اهيون اهي جي اسان وٽ اچن وڃن ٿا تہ اسين بہ سندن مائٽن، زالن ۽ ڌيئرن ۾ اچون وڃون ٿا. اسان وٽ ٻيو لشڪر ڪونهي. هڪڙي حوري آهي تنهن کي هو پنهنجي ٻچن وانگي ٿا سمجهن. اسان جون بہ اکيون پٽيل آهن پوريل ڪونهن! انڌا ٻوڙا اسين بہ ڪونہ آهيون! سڀ ٻڌون ڏسون ٿا. هر ڪو پاڻ کي سنڀالي.”

قاسوءَ ڪجهہ ڏک ۽ ڪاوڙ مان ڳالهايو. پر ڏاڏي بہ ماٺ نہ ڪئي.

“ابا، آئون جي هيڏا چڪر هڻي پنڌ ڪري ٿي اچان تہ مٺي ڪونہ آهيان. نڪو ڪو گهر ۾ اٿو چڪو ڪٿو اٿم جو ٿي گرهہ لاءِ اچان. ڏک ٿو ٿيئيم اوهان جو- جو هنيئن ڪنيءَ مڃي جيان ڪٽي پاڻ کي ٻاهر اڇلايو اٿوَ. ابا، هاڻي بہ وقت ويو ڪونهي تون ٺهيو جي پنهنجن ۾ نٿو شادي ڪرين هروڀرو اچي ڌارين ۾ پلٽي ٻڌي اٿئي تہ وڃي لاڏو ٿي اچو منهن ڪر. پر هي جيڪي ٻيا پائر ۽ ڀيڻ اٿئي انهن کي وري بہ پنهنجن سان گڏء نہ تہ نکري ويندين عمر ساريءَ لاءِ. ائين هروڀرو ضد بہ چڱو ڪونهي.”

اجا قاسو کو جواب ڏي. نڪاءَ سان در کليو ۽ حوري مانيون ۽ ٻيو سامان کڻي گهر ۾ گهڙي. حوريءَ کي هيئن ڏاڏي اڳيان ايندو ڏسي قاسو ڦکو ٿيو ۽ کٽ تان اٿندي ئي حوري کي ڇنبو هڻي چيائينء “گهر ۾ سک آرام ڪونہ ٿو اچيئي. سڄو ڏينهن ڏک ڌڪان ۽ هل هلان ۾ آهين.”

حوريءَ کيس حيرت مان ڏسي چيو، “ڇو ڇنبو هنيو اٿئي؟ روز ڪونہ سودو آڻيندي آهيان؟ ڪڏهن اوهان آندو آهي؟ مان ئي تہ.”

قاسوءَ وري اجا زورائتو ڇنبو هيس تہ حوري ڊوڙ ڪري اچي ڏاڏي جي پٺيان لڪي ۽ ڏاڏي بہ کٽ تان هيٺ لهي آئي.

“ڇتو ٿيو آهين ڇا قاسو؟ ڇو ٿو نياڻيءَ کي مارين؟ سچ تہ چوي ٿي. اڄ وري کهڙي نئين ڳالهہ ٿي آهي. روز ٿي مان بہ اچان روز ٿي ڏسان تہ هيءَ آٽي ۽ اوهين ڪائو. سويل کان وٺي اهو ئي تہ پيئي رڙان.”

قاسو کي ڇيرا ٻري ويا. الار ڪري حوري ڏانهن وڌيو تہ حوري وات ڦاڙي ڳالهايو، “قاسو، هاڻي جي ڌڪ هڻنئي تہ مان رڙيون ڪري راڄ مچ ڪنديسء نہ تہ اشراف ٿي ويهي ماني کاءُ. ڏاڏي ويچاري بہ صبحوڪي آيل آهي بکي هوندي.”

قاسو وري اچي کٽ تي ويٺو. ڇڻ اڳيون قاسو ٻيو هو. ڏاڏيءَ وٽ بہ سندن افعال ساريل هئا. اها بہ وري اچي کٽ تي ويٺي.

“مان جيڏي مهل آئي هيس ان مهل ئي ڪائي آئي هيس. هير مونکي بک ڪانهي. اوهين رڳو امن ڪري کائو.”

“نہ ڏاڏي، تون بہ اسان سان گڏ کائيندءِ. تون جيڏي مهل آئي هئينءَ. ان مهل مانيءَ جو وقت ڪٿي هو؟ جو کائي آئي هئينءِ”

قاسو ماحول کي خوشگوار بنائڻ چاهيو. ڏاڏيءَ کي ڪرِوِر پي ٿي.

“ابا نہ مونکي ڪوڙ جي پري مٿي تي ڪانهي جو مڙيئي سڙيئي ڳالهائينديس. راتوڪو پٽ رکيو هو اهو ڪنڌ ۽ ڪير سان ڪائي آئي آهيان. اتي بہ جيڪر سمهي پوان پر حوران جي هيڪلائيءَ جو اوسو ۽ الڪو هوم سو هئين (هانءُ) ڪراڙ (قرار) نہ ٿيو. ڇيم وٽس وڃي سمهان.” حوري ماني کڻي آئي تہ گلوء دادن ۽ رمون بہ در نڪاءَ سان ڪولي اندر گهڙيا.

“ابا، هيڏا مڙس آهيو هي مئو در بہ اوهان کان جڙيو نہ ٿيو.”

ڏاڏيءَ سيني جا خار پڳل در تي ڍاريا. ماني ڏسي سيني جو موڊ سٺو ٿيو هو سو ڪورس ۾ ٺهڪ ٻريو. حوريءَ جو سنهڙو ٺهڪ سيني کان اُچو هو. ڏاڏي کيس گراڪ ڏيئي چيو، “امان، ڌيءَ آهين وات نندو ڦاڙ.”

قاسوءَ وري حوري ڏانهن ڇنبو الاريو تہ ڏاڏيءَ منهن ۾ گهنج وجهي چيو، “ٺهيو ابا ٺهيو. ماني ڪائو.”

ڏاڏي کي انهن ڏانهن نهاريندي بہ اوهڪ پي ٿيو سو پاسو ورائي سمهي پيئي.

*

ڏاڏي بصران پنهنجي گهر ۾ پوٺيءَ کي پي ميندا ويڙهيا تہ نندڙو ٻار ڊوڙندو آيو.

“ڏاڏي، حوري ٿي سڏ ڪريئي.”

“چاهي اباء خير تہ آهي؟”

“ڏاڏي، قاسو پيو حوريءَ کي ڪٽي.”

“ڏاڏي، سٺون تہ نہ ڏيء وار ٿا ڏکن.” نندڙي ساران رڙ ڪئي تہ ڏاڏي بصران بہ هٿ ڍرا ڪيا جيڪا حوريءَ جي ڪنجڻ جو ٻڌي خيالن ۾ هلي ويئي هئي. وري ننهن کي سڏي چيائين، “امان روزان، نندڙيءَ کي اچي چوٽي ويڙهہ تہ مان حوران کان ٿي اچان.”

روزان نڪ کي موڙو ڏيئي ايندي چيو، “مائي، ان ڇوريءَ تہ پٽ تپائي ڏنا آهن. سڄو جڳ هٿ کڍي ويو آهي پر تون اجا بہ پيئي هٿن جو ڇانئون ڪرين. ڇڏينس ڪٽي.”

ڏاڏي ڪاوڙ مان ڏانهس نهاري چيو، “امان، تون بہ ڄاين جي ماءُ آهين. ڊڄ مٿين مڙس کان. ڳالهائين تہ ائين پئي ڄڻ ڪا مٽي مائٽي ڪانہ اٿئي. سڳيءَ سؤٽ جي ڌيءَ اٿئي.”

“ها آهي سؤٽ جي ڌيءَ پر مرندو هر ڪو. مون واري سؤٽ جا بہ وڏا ڏاڻ، وڏيون ٻٽاڪون هيون تہ منهنجا ٻار سهڻا آهنء فلاڻا هيئن ڊينگڻا هيئن آهنء هر ڪنهن تي ڪلندي ٺوڪ هڻندي هئي پوءِ پڇاڙي ۾؟”

“توبهہ الله منهنجي زاري. مئن کي بہ بشڪ نٿي ڪرين! باقي سندس ٻار سهڻا تہ واقعي آهن. حوران ڪانہ ڏٺي اٿئي؟ نالو بہ حور پري اٿس. باقي وڏائي تہ رڳو رب کي جڳائي. تون بہ امان، سا ڳيو نسل آهين.”

تيسين ٻيو ٻار ڊوڙندو آيو.

“ڏاڏي، ڏاڏي، قاسو تندور واري کي رتو رت ڪري ڇڏيو آهي.”

روزان مشڪي پيئي.

“وري رن جهلجي پيئي آهي شاتہ (شايد).”

ڏاڏي روزان جا اهي لفظ ٻڌا الائي نہ ٻڌاء هر پرو جواب نہ ڏنائين. چادر مٿان ڪري پاڻ سان پاڻ ڳالهائيندي پٽڪندي نڪتي.

“ڇوڪري کي تہ الائي کهڙي نياڳ ورايو آهي. باقي مان بہ روز روز هٿن هوٺلن اڳيان گذرندي ڦڪي ٿي ٿيان. ڇا ڪريان! ڪو بہ ماڻهو پاڻ لاءِ اهڙو ڪونہ ڇڏيائيون آهي جو سندن پاران ورندي ڏي. هر ڪنهن سان اڙو لائي ويٺا آهن.”

ڏاڏي آئي تہ ڳوڙ گهمسان لڳو پيو هو. سيپئي پائر پيا کيس ڳالهائين ۽ لئز ڪن پر حوريءَ جي هڪڙي ڄاڙي عرش تي ٻي فرش تي هئي.

دوبدو تيئن ئي پيئي لئز ۽ گاريون ڏين. ڏاڏي کي ڏسي ڊوڙي وٽس آئي. دانهن ڪري اوڇگارون ڏيئي چوڻ لڳي، “ڏاڏي ڏاڏي، مان پاڻ کي مارينديس. باهہ ڏينديس.

هي سڀ مونکي جيئڻ نٿا ڏين. پاڻ کي ماريان ته هيڪاري سيني جي جند ڇٽي پوي.“

”هئو- هئو، مرُ ته ملڪ ئي ٺري پوي.“

قاسو به وڏي ڏاڏي وٽ آيو.

”ڏاڏي هي ڏس، قاسوءَ وارن مونکي ڏڪ هنيا آهن.“

حوري پنهنجون ٽنگون ٻانهون ۾ پنا ڏيکاريا جتي ساوا دڙٻ هئا. ڏاڏي انهن ڏي نهاريو ته سيئي گڏ ڳالهائڻ لڳا.

”يلا ڏاڏيءِ هي ماني اٽڻ جو وقت آهي؟ اجا ته صبح به هاڻي مس ٿيو آهي! هينئر تندور واري سان پئي ڳالهايائين.“

”چو نه ڳالهايان تندور واري سان؟ هن پنهنجي اوڏار تي گهري. ماني ته سيئي کائو ٿا ڏوڪڙ ڏيندي ٻرو ٿو چڙهيوَ.“ حوري به وات ڦاڙيو.

وري سڀ الار ڪري حوريءَ ڏانهن وريا ته ڏاڏي جيڪا حيران پريشان بيٺي هئي تنهن هڪل ڪئي.

”بيهو، ابا بيهو. مان ساهي ته پٽيان. او.. .ڪٿان هلي آئي آهيان.“

ڏاڏي حوريءَ کي هٿ کان جهلي سٽ ڏيئي پنهنجي پنيان ڪندي سهڪندي کٽ تي ويٺي. هل ۾ ڳالهاءِ تي اوسي پاسي وارا اچي ميڙ ٿيا.

ڏاڏيءَ ٽڪل آواز ۾ چيو، ”وڃو ابا وڃو. ڪيل تماشو ڪونهي بابا!“

قاسو کين دڙڪو ڏيندي چيو، ”ڀڄوڙي هتان ڀڙوائو.“

”ڀڙوو هوندين تون.“ ميڙ مان هڪڙي ورندي ڏني ته قاسو، دادن، گلو ۽ رمون اٿيا.

ڏاڏي کين جهليندي ماٺهن کي چيو جيڪي ويا پي.

”مچايو نه بابا وڃو. هر ڪو ٿو پنهنجي گهر ۾ وڙهي وڃڙي هي ڪٽي ڪتن جيان ٿا وڙهن باقي هر گهر ۾ نڪر پڇن وڃن ٿا.“

قاسوءَ ڊوڙي نڪاءَ سان در بند ڪيو، وري اچي ڏاڏي جي پير ۾ ويٺو. حوري به ويٺي هئي. گلو، دادن ۽ رمون هيٺ پٽ تي پيل تڏي تي ويهي رهيا.

قاسو حوري کي گراڪ ڏيئي ڳالهايو، ”ڏاڏيءِ هيءُ مان آخري ڀيرو ٿو چوان. سمجهائي ڇڏينس! نه ته ڏڪ ئي هڪ هٽندو سانس!“

ائين چئي قاسو اٿيو ۽ در نڪاءَ سان کولي ٻاهر نڪري ويو. سندس پنيان ئي گلو، دادن ۽ رمون به ٻاهر نڪتا ۽ در نڪاءَ سان بند ٿي ويو.

”ڏس ڌيءَ هنن جي اڳيان ته مان تو کي ڪجهه به نٿي چوانءِ. پر اجا تنهنجو پاسو ٿي وٺان پر امان، چڱي تون به نٿي ڪرين.“

قاسو وارن جي وڃڻ کان پوءِ ڏاڏي حوريءَ کي سمجهائڻ چاهيو ته حوري ٺهڪ ڏيئي چيو، ”ڇا ڏاڏي ڇا، ڪهڙي چڱي نٿي ڪريان؟“

”هيرائي هير، ٽنگ ٻيڪي نه رهي. تنهن جيان امان، هي جو پائر پيا ڳالهائيني اهو ڇا آهي؟ اوڙو پاڙو، راڄ ڳوٺ ٺهيو ڪٺي ڇڏ انهن کي؟“

”اوڙي پاڙي راڄ ڳوٺ وارا پاڻ وري ڪهڙي پوتيءَ پاڪ آهن. سندن ڌيئرن جي خبر اٿن؟ پنهنجي مير جي بانس ڪنهن کي به ڪونه اچي.“

”تو وانگر ته ڪا هڪ به ٻانهن لوڏي ڪانه ٿي هلي! ڪالهه نبوءَ پئي چيو، ’اتان پي لنگهيس ته حوري پنهنجي اڱڻ واري وڻ تي چڙهيل هئي. منهنجو ته ايڏانهن ڏيان ئي ڪونه هو پر پاڻ مون کي سڏ ڪري رڙ ڪري چيائين ته ڪاڪا نبو، چڱو ڀلو آهين؟‘ تڏهن نهاريم ته وڻ جي چوٽ تي چڙهي بيٺي هئي. هاڻي ٻڌاءِ مان ڇا ڪريان جي ڪجهه سمجهايانس ٿو ته ٻيٺي مصيبت ۾ ٿو پوان. قاسو وارا ته ڪلهن تان ٿا ٽڪون اڇلائين. گهر جي خبر ئي ڪانه اٿن. ويچاري نبوءَ ٻي ته ڪنهن سان به ڳالهه نه ڪئي ر ڳو مون کي ٻڌايائين.“

”ٻين کي ٻڌائيندو ته ڇا ٿيندو؟“

ڏاڏي چڙ مان ڏانهس نهاري چيو، ”ٻڌائيندو ته ڇا ٿيندو. سچي به امان جن گوڏي کان مٿي سٿڻ ڪنجي تن لاءِ سچي به ڇا ٿيندو. ڌيءَ ذات آهين. ماءُ اٿئي نڪو پيءُ. سڳ سڳيٽا ته سيئي پيٽ پائرن پنهنجن افعالن سان ڏمرايا آهن.“ ڏاڏي اجا ڪجهه ڳالهائي ته در نڪاءَ سان کليو ۽ هڪڙو سهڻو نوجوان اندر گهڙي آيو جنهن کي ڏسنديئي حوري مشڪي اٿي ته ڏاڏي کيس هٿ ۾ جهلي سٽ ڏيئي ويهاري پڇيو، ”ڪير آهي هي؟“

حوريءَ کان اڳ ڇوڪري جواب ڏنو.

”امان، ميرا نام رشيد هي اور...“

حوريءَ کيس چڙٻ ڏيندي چيو، ”تم ڪچ مت بولو.“ ڏاڏيءِ هي تندور وارو آهي ۽ پنهنجا پئسا وٺڻ آيو آهي.

ڏاڏيءَ ڇوڪر کي چيو، ”ابا، گهر ۾ نه اندر ايندو ڪر.“ در جي ٻاهران قاسوءَ جي نالي سڏ ڪندو ڪر. هينئر هن جا پائر ايندا ۽ تو سان وڙهندا.“

ڏاڏي جو ايترو چوڻ ۽ حوريءَ جو وات ڦاڙي ٺهڪ ڏيڻ. ڇوڪرو به مشڪڻ لڳو ۽ ڪائنس اشارن ۾ اکين جي ميچن سان پڇڻ لڳو ته هي ڇا ٿي چوي؟

”دادي ڪهتي هي ڪي گهر ڪي اندر مت آيا ڪرو. باهر سي آواز دو، ورنه قاسو والي لڙين گي.“

هاڻي ڇورو به کلڻ لڳو.

”ڏاڏي، رشيد ته قاسو وارن جي اڳيان به گهر ۾ ايندو آهي.“

”ڏوڙ وجي وجهو منهن ۾ سيئي. قاسو ته پاڻ کي پل پائين ٿو سمجهين. مڪ به پنهنجي مٿان وهڻ نٿو ڏي. هي جواڻ جماڻ ملوڪ ڇوڪرو گهر ۾ ڇڏين ٿا باقي آرندو وات ڪهڙو ٿا هٽن؟“

حوريءَ اک جي اشاري سان رشيد کي ٻاهر وڃڻ جو چيو ۽ هو ٻاهر نڪري ويو. ڏاڏيءَ چرڪ ڀري چيوءِ ”سچي، ٻارن ته چيو هو ته قاسو تندور واري کي رتو رت ڪري ڇڏيو آهي هن کي ته ڪجهه به ڪونهي.“

حوري ٺهڪ ڏيئي چيو، ”سو ته مون تو کي گهرائڻ لاءِ چيو هو ته جيئن تڪڙو اچين.“

”ڏاڏيءِ رشيد ڪيئن آهي؟“

هوءَ مشڪي پڇڻ لڳي.

”ڪارو منهن اٿن. اسان جو ڇا وڃي انهن ۾. الائي ڪير آهن. ڪٿا جا آهن. ڪهڙي ذات آهي رولاڪن جي.“

”ڏاڏي، گجرات جو آهي. گجر ذات جو آهي. چوي ٿو اسين چوڌري آهيون ۽ اتي اسان جون وڏيون زمينون آهن.“

ڏاڏي کيس حيرت مان تڪي رهي هئي ۽ سندس منهن ۾ ڇتائي ڏسي رهي هئي جيڪو تازي ڪڙيل گلاب جيان ٻهڪي رهيو هو. ڏاڏي کي خوف مان درڙي اچي ويئي.

”امان حوران، نالو اٿئي مٺي رب جو مٿان ڪو ٻيو ممڻ مچايو اٿئي؟“

”ڇا ڏاڏي ڇا. ڪهڙو ممڻ؟“

”ٻيو نه ته پنهنجي ذات کي ٽڪو نه لائجان!!“

”ذات، ذات. ذات ڇا جي ذات؟ ڪهڙو ٽڪو. هر ڪو پنهنجي مرضيءَ وارو آهي.“

”ايتري تي جي آئي آهين ته مان به سڀ ڪجهه قاسو کي ٻڌائيندس.“

”يلي ٻڌا}ءِ قاسو کي اڳ ئي خبر آهي.“

ڏاڏيءَ جو وات حيرت مان ڦاٽي ويو.

”ڇا سڀ خبر آهي قاسو کي؟“

”اهو ئي ته رشيد گهر ۾ ايندو آهي.“

ڏاڏي اٽڪيل ساهه سنڀاليو ته در نڪاءَ سان کليو ۽ قاسو مشڪندي گهر ۾ گهڙيو. ٻاهران موڊ سهي ڪري آيو هو. حوري به کلڻ لڳي. ڄڻ ٿوري دير اڳ ڪجهه ٿيو ئي ڪونه هو.

”ادا قاسو، پئسا ڏي ته ڪير وٺي اچان. ڏاڏي به سوير کان آيل اهي. ڀرين چانهه ٿا پيون. تيسين ماني جي مهل به ٿي ويندين.“

قاسو کيسي ۾ هٿ وڌو ته ڏاڏيءَ سندس هٿ جهلي چيو، ”ابا، آئون چانهه ڪونه ٿي پيئان. دير ٿي ويئي اٿم. اٿان ٿي. هتي به روزان ٻاريتي آهي. وڃي ٻار جهيليندس ته هوءِ ويچاري به ڪو ڪم ڪار تنوڻ تندور ڪندي.“

قاسو پئسا ڪڍي حوريءَ کي ڏيندي چيو، ”ڪيڏنهن ٿي وڃين ڏاڏيءِ ويهه ته تنهنجي صدقي اسين به چانهه پيئون.“

حوري پئسا وٺي ٻاهر نڪتي ته ڏاڏيءَ آهستي آهستي قاسو کي چوڻ لڳي.

”ٻڌ ابا، زمانو خراب آهي. پاڻي مٿي کان به مٿي پيو وڃي. اوهين پائر نه آهيو پرٽجو نه پرٽجو خوشي وارا آهيو. باقي حوران کي هاڻي تڪڙو اٿاريو.“

”ڇو ڏاڏي ڇو. اجا ته ويچاري ننڍي آهي. رڳو رمونءَ کان وڏي آهي بس.“ قاسو جو اطمينان ڏسي ڏاڏي کي چڙ لڳي.

”هئو ابا هئو، ٻار آهي. پاڻيءَ کي به ’بو‘ ٿي چوي. قدبت ڏنو اٿئي. ڏٺي جو سونهن مان ته اڄ ڪيس ڏسي ڊڄي ويئي آهيان. رمون به ته هاڻ اچي ڏاڙهي وارو ٿيو آهي. هيءَ اجا به ننڍي آهي؟“

”ڪنهن کي ڏيان؟“

”ڪنهن سان به پرڻائينس.“

”ڏسان ٿو.“

”ڏسان ٻسان ڪونهي ابا تڪڙ ڪر. اهو تندور وارو ڇورو به ڇڱو ڪونهي. گهر ۾ نه ڇڏينس نه ئي حوران کي ايڏانهن مانيءَ لاءِ اماڻيندو ڪر.“

”ها ڏاڏي، تندور واري کي ته اڄ ئي ٿو ڏسان.“

”نه ابا، وڙهڻو ٻڙهڻو ڪونهي. ماٺهو رڳو پاڻ کي سنڀالي.“

”پوءِ ڏاڏي ڇا ڪريان؟“

”ابا، مان جعفر سان صلاح ٿي ڪريان. تون به ساڻس ڳالهاءُ.“

”ڏاڏيءِ جعفر سان تون يلي ڳالهاءُ تنهنجو پوٽو آهي. مون سان ته هو واٽين پنڌين سنئين منهن ڪونه ڳالهائي سو مان ڪيئن ڳالهايانس؟“

”ابا، ٻئي سؤٽ آهيون. لٺ هنئين پاڻي ڌار ڪونه ٿيئي.“

در نڪاءَ سان کليو حوري ڪير ڪٺي آئي. قاسو چڙٻ ڏنس.

”هري (آهستي) در بند ڪر! ماٺهو آهين ڇا آهين؟“

”در آهيئي پڳل آئون ڇا ڪريان.“ حوريءَ جواب ڏيڻ فرض سمجهيو.

چانهه بنائي ٿي پيالين ڀري ڪٺي آئي. چانهه پيئڻ کان ترت پوءِ اٿي، ”ادا قاسو، پئسا ڏي ته ٻوڙ ماني آڻيان.“

”ويهه، ويهه، ڪونه ٿي تندور تي وڃين، مان پاڻهي ٿو وٺي اچان.“

حوري کيس حيرت مان تڪيندي رهي. قاسو چانهه پي ٻاهر نڪري ويو.

”ڇا ٿيو آهي قاسو کي. ڏاڏي تو ته ڪونه چيس

ڪجهه.“

”مان ڇا چونديس.“

”رشيد جي باري ۾!!“

”ڪير رشيد؟“

”ڏاڏي هينئر ئي نالو وسري ويئي. اهو ئي تندور وارو.“

”ان جو مان ڇا ٻڌائينديس. اهو ته اڳي ئي اوهان وٽ اچي ويجي ٿو.“

”پوءِ ڇا ٿيو آهي قاسو کي. ڇو مونکي تندور تي وڃڻ نه ڏنائين؟“

”امان، هاڻي تون به ڇوڪري ڪانهين. گهر ۾ ويهه. پائر ته تنهنجا شاديون نٿا ڪن ته ڪي پاڇايون اچن ۽ تنهنجي به هيڪلائي لهي.“

ايتري ۾ قاسو ماني ۽ ٻوڙ وٺي آيو.

”حوري، ٿانوَ ڪٽي اچ ته گڏجي ٿا کائون.“

”اباءِ اها تندور جي ماني کائڻ لاءِ تون پنهنجا ڏند ڏيندين. نه ته مونکي ڏند ڪٿي؟“

”بيهه ڏاڏي، ته تنهنجي لاءِ ڊبل روٽي وٺي ٿو اچان. اها نرم آهي.“

”نه ابا نه، هلاڪي نه ڪر. منهنجي گهر ۾ ڪڇڙي رڌي رکي هوندي. الله اوهان پيڻ پائرن کي پاڻ ۾ سر ڏي ۽ گڏجي کائو.“ در نڪاءَ سان ڪليو. گلو، دادن ۽ رمون به گهر ۾ گهڙيا. ڏاڏي اٿندي چيو، ”هي به آيا آهن وڙهو ٻڙهو متان گڏجي ماني کائو.“

ڏاڏي چادر مٿي تي رکي در وٽ آئي. وري پويان نهاري چيائين، ”ابا قاسوءِ در سڄو اڌوهيءَ کائي ڇڏيو آهي. ٻيو ڪو لوهه جو مضبوط در وجهرائي ڇڏ. رات جو سمهڻ کان پوءِ ماڻهو مئي جي آچار آهي. سو پاڻ کي مضبوط ڪري سمهو.“

قاسو جي وات ۾ گرهه وڌو اچي ويو هو سو ٻيت ڏيندي هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيائين.

*

صبح ٿيو ڳوٺ ۾ ڄڻ زلزلو اچي ويو. حشر متو. هر وات تي اهائي وائي هئي.

”حوري ڀڄي ويئي!“

”ٻڌءِ، حوري ڀڄي ويئي؟“

”منيس، حوري ڀڄي ويئي!!“

”مائي، حوري ڀڄي ويئي!!“

ڏاڏي جيڪا تسبيح پڙهي رهي هئي تنهن کي اچي روزان ٻڌايو ته ڏاڏيءَ جون ٻه ٻه ويون ته ٻارهن به ويون. ڪي گهڙيون ته هوءَ رڳو روزان ڏي نهاريندي رهي.

”هئو مائي، تنهنجو پوٽو صبح جو ڪير وٺڻ لاءِ ويو ته قاسو ڪائنس حوريءَ لاءِ پڇيو ته ايڏانهن ته ڏاڏي ڏانهن ڪانه آئي آهي ۽ جڏهن ان نهڪر ڪئي ته ڪيس روئي اوڇگارون ڏيئي ٻڌايائين ته رات الائي ڪهڙي پهر هوءَ هلي ويئي آهي. مان ته هر هنڌ ڀڄائي ڀڄائي رلي مئو آهيان.“

ڏاڏي يڪي ماٺ. ڄڻ سڪتو ٿي ويو هوس. ايتري ۾ جعفر به ڪنڌ هيٺ ڪري وٽس آيو پر ڏاڏيءَ ڪائنس ڪجهه به نه پڇيو. پڪ هيس ته روزان واري ڳالهه سچي آهي. نه ئي جعفر ڪجهه ڪڇيو. ٻئي ماٺ ماٺ ويٺا هئا ته در تي نڪاءَ ٿيو. جعفر اٿي در کوليو ته قاسو بيٺو هو. ڏاڏي کي ڏسندي روئيندو اچي سندس پيرن تي مٿو رکيائين.

”ابو، ڏاڏي قهر ٿي ويو. ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ جهڙا نه ٿياسين. ست جتا هڻ منهنجي منهن تي.“ ۽ وري جعفر کي ڀاڪر پائي ڊنڊڪر ڏيئي چيائين، ”ادا جعفر، خدا ڪارڻ زهر آڻي ڏينم. پٽو ئي نٿو پويم ته ڇا ڪريان.“

جعفر هري هري ڳالهائڻ لڳو.

”دانگي ته سيني جي منهن تي ملي ويئي آهي. ڪارو منهن ته سڄي ذات جو ٿيو آهي. آئون ڪو ڏار آهيان؟ ڳوٺ ۾ پلي تنهنجي ڀيڻ هجي دنيا اڳيان ته مان به سگهيٽو آهيان. منهنجي به سؤٽ هئي! ڀيڻ ۽ سؤٽ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ باقي اوهان پائرن وڏي جاڙ ڪئي. ڏاڍائي ڪئي. ڪنهن کي به اوڏو ويجهو اچڻ نه ڏنوَ. سيني کي دشمن سمجهيوَ. وري پوءِ ڪٽيو ڪهڙو ڪيوَ؟ سيني جو ڳاٽ ريءَ گناهه نمايوَ. هاڻي ڇا ڪريون؟“

روزان ڇانهن ڪٽي اچي بيٺي ته، جعفر ميڄرجي پيو.

”تر، منهن تان رَن. سڀ اوهان ڪنين رنن جا ڪم آهن.“

”مون ڇا ڪيو آهي؟“

روزان جعفر سان انگل ڪيو ته جعفر هڪدم جتو ڪٽي چڙاپ ڪري هنيس ته روزان وٺي چلهه ڏانهن ڀڳي ته ڏاڏيءَ جعفر کي دڙڪو ڏيندي چيو، ”آهي ڇا ابا، روزان ويچاري جو ان ۾ ڪهڙو ڏوهه؟“

”بس ڪر ڏاڏي تون به. سڀ ويچاريون زالون آهيو. ملڪ ئي اجاڙي ڇڏيو آهي اوهان رنن. تون به روز روز ويندي هيئين پوءِ ڇا ٿيو؟“

”آئون ڇا ڪريان. مون ته هڏ ڪالهه قاسو کي چيو هو ته ڀيڻ اٿار. ڀڃي ڏس اڳيان وينو اٿئي.“

”ڇڏ، اها لٻ لٻ. اسان جو مٿو ٿو قاتي.“

جعفر ٽپي پيو هو. قاسو کي ته ڪاتي هٽجي ته رت نه نڪريس اچو ٻاڦ ٿيو وينو هو.

*

اوطاق ۾ مڙس مڙس جي ذات وينل هئي.

جان محمد خان سيني ڏانهن نهاري چيو، ”قاسو ڪٿي آهي؟“

”سائينءِ قاسو اوءِ هو ڪنڊ ۾ وينو آهي.“ لالوءَ چيو.

”قاسو، هيڏي آءُ.“

جان محمد خان حڪم واري لهجي ۾ چيو ۽ قاسو ويني ويني ئي رڙهندي آيو.

”اٿي بيهي نٿو سگهين ڇا؟“

قاسو هڪدم اٿي بيٺو.

”ٻڌاءِ قاسو، سيني جي اڳيان ته تو کي ڪنهن تي شڪ آهي؟“ قاسو جي اکين مان انجهيون نارا ڪري وهڻ لڳيون.

”اڙيءِ رنن وانگيان روءُ نه پاڙيا. سيني کي ڏيڻ ۾ هنيو اٿئي هاڻي وات کول.“

”سائين، اهو تندور وارو.“

”ڪير تندور وارو؟ ڪهڙو تندور؟“

”سائين، اسان جي گهر جي پر ۾ هڪڙي پنجابي جو تندور هو... پر سائينءِ مونکي پنهنجن تي به شڪ آهي.“

سيني وينلن جي منهن تي هيڊ هارجي ويئي.

”ڪهڙا پنهنجاءِ ڊڄ نه نالا ڪڻ.“

”سائين، سائين، سائين.“

”ڦٽ ڙي حرامي!“

”سائين، مان اڪيلائيءَ ۾ ٻڌائيندس.“

”نيڪ آهي. تندور وارو ڪٿي آهي؟“

”سائين، اهو به رات کان گم آهي.“

”سيئي ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏيو. مان ڪنهن کي به ڪونه بخشيندس. اوپرن پراون کي به ڏسبو. انهن کان به پڇبو. باقي جي پنهنجو به شامل هوندو ته سڪيءَ ۾ تاري ٻوٽيون ٻوٽيون ڪري ڪتن کي کارائيندس. جنهن وٽ به ڪا ڳالهه هجي هڪدم بنا دير ٻڌائي نه ته آئون باسائي ڇاڻان ٿو. جنهن کي به ڪو پتو ستو جيڏيءَ مهل پوي سو اوڏيءَ مهل اچي ٻڌائي. هاڻي پلي اوهان وڃو سياڻي مڙيئي ڪا ڪم واري خبر ڪٽي اچجو.“

جان محمد خان جو آواز پڙاڏو بڻجي اوطاق ۾ گونجڻ لڳو.

سيئي ڪنڌ هيٺ ڪري آهستي آهستي اوطاق مان نڪري ويا.

”پٽ احسان.“

”جي بابا.“

”ابا، چاچهين کي وٺي اچ.“

”ادا، مان اچي ويس.“

علي نواز خان کي ڏسي احسان خان ڪلي چيو.

”چاچا، وڏي عمر اٿوَ.“

جان محمد خان ’آمين‘ چئي مشڪي پاءُ لاءِ اٿيو. ٻئي زورائتا ڀاڪر پائي مليا.

”ڪر خبر، دير ڪيئي. مون وري احسان کي ٿي موڪليو.“

”ادا، لالو آيو هو اوهان جو پيغام ڪٽي. پر مونکي دير ان ڪري ٿي جو مون وٽ ڪي ماڻهو ٻاهران آيل هئا. انهن ۾ اڙ جي پيس. هاڻي حڪم ڪريو.“

”علي نواز، ٻڌ.“

”جي ادا.“

”ڳالهه آهي وڏي. هتي راڄ ڳوٺ جي يا ڳوٺ کان ٻاهر جي يا سڄي سنڌ ۾ ڪٿي جي به هجي ها ته مامرو نه هوءِ پر هي آهي اوڪي ڳالهه ۽ ٻانهن ورائٽي به آهي هرپرو! جو دوست دشمن تائين هينئر ڳالهه پڄي ويئي هوندي. قاسو به چيو آهي اڪيلي ۾ ٻڌائڻ جو. ان کي به گهرايون ٿا پوءِ ڏسون!“

”نيڪ آهي ادا.“

”لالو، او لالو.“

”جي سرڪار.“

”قاسو کي وٺي آءُ.“

”حاضر سرڪار.“

”ادا، ڳالهه ڪيتري ڪلي آهي؟“

”بس، ايتري ته ڇورو پنجابي آ. وڏيڪ هينئر ٿي خبر پوي.“

”ادا، تيسين مان اندر گهر ڏانهن ٿو وڃان. ڀاڄائي ۽ ڀائيٽين کان ٿي ٿو اچان.“

”ڀلي، ڀلي.“

*

”سائين، قاسو آيو آهي.“

لالو بايونڪ مين جيان سلو موشن ۾ ٻانهن هٽندو اوطاق ۾ گهڙيو.

”وٺي اچينس.“

”سائين، سلاماليڪ.“

”وعليڪم السلام.“

”سائين، خدا جي واسطي منهنجي مدد ڪريو.“

قاسو، جان محمد خان جي پيرن ۾ مٿو هڻڻ لڳو. جان محمد خان پنهنجا پير پري ڪندي چيو، ”پري ٿي ڙي گاندو. وڏو متبر (معتبر) آهين جو مدد ڪريون. ڀاڙيا، سڄي راڄ کي لهڙي ۾ آڻي ڇڏيو اٿئي. ٻڌاءِ ڪنهن ڪنهن تي شڪ اٿئي؟“

”سائين، خيرو، صالو ۽ مراد.“

”خيرو به؟“

”هائو سائين، خيرو ته سدائين تندور تي وينو هوندو هو. صلاحگير هوس ساڻس گڏ جي گجرات به ويو هو...“

”ڇا؟“

”خيروءَ مونڪان سڱ به گهريو هو. جنهن جو مون انڪار ڪيو هو.“

”خيرو ڪنهن لاءِ سڱ گهريو هو؟“
”پاڻ لاءِ سائين.“
”ٻي شادي ٿي ڪيائين؟“
”جي هئو سائين.“
”پوءِ تو مونکي اطلاع ڇو ڪونہ ڪيو؟“
”بس سائين، زور زبردستي ڪانہ هئي تنهن ڪري ماٺ رهيس. جي هو وڏندي ڪري ها تہ ضرور اوهان وٽ اچان ها.“
”ٻڌ قاسو، خيروءَ جي پڪ اٿئي نہ يا شڪ؟“
”سائين پڪ.“
”علي نواز خان، ٻڌين ٿو؟“
”ٻيا...؟“ علي نواز خان چيو.
”ٻيا اهيئي، صالو ۽ مراد.“
”مراد تہ آهي ئي حرامي. پاڻ کي ٽشينگ ٿو سمجهي. هڪڙي جيپڙي ورتائين آهي. سو، ڪاٽن جا ڪپڙا پائي راڊو گهڙي ۽ ڪارو چشمو پائي پاڻ کي ملڪ جو والي ٿو سمجهي.“
”سچي چاچا.“
ٽنهي جا وزندار مڙساڻا ٽهڪ اوطاق کي گونجائي ويا.
وچ ۾ لالوءَ جي کل ۽ کنگهہ بہ شامل هئي. قاسو، رڳو ماٺ ئي ماٺ هو.
”اڙي قاسوءَ جا ٻچا، سڄو بار اسان جي ڪلهن تي اڇلائي هاڻي ٻچڙو منهن ڪري ڇو ويٺو آهين؟“
”چاڪريان سائين، جيئن حڪم ڪريو. چئو تہ پاڻ کي کوهہ ۾ اڇلايان. چئو تہ ڦاهو ڪاوان.“
”بس، بس. گهڻي لڏ ڪيئي. هاڻي اُٿي سياڻي شام جو سيني سان گڏ اچجين.“
”حاضر سائين.“
”لالو.“
”جي سرڪار.“
”قاسو کي ماني ٻاني ڪارائجين.“
”جي سرڪار. آءُ قاسو.“
اوطاق مان ٻاهر نڪرندي ئي قاسوءَ لالو کي جهليو.
”ادا، هاڻي ڇاٿيندو؟“
”تون ويهي رڳو رنگ ڏسجين. باقي پنهنجي ڳالهہ تان هٽ نہ ڪٽجين.“
”ڪهڙي ڳالهہ؟“
”هينئر ئي وسري ويئي ڇريا، جيڪي نالا ورتا اٿئي انهن تي قائم رهجين.“
”انهن تان تہ ڪو مائي جو لال هٽ ڪٽائي نٿو سگهي.“
”باقي قاسوءَ سرڪار وارن جي اڳيان هٽ ۽ ڇڙڪائي پلجي بہ نہ ڪجين نہ تہ.“
لالوءَ بہ ساڳي جان محمد خان جي انداز ۾ ڳالهايو.
”لالو، هاڻي ڪهڙا هٽ ڪهڙيون ڇڙڪايون؟“
”پوءِ بہ هينئر جو ڇيو هيئيءَ مائي جو لال.“
”ها، سو.“
”او، اهو ٿو چوان.“
”بيشڪ ادا حق ٿو چوين.“

*

”اوهان ٻنهي جو ڪهڙو خيال آهي؟“
”بابا ڀهرين تہ ڏٻي زورائتي ڪٺ، پوءِ ڏسجو تہ ڪهڙا ٽا رند وٺن.“
”ادا، احسان صحيح ٿو چوي. جڏهن جوڳي سيڪت ملندن تہ اوروڪا تہ ڇا پروڪا پاپ بہ باسي وٺندا.“
”ها، ها. اوهان ٻنهي چاچي پائيٽي دل واري ڳالهہ ڪئي آهي.“
”سچي بابا، گهڻا ڏينهن ٿيا آهن.“
”هٿن کي آرام ڪندي!!“
جان محمد خان سندس جملو مڪمل ڪري ٽهڪ ڏنو.
”پلي ڪراءِ هٿن کي پورهيو پر يار، جان ۽ ساهہ جي پارت اٿئي.“
”ادا مان بہ گڏ هوندس.“
”پوءِ ٺيڪ آهي. پر ڪٿي؟“
”ادا، اوهان جو پراڻو ٽنبيلو؟“
”ٺيڪ آهي. لالو کي ڇئي صفائي ٿو ڪرايان.“
”صفائي وري ڪهڙي ادا، هي تہ سڀ گڏهن ڪان بہ گهٽ آهن. ٽنبيلو وري بہ گهوڙن جو آهي.“
”پوءِ بہ اوهان ٻئي بہ تہ ايندا ويندا نہ.“
”ٺيڪ آهي ادا.“
”بابا لٺيون ڪٿي آهن؟“
جان محمد خان ڪليو تہ علي نواز خان بہ ٽهڪ ڏيئي احسان ۾ نهاريو.
”ابا، لٺين جي ڪمي ڪانهي.“
”اهي نہ. ڏاڏا سائينءَ واريون. پٽن واريون.“
”مٺ واريون؟“
”جي ها بابا.“
”اهي تہ منهنجي ڪمري ۾ آهن.“
”انهن مان هڪڙي ميندي رتي ڏيو.“
”هينئر يا پوءِ؟“
”هينئر.“
جان محمد خان اٿيو تہ علي نواز خان بہ موڪلايو.
”ويهہ، ماني ڪائي پوءِ وڃجين.“
”نہ ادا، ڀاڄائيءَ تہ الائي ڇا ڇا ڪارايو آهي. ماني تہ مان گهر ۾ بہ هاڻي ڪونہ ڪائيندس.“
”چڱو الله ٻيلي.“
”الله ٻيلي“
”چاچا، مان بہ اوهان سان گڏ ٿو هلان.“
رات ٿي تہ سڄي ڳوٺ ۾ ٻاڪر ڪتو پئجي ويو. خيرو، صالو ۽ مراد ڪنيجي ڪڄي ويا. سندن گهرن جون زالون پوتيون ڳچي ۾ پائي جان محمد خان جي گهر بجاءِ اوطاق ۾ دانهين ٿي آيون تہ جان محمد خان کي زالن جو اوطاق ۾ اچڻ سنو نہ لڳو.
”نہ روءُ جيجيون پڇا ڳاڇا لاءِ جهليل آهن. مري، چاڳي، لالي ۽ شمو پٽ ڳٽيون نہ ڪائو.“
”جي سائين.“ سيئي ڏيئي واري جن جيان حاضر ٿي ويون.
”نياڻين کي اندر وٺي وڃي خدمت ڪريون.“ جان محمد خان لالوءَ کي چيو.

*

وري سڄو راڄ اوطاق تي مچ هئو. خيروءَ صالو ۽ مراد بہ هئا. جيڪي هاڻي سڃاڻ ڪان ٻاهر هئا. ڏاڙهيون مڇيون ڪٽل. منهن سڄيلءَ اکيون ڦاٽل. ڪپڙا ليڙون ليڙ. جن کي ڏسي ساڏن جون اکيون بہ ڦاٽي ويون. هر ڪو پاڻ لاءِ ڪنبڻ لڳو! ۽ اهي ٽيئي عبرت جا نشان بڻيو اوطاق ۾ ويٺا هئا. پڻ پڻ سرٻاٽ ۽ ڪسڪا ڳوڙ لاڙي ويٺا هئا. جان محمد خان جي اوطاق ۾ اچڻ سان سيڪو ائين ماٺ ٿي ويو ڄڻ جهوراٽي سيني کي هڪ ئي جهڙپ ۾ ورتو آهي. سئي اڇلاءِ تہ آواز ڪري.
”اسلام عليڪم.“
”وعليڪم السلام.“
ڄڻ سيني ۾ سري ساهہ پيو.
”ڏنو ڀاڙين جا حال؟“
”جي سائين.“ ڪورس ۾ جواب.
”هي ماڻهو آهن يا قومن جي اجري وجود تي ڪارا ٽڪا.“
”...“
”باسيو آهي هنن. پر گهٽو نہ! اڃا ڪجهہ ڪم رهيل آهي سو هي اسان جا مهمان رهندا. باقي جي اوهان سيني وٽ ڪا نئين خبر آهي تہ ٻڌايو؟“
”...“
”منهنجو آواز ٻڌڻ ۾ نٿو اچي ڇا؟“
”سائينءَ ڪا ڳالهہ هجي تہ ٻڌايون؟“
علي اپاٽ ڪيو.
”علي، تون آهين ئي سازشي ماڻهو. سيني کي هڪ صلاح ڪري وٺي آيو آهين!!“
”نہ سائين، رب ٿو ڄاڻي مون رڳو پنهنجي ڳالهہ ڪئي آهي. هي سڀ سامهون آهن. پلي جيڪو وٽين سو ڳالهائين.“
وري ماڻهن ڏانهن منهن ڪري عليءَ چيو، ”ادا، ڳالهايو.“
”تون ڙي ويهي رهہ علي. ڳالهين نہ ڳالهين.“
”سائين، اسان مسڪينن وٽ ڪهڙيون ڳالهيون؟“
”ٺيڪ آهي. هاڻي اوهان کي موڪل آهي پلي وڃون. باقي جي اوهان مان ڪنهن کي بہ ڪا خبر پوي تہ ٻڌائجو. مون وٽ هوندي تہ اوهان کي سڏائبو.“ وڏيري چيو.
”مهرباني سائين.“
”پلي پلي، الله ٻيلي.“
”سائين الله ٻيلي.“
جان محمد خان جو پراڻو ٽنبيلو نازي ڪنسٽريشن ڪيمپ جو ڏيک ڏيئي رهيو هو. ٽي ماڻهو اڌ اگهاڙا ڇت وارن ڪڙن ۾ اونڌا ٽنگيل هئا ڪجهہ هراسيل ڇهرا آڏي پڇا هيٺ هئا. لٺين جو سٽڪو پي پيو ۽ رڙين ۽ دانهن عرش پي ڪنبايو. احسان خان چاندي جي مٺ واري ميندي رتل لٺ هٿ ۾ جهلي ٽنبيلي ۾ گهڙيو تہ محافظن نمي سلام ڪيو.
”وڏيڪ باسيائون کي نہ؟“
”نہ اڃان، اهائي ڪالهوڻي ڳالهہ تہ گجرات جو آهي گجر ذات اٿس.“
”گجرات بہ تہ ننڍو ڪونهي. اتو ڪو پتو. ڪو چڪ، ڪو ڳوٺ ڪا ڳلي.“
”نہ سائين، وڌيڪ نٿا باسين.“
”ايتري ۾ لينڊ ڪروزر جو زنبڪو ٿيو ۽ علي نواز خان ٽنبيلي ۾ گهڙيو. احسان خان وڏيون و ڪون ڪٽي وٺس پهتو.
”ڳالهہ وڌي؟“
”نہ چاچا، اتيئي آهي؟“
”ڇيرا ڏيئي وجهون مرچ پڙون ڪي. پوءِ ڏسان ٿو ڪيئن نٿا باسين.“
علي نواز خان جو پارو چوٽ چڙهي ويو.
”ائين ئي ڪرڻو پوندو چاچا.“
”ڪارُوائي شام تائين ائين هلي.“
”جي سائين ائين ٿيندو.“
شام جو اوطاق تي سڄو راڄ گڏ هو. حوريءَ جي وڃڻ کان پوءِ روز جو اهو معمول هو. اڄ بہ گڏ هئا. سيئي حيران هئا تہ ٽيئي مک جوابدار خيروءَ صالو ۽ مراد ڇو ناهن؟ ڪٿي آهن؟
نيٺ خيرو جو ڀاءُ ڏٽي بخش اٿيو.
”سائين، خيروءَ وارا ڪٿي آهن؟“
”چاهي ڙي ڏنا. تو کي گهڻي جت پت لڳل آهي.“
”سائين، ڀاءُ آهي پڇان ٿو.“
”ڀاءُ جي ڪرتوتن افعالن جو بہ پتو سٽو اٿئي ڀابس.

ڏوهه باسيو اٿس.”

جان محمد خان جو اهو جملو وچ جيان ويئلن تي ڪڙڪيو.

“هاڻ ڳالهاءُ ڏٽو، وات ڇو ورانديو ٿيو اٿئي؟”

جان محمد خان جي ان دڙڪي سان ڏٽي بخش اچي پٽ تي زيپڪو ڪيو.

ماڻهن هٿ وڌاس.

“بيهوش ٿي ويو آهي.”

“نہ نہ، اجهامي پيو آهي.”

“پاڻي ڇٽيوس.”

“لالو، او لالو، ٿڌو پاڻي ڪٽي اچ.”

جيسين لالو پاڻي آڻي. جان محمد خان پنهنجي پر واري ٽيبل تان منرل واٽر جي يخ ٿڌي پاڻي جي پريل بوتل ماڻهن ڏانهن وڌائي. پاڻي ڇٽيائونس تہ هو سامت ۾ آيو ۽ هيڏانهن هوڏانهن اکيون ڦيرائي نهارڻ لڳو.

“خير آهي خير ڏٽي بخش، خيرو جيئرو آهي.” جان محمد خان ماڻهن ۾ نهاريبندي نرمي سان چيو.

“وٺي وڃوس گهر. ڏٽي بخش، رات تائين خيرو گهر پهچي ويندو.”

جان محمد خان ماڻهن جي سهاري سان گهر ڏي ويندڙ ڏٽي بخش کي ويندي چيو تہ ۽ هن چرڪي ٻئي هٿ ٻڌي ’مهرباني‘ مڃي. جان محمد خان وري ويئلن سان مخاطب ٿيو.

“خيروءَ وارن ڏوهه باسيو آهي ۽ چوري جا سڀ ڏس پتا ڏنائون آهن. خيرو تہ چوري سان گڏ گجرات ۾ سندس ڳوٺ بہ ويو هو. قاسو ڪان پنهنجو پلاند ورتو آهي ڪيرو. راڄ جي چوري پچارائي.” ايتري ۾ علي نواز خان ۽ احسان خان اوطاق ۾ گهڙياءِ ۽ سڌا جان محمد خان وٽ آيا.

“بابا، خيرو جي حالت خراب آهي.”

“ادا، هن ٻن ٻين ماڻهن جا نالا بہ ڏنا آهن.”

“راڄ جا آهن.”

“جي ها ادا، راڄ جا آهن.”

“جهليو پيٽسان ڪتن جي ڦرن کي.”

“احسان.”

“جي بابا.”

“خيروءَ کي اسپتال وٺي نہ وڃجو.”

“پوءِ بابا.”

“ڊاڪٽر کي وٺي اچو.”

“ڪهڙو ڊاڪٽر بابا؟”

“ڊاڪٽر صالح محمد.”

“اوهان وارو دوست؟”

“ها، اهوئي مون وارو يار.”

تنبيلي مان اٿندڙ رڙين ڳوٺ وارن جون ننڊون ۽ بکون اڏائي ڇڏيون هيون. وري نوان ماڻهو نيون تعديون. نيٺ وايو مندل صاف ٿيو سڄي ڳوٺ ۾ هل مچي ويو تہ جان محمد خان پاڻ گجرات وڃڻ لاءِ سنبريو آهي.

“نہ، نہ.”

خدن جون اکيون حيرت مان ڦاٽي ويون.

“الا جو سونهن. قادو پاڻ اکين سان ڏسي آيو آهي تہ جان محمد خان، علي نواز خان ۽ احسان خان سڀ وڃڻ لاءِ تيار ٿيا آهن ۽ ٻيا بہ جيڪي ڳوٺ جا زورائتا ماڻهو آهن انهن کي بہ چيو اٿائون تہ تيار رهن.”

حسن، هڪ ساهيءَ ۾ سڀ ٻڌايو.

“پوءِ ڪير ڪير تيار ٿيا آهن؟”

“پوري خبر تہ ڪانهيم پر چون ٿا، رحيم بخش، رزاق، اسحاق، مصطفيٰ، علي بخش ۽ رضا محمد وارن پنهنجون بندوقون ۽ ڪلاشنڪوفون پي صاف ڪيون.”

“اڙي، الائي ڇا ٿيندو؟”

“ها يار، الله خير ڪري.”

اوطاق جي اڳيان بہ ليندڪروزر بہ ٽي پجيرو ۽ ڪجهہ جيپون ۽ ٻيون گاڏيون تيار هيون. جان محمد خان پاڻ پي ويو. سڄو ڳوٺ حيران پريشان هو.

“ائين تہ مڙيئي جان محمد خان بہ ڪونہ ويندو. اتي بہ ضرور وڏن سان سڄاتون هوندس.”

“ڪهڙي خبر؟”

“سچ بہ، متان هڪ ڪني رن لاءِ مڙس مارجن.”

“ها، اڳيان بہ ماڻهو هوندا. مقابلو ڪندا ايئن ڪيئن چوري ڪيئي ڏيندا.”

“جان محمد خان بہ مڙيئي مُور ماڻهو ڪونهي! عقل جو اڪابر آهي. ائين ڪيئن ويندو؟”

“الائي، ڪهڙي خبر. غيرت جو معاملو آهي. متان ائين نڪرندا هجن!”

“يا الله خير. يا الله سڀ سلامت اچن.”

لالوءَ جو تہ صفا هيانءُ ٿي ڦاٽو.

“چڱو الله ٻيلي.”

جان محمد خان پنهنجي ڄاتل سڃاتل شاندار انداز ۾ سلام ڪيو تہ ڳوٺ وارن جا هيانءَ هڄي پيا. سڀيئي گاڏيون آهستي آهستي ڳوٺ کان ٻاهر نڪتيون. ڳوٺ جا سڀيئي ماڻهو ٻاهر بيٺل هئا. اندر گهرن ۾ شايد ئي ڪو ماڻهو هوندو. سڀني جون جهوليون جهليل هيون. ويندڙن جي سلامتي لاءِ.

جان محمد خان وارن کي ويندي چار ڏينهن ٿي ويا هئا ۽ اهي چارئي ڏينهن سڄي ڳوٺ جي مٿان سو ڳواري، ڏک ۽ انڌ تڌ جي چادر اوڍيل هئي.

*

ٽيهريءَ جو وقت هو جو هل مچي ويو.

“جان محمد خان وارا اچي ويا.”

“حوريءَ کي بہ وٺي آيا آهن.”

“سٺو ٿيوءِ ڏاڍو سٺو ٿيو. خون ۽ قتل بہ ڪا چڱي ريت چئبي؟” خدن چيو.

“ها، ها سٺو ٿيو. اڙي جي گجر وڏيري کي ست قرآن ۽ نياڻيون ميڙ نہ ڪن ها تہ ٻين سان گڏ چوريءَ کي اتي ئي مئو ڪٽين ها غيرت وارا مڙس! خون قتل چڱي ريت ناهي. پلي روز رنون پڄن.”

قادوءَ کي حوري جي پڄڻ واري ڳالهہ هضم نہ ٿي.

“اڙي بي حيا گاندو، مون کي تو بي غيرت چئين؟ تون پاڻ وڏو غيرت وارو مڙس آهين. ڳوٺ جي نياڻين سياڻين کي تہ تون ٿو تڪين حرامي.” خدن ڄڻ ڦاٽي پيو.

رضا محمد وچ ۾ پئي ٻنهي کي ماٺ ڪرائي.

“اڙي اوهان جي ڪهڙي حيثيت آهي راءِ ڏيڻ جي.”

“پر قاسو تہ حوريءَ کي ڏک ئي هڪ هٽندو.” فتو چيو.

“قاسو جي پيءُ جي طاقت ناهي جو چوريءَ کي هٿ لائي. مڙسي هجين ها تہ چوري تہ ورائين ها؟”

رضا محمد چڙندي چيو.

“سچ ٿو چئين ابا، چورن کي تہ آهي وڏاندري ڪرٽي. سو بہ گهرن ۾ ويهي. ٻاهر نڪرن، دنيا ڏسن تہ خبر پوين تہ گهٽين ويهين سؤ آهي.” ڪاڪي ڪرڙ چيو.

“هاڻي مان بہ ٿوري دير سمهندس لڳ لڳ ٽٽو پيو آهي. سڄي رات هليا آهيون. جان محمد خان پاڻ تہ جن آهي نڪو ڪاڏي جي پرواهہ اٿس ۽ نہ الڪو ننڊ جو.” رضا محمد آرس موڙيندي چيو.

“ها، ابا بيشڪ پر هڪڙي ڳالهہ تہ ڪاڪي کي ٻڌاءِ تہ جان محمد خان پلا هاڻي چوري کي ڪندو ڪيڏانهن؟”

“ڪاڪا، خوشي آ جان محمد خان جي. وٽيس تہ سڄي ڄمار پنهنجي ڪوٽ ۾ ويهاري ٿانوَ ٻوهاري ڪرائيس ۽ جي وٽيس تہ.”

رضا محمد، اوطاق جي فراسي تي ليٽندي چيو.

“سچ ٿو چوين بابل، هاڻي پلي تون آرام ڪر.”

اوطاق ماڻهن سان پري پيئي هئي پر غير موجود هو تہ قاسو.

“قاسو ڪٿي آهي؟ جيئن آيا آهيون اصل منهن بہ نٿا ڏيکاريو؟”

“سائين، قاسو ٿو چوي تہ چوري ڏيو تہ ماريانس.”

لالوءَ خوشامند واري لهجي ۾ قاسو لاءِ ڄڻ ڪڏو ڪوٺيو.

“وٺي اچو پٽسان ڪنجر کي. مڇو ڪن شهرن جو. بي غيرت هيڏي ڏچي ۾ اسان کي وڌائين وريو جڪ ٿو ماري!” وڏيري چڙندي چيو.

قاسو بہ منهن پيلو ڪري آيو ۽ ايندي ساڻ جان محمد خان جي پيرن تي ڪري روئڻ لڳو.

“هان، قاسو چئو چوريءَ کي مارينديں؟”

“ٻيو ڇا ڪريان سائين؟”

“آندي بہ تو پاڻ آهي نہ، جو مارينديں. هاڻي وڌيڪ بڪواس نہ ڪجين ڪٿي بہ.” وڏيري جان محمد اوطاق ۾ ويٺل راڄ جي ماڻهن ڏانهن ڏسندي چيو.

“چوريءَ جو هينئر نڪاح آهي.”

“ڪنهن سان؟”

مختلف ماڻهن جي واتان ساهي ساهي سان نڪتل لفظ ’نڪاح‘ اوطاق ۾ پڙاڏي جيان گونجڻ لڳو.

جان محمد خان، احسان ۽ علي نواز خان ۾ نهاريو جيڪي غير محسوس ڪُن انداز ۾ مشڪي رهيا هئا.

“الله بچائي جي پٽ چڪوءَ سان.”

“چڪوءَ سان.”

اهو حيرت ڳاڏڙ جملو ٻيهر پڙاڏو بڻجي ويو.

“الله بچايا.”

“جي سائين.”

“چڪو ڪٿي آهي، وٺي اچينس.”

“سائين، گهر ۾ هوندو ٻيو ڪٿي هوندو!”

“جلدي وٺي اچينس.”

الله بچايو اٿيو تہ احسان خان لالوءَ کي سڏي آهستي چيو، “لالو، قاضي کي وٺي آءُ.”

هيڏانهن قاضي آيو ۽ هوڏانهن الله بچايو چڪوءَ کي وٺي آيو.

ڪارڙو، سنهڙو ڪاٺي. گدلو، گنجو ۽ ماتا جي داغن وارو منهن. ٻنهي اکين ۾ ڦلاءُ ٻُڇي ڏاڙهيءَ قد جو بندرو (ڪوٺو)، هٿن ۽ پيرن ۾ ڇهہ ڇهہ آڱريون. منڊڪائيندو منڊڪائيندو اوطاق ۾ آيو تہ احسان خان کلي چيو، “بابا، گهوٽ اچي ويو.”

چڪو کي ڏسندي ئي جان محمد خان مشڪيو تہ سڀيئي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا.

“سٺو انصاف ٿيو آهي حوريءَ سان.”

خدن، لالوءَ جي ڪن ۾ ڪسڪو ڪيو تہ لالو جو ٺهڪ ۽ ڪنگهہ بہ ٺهڪن ۾ شامل ٿي پيا.

“اها اٿئي جوين کي جهڙپ.”

“خدوءَ پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو ۽ پاڻ ئي ٻڌو.

نڪاح کان پوءِ جان محمد خان، الله بچائي کي سڏي چيو، “ٻڌ الله بچايا، هينئر ئي جيپ ڏيانءِ ٿو. پٽ ۽ ننهن کي وٺي جبل وارين زمينن ڏانهن هليو وڃ. وري چوري هتي جو منهن نہ ڏسي.”

جبل تي مينهن وسي بہ چڪو هو. پر حوريءَ جي اکين جو اپ، ڪنهن جي وڇوڙي ۾ ڪارن ڪڪرن سان آگميل هو. ■

سچ لهڻ ڪانپوءِ...

منظور ڪوهيار

هو حد درجي جو سودائي ۽ عجيب قسم جو تصوراتي ماڻهو هيو. هن کي ڪڏهن ڪڏهن تصور جي اک اهڙي ڏِک بہ ڏيندي هئي. جڻ ”موهن جي دڙي“ جا آثار پنهنجين پِٽين چِٽين سميت جُڙي پيا آهن ۽ زندگي هر گهر جي اڱڻ تي ڪر موڙي اُٿي آهي. هو ’پوڄاري بادشاهہ‘ جيان، اوچين پِٽين تان شهر جو جائزو وٺندي، رٿابنديءَ بچاءَ جي اوني ۾ غرق آهي. سندس سرمي ۾ ٽپ ٽيل اکين ۾ جڻ پورالي سنڌوءَ جي ادائن ۽ جفائن کي هٽ ڪرڻ جي حسرت سمايل آهي. پر اهڙي تصوراتي مانداڻ ۾ تڏهن مانداڻ پوندو هو. جڏهن ڏسڻ وارن جا ٽولا هلان ڪري سندس حد ۾ داخل ٿيندا هيا. تڏهن سندس چهري تي فڪر جي ريکائن ۾ اچا اضافو ٿي ويندو هيو ۽ هو پنهنجي ويران شهر جي باقي آثارن کي بچائڻ ۾ ائين جنبي ويندو هيو. جيئن شايد ’پوڄاري بادشاهہ‘ هن وسنديءَ کي ويران ٿيڻ کان اڳ، آخري ڪوشش ڪندي بچايو هجي.

هيءَ ڪهڙي قسم جو سائيٽ اٽينڊنٽ هيو؟ اها ڳالهہ ’ڪيوريٽر‘ کان وٺي ’اسسٽنٽ ڪيوريٽر‘ تائين ڪنهن کي بہ سمجهہ نہ آئي هئي. البت، انهن پنهنجي سمجهہ مطابق اهو نتيجو ڪڍيو هيو تہ هن جو ڊيوٽيءَ کان اڌ ڪلاڪ اڳ اچڻ ۽ وقت پوري ٿيڻ کان پوءِ وڃڻ ۾ ضرور ڪو مقصد آهي. ڀلا ٻيو ڪهڙو مقصد ٿي سگهي ٿو، سواءِ انلالچ جي تہ ڪنهن دير سوير ايندڙ پرڏيهي کان بخشش ڳنهجي. پر اهو الزام باوجود ڪوشش جي بہ هو مٿانئس ثابت نہ ڪري سگهيا هيا.

اڄ بہ هميشه وانگر وقت کان اڳ، ’ايس ڊي ايريا‘ ۾ پهتو هيو. هر هڪ پٽ کي جاچڻ ۽ هر هڪ ٽڙيل سر کي ٺاهڻ واري اجائي جُوفي ۾ جنبيل هيو. جنهن مان ڪيس ڪا بہ هڙ حاصل ٿيڻي نہ هئي. اهو طعنو، سندس ساٿي سائيٽ اٽينڊنٽ اڪثر ڪري کيس سمجهائيندي هڻندا هيا، ”سچيڏنا، اجايا هڏ ٿو هڻين، ورنہ ڪجهہ بہ نہ.“ پر پوءِ بہ اهو طعنو سندس پٽي تي نہ پوندو هيو.

هن هيشہ وانگر ’اسٽوپا‘ ڏانهن ويندڙ ڏاڪڻين تي چڙهندي، اوپارئين طرف منهن ڦيرائيندي وهندڙ سنڌوءَ کي حسرت مان ڏٺو. سچ جا سونهري ڪرڻا، سنڌوءَ جي جهرين کي جرڪائي رهيا هيا. هن هميشہ وانگر من ۾ سمايل ان اڪاڻيءَ کي ياد ڪيو، جيڪا ڏاڏنهس کيس هنج ۾ ويهاري، سامهون نظر ايندڙ سنڌوءَ جي ٻيٺهري ۾ ٻڌائي هئي:

”ابا، جڳن جي ڳالهہ آهي.“ ڏاڏنهس ڏڪندڙ هٿن سان ڦٽل آثارن ڏانهن اشارو ڪندي چوندي هئي، ”ابا، وڏڙا ٻڌائيندا هيا تہ اتي موهين جو شهر هيو.“ تنهن ڪانپوءِ سيني ۾ان سانديلقصي کي ڪڍي ٻڌائيندي هئي، ”جيڏو هيو شهر سهڻو، تهڙا هيا ماڻهو منهن مهانڊي وارا. مٿان وري هيو راڄ ڪوڏيو ۽ بختاور. موهين جي هاڪ هئي. ڏيهن کان ماڻهو موهين کي ڏسڻ ايندا هيا، تہ ان شهر ۾ رهجي. شهر ۾ رهڻ لاءِ منٿ ميڙ ٿيندي هئي، جي سندس چڱي هلت چلت ڏسي راءِ راضي ٿيس، تہ پوءِ جيئن چئبو آهي تہ جنهن تي راءِ راضي، ان جي جهوليءَ چنڊ جُهليو. ڏسندي ڏسندي اهو بہ موهين جو ٿي ويندو هيو ۽ مُونهون ان جو.“

”پوءِ ڏاڏي ڇا ٿيو؟“ هو اڪثر پڇي ويهندو هيو.

”ٻچڙا، ڪو تہ ڪَلور ٿيو هوندو، جو سڪيو ستابو موهون اُجڙي ويو ۽ موهين وارن الائي ڪاڏي بر منهن ڪيو.“ هوءَ ناس جي ڊبلي مان چپٽي ڀري، نڪ ۾ سٽڪندي، ٿڌو ساهہ ڀري چوندي هئي.

ان ڪلور واري قصي جي ڪڏهن ٻهڪي سڌ نہ پئجي سگهي هئي. جڻ هن جي نظر ۾ اهو قصو درياهہ جي پيٽ ۾ اچي ويو هيو. جنهن کي وقت جي وير اهڙو تہ لٽي ۽ دٻائي ڇڏيو هيو، جنهن جي پوري خبر هن جي وڏڙن کي بہ نہ پئجي سگهي هئي.

”ڪهڙو ڪلور ٿيو هوندو؟“ هن پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو.

پوءِ پنهنجي اندر مان جواب ڳولڻ جي ڪوشش ڪندي ڪيائين، ”ايئن تہ نہ ٿيو هيو، جيئن هاڻي ٿئي پيو؟ پاڻ جيئن ڏاڙيلن جي اُره زورائي ۽ پوليس جي ڏاڍ ڪري، ڪچي جا پڪا ڇڏي پڪي تي اوکڙو ويٺا آهيون.“ هن موهين جي ڪُکِ ۾، اولهائين پاسي کان پنهنجن اڏيل پونگن ۽ لانڍين تي نظر وجهندي، ڏکارو ٿي سوچيو، ”متان ائين ٿيو هجي، انهيءَ وقت بہ ڏاڍن ڏاڍ ڪيا هجن ۽ زور آورن زور آوريون؟“

هن کي ائين پڇپچائيندي ڳچ وقت ٿي چڪو هيو. هن چوڌاري نظرون ڦيرائيندي ڏٺو، ’ايل، ايچ آر، وي ايس، ڊي ڪي ۽ منيرا ايريا‘ تي سيئي سائيٽ اٽينڊنٽ رکوالي لاءِ پهچي چڪا هيا. هاڻي هو پٺ ورائي اسٽوپا جي باقي بچيل ڪچي پڳوڙي جي سامهون اچي ويٺو هيو. ڪچي پڳوڙي کي جاچيندي، ڪجهہ ساعتون تہ ڪنهن گهري فڪر ۽ ويچار ۾ غرق ٿي ويو. جڻڪ چو پڳوڙو ساڻس مخاطب هيو يا هوان سان. اسٽوپا جي اهو ئي پڳوڙو، جيڪا هر ايندڙ جي پري کان آجيان ڪندو هيو ۽ هر ڏسندڙ کي سڏي پنهنجي اندر جا هزارين داستان ٻڌائيندو هيو، بشرطيڪ ڪو ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارو هجي. هن ڏٺو تہ جنهن کي صدين جو بي درد وقت بہ نہ جهڪائي سگهيو هيو، هاڻي انهيءَ کي ماڻهو پنهنجن پيرن هيٺان بيدردي سان لتاڙي رهيا هيا. شايد ڏينهون ڏينهن ڏسڻ ۽ سمجهڻ وارا گهٽبا پئي ويا ۽ رونشي ڪوڏيا وڌندا پئي ويا.

هو اسٽوپا جي ڪچي پڳوڙي سان اندر اوري، هاڻي اوٽنيهہ ڏاڪن واري ڏاڪڻ جي منڊتي، اتر منهن ڪيون، اڄوڪي ڏينهن تي اچڻ وارن جي آجيان لاءِ اچي ويٺو هيو. اها سڌ ڪندي تہ من، موهين کي ماڻهو انهيءَ اک سان ڏسن. جنهن اک سان هن ڏٺو آهي يا وري اهڙي ئي حيرت واري انداز ۾ ڏسن. جيئن پرڏيهين جا ٽولا پيار ۽ پاٻوهہ ۾ هن اجڙيل نگر کي ڏسي، عجب کائيندا ويندا آهن. هن ڪيترائي دفعا ڏٺو هو تہ پرڏيهين جا ٽولا، گائيڊ جي اڳواڻي ۾ هتي پهچي، اڪثر شوق ۽ ذوق ۾ گائيڊ کي اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيندا هيا. سواءِ انهن پوڙهن ۽ پوڙهين جي، جيڪي پنهنجي سست رفتاري جي ڪري ان کي ٻڌڻ لاءِ مجبور هوندا هيا. اها ڳالهہ تہ وري سندس دل وٺان ٿيندي هئي، جڏهن پرڏيهي گهمندڙ، موهين جي هڪ هڪ گهٽي ۽ گهيڙ کي پنهنجي ڪئميرا جي اک سان محفوظ ڪندا هيا. ان وقت هن کي ائين لڳندو هيو، جڻ موهين جي هڪ هڪ سِر کين پراڻي ڪال جا قصا ٻڌائيندي ويندي هئي ۽ پاڻ ئي موهون سندن سونهون ٿِي ويندو هيو.

هن اُپين پيرين اهڙائي دل کي ڏِڍ پئي ڏنا تہ اڄوڪن پانڌيئڙن مان ڪو اهڙو نہ هوندو، جيڪو بي ٻٽيادن يا ڌرتي ڌڪاڻن جيان موهين کي نفرت ۽ ڌڪار مان نهاري چوندو، ”سڀ بڪواس آ. سڀ فضول آيا هيءَ ڪافرن جي تهذيب آ.“ هن هيشہ وانگر اڄ بہ ساڳي سڌ رکي هئي تہ اڄوڪو ڏينهن سرت ۽ ساڃاهوندن جو هوندو، ڏسڻ ۽ سوچڻ وارن جو هوندو. ائين اندر اوريندي اوريندي سندس انتظار جون گهڙيون پوريون ٿي چڪيون هيون. ٻہ بسون زوڪات ڪنديون، ’ايس ڊي ايريا‘ جي لوهي گيٽ جي سامهون اچي بيٺيون اٽڪل سئو سوا گلن جهڙا ٻارڙا هيٺ لهي چڪا هيا. مالهين جهڙا ڇهہ برجستا استاد ڇهبڪن ۽ چپاٽن جي زور تي کين چپ ڪرائي رهيا هيا. بندرو ۽ گهاٽي ڏاڙهي وارو استاد، جيڪو ٻين کان عمر ۽ عهدي ۾ ڪجهہ سرس پئي لڳو، تنهن ٻارڙن کي خالص لاڙڪاڻي واري لهجي ۾ سمجهائڻ شروع ڪيو،

”اڙي شورئو، هي ٿوءَ مو... هن جو... دڙو. هتي.. اڻ... آريا... رهندا هيا. ڪچي... مشي... ۽ ڪچو گوشت... کائيندا هيا. ٻڌئو؟“

ٻارڙن ٿهڪڙا ڏيندي ڪورس واري انداز ۾ جواب ڏنو، ”جي سائين.“

”هاڻي هي... سامهون ٿو... اسٽوپو، گهمڻ گهتڻ لاءِ... متان پوءِ گهر وڃي پهنجي وڏن کي دانهن ڏيو تہ سائين وڏو يا استاد چندو وٺي ڪائي ويا ۽ ڏيکاريائون ڪجهہ بہ نہ.“

”جي سائين.“ ٻارڙن زور سان بيزاريءَ ۾ جواب ڏنو.

”هاڻي مٿي هلو، شاباس.“ استاد ڏِسٽي آڱر سان اسٽوپا طرف اشارو ڪندي، ڪنهن فوجي آفيسر وانگر چڙهائيءَ جو حڪم ڏنو. ٻارڙا حڪم جي تعميل ڪندي جنگي سپاهين وانگر اسٽوپا کي وڪوڙي ويا.

’استاد وڏي‘ جي انو کي ڄاڻ، هن کي سڪتي ۾ آڻي ڇڏيو. هاڻ هن ٻي سڌ ڪئي هئي تہ جيڪر مٽي ۽ واريءَ جو وڏو طوفان لڳي ۽ هن ڦٽل شهر جي آثارن کي مڻ مٽين ۾ ملائي ڇڏي. پر هن کي اها بہ خبر هئي تہ اندر جون سڌون صرف سڌون ئي هونديون آهن، ساپيا نہ ٿينديون آهن.

ٻارڙا هاڻي اڄاتري ڌڻ وانگر بي قابو ٿي چڪا هيا. اهو ئي ٿيو، جنهن جو کيس پئو هيو. هن ڏٺو تہ ٻارڙا اسٽوپا جي ڪچي پڳوڙي تي چڙهي رهيا هيا. ڪاڪڙي تي زور ڏيندي هن ٻارن کي گهٽيون هڪلون ڏنيون، پر بي چَين ٻارن تي بي اثر ثابت ٿيون. پاڻ کي بيوس سمجهندي هن بيٺل تماشائي استادن کي التجا واري انداز ۾ چيو،

”سائين، مهرباني ڪري ٻارڙن ڪي هيٺ لاهيو، زيان ٿو ٿئي.“

اسٿوپا ڪان هيٺ ڊنل مڙهين يا حجرن وارن آثارن تي بيٺل ’سائين وڏي‘ جي دل ڪي جهٻو اچي ويو. تنهن ڪيس آٿت ڏيندي، ’حاضر بابا.‘ چئي، پنهنجي پرسان بيٺل ننڍڙي ڇوڪري جو هٿ پڪڙيندي، اسٿوپا تي چڙهي پوري طاقت سان چنبو ڪنڌيريندي،اتي بيٺل ٻارن ڪي هڪ زوردار پوندو ۽ ڪڙڪيدار دڙڪو ڏنو،

”لخ جي لعنت ٿو شورئو،ڪتي جا پٽئو، لهو هيٺ.“

ان زوردار پوندي ۽ دڙڪي جو اثر ٻارن تي وقتائتو ٿيو. ٻارڙن پڳوڙي جي ڏاڪڻي ڪنڌ ڪي پنهنجن ننڍڙن بوٽن سان ضربون ڏيندا، ’ٽپ ٽپ‘ ڪندا، مٿيءَ جا پور ڪيرائيندا هيٺ لهي ويا. هن دل ئي دل ۾ استاد وڏي جو شڪريو ادا پئي ڪيو ته استاد وڏي جي نينگرڙي سٻاجهي انداز ۾ انگل ڪري وڌو،

”بابا، مان ڪي به مٿي...“

استاد وڏي معصوم ٻارڙي جي انگل ڪي پوري ڪرڻ ۾ دير ئي نه ڪئي. پڳوڙي تي ڏاڪڻي پاسي ڪان پنهنجي پير ۾ پيل ڪاري بوٽ ڪي ڦٻائيندي چڙهي پيو. سچيڏني ڪان رڙ نڪري وئي:

”اڙي سائين، تون پنهنجي سِر به!“

”چاچا ، ڇو ٿو هيانءُ لاهين. مڙيئي پُٽڙي ڪي ريجهايان ٿو.“ سائين وڏي سمجهائڻ واري انداز ۾ جواب ڏنس.

”پر ابا ، آفيسرن جي جهل آ ۽ اهو قانوني ڏوهه به آ.“

”چاچا ، ماستر سمجهي دڙڪا نه ڏي قانون جا ، اسان ڪي به قانون جي خبر آهي. هن پٽ تي چڙهندي، جيڪا ٻين ڪي ڦاهي ڏني اٿو ، سا سپاٽي اسان ڪي به ڏيارجو، بس نه؟“

”ابا ، دڙڪا ته ڪونه ٿو ڏيانءِ ، پر چڱائي پئي چيم.“ سچيڏني هيٺيائين وٺندي وراڻيو.

”چاچا ، پٽ سرڪاري آ ، جي پڇي پوندي ته ٻي ٺهندي، تون اجايو پڇڙيون نه هڻ.“

سچيڏني، سندس ڳالهائڻ مان اندازو هنيو ته استاد وڏو ٻاٽياتو ۽ ڦڏئي آهي، ان ڪري خاموشي سان استاد ڪي رڳو حيرت مان ۽ پڳوڙي جي پور پور تي ڪرندڙ مٽيءَ ڪي حسرت سان ڏٺو، جنهن تي لهڻ چڙهڻ ڪري ،هاڻي ڄڻ ته ڏاڪا ٺهي ويا هيا.

استاد وڏو، وڏي ڊنائپ سان پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارڙي جي حسرت پوري ڪري هيٺ لهي استادن ۽ ٻارن جي ڊلي ۾ شامل ٿي چڪو هيو. جيڪو وڏي حوض ڪي لتاڙي، ’ايل ايريا‘ ۾ ڊومان هٽي رهيو هيو. هن جون نظرون اڃا استادن ۽ ٻارن جو پيڇو ڪري رهيون هيون، ته هن اترئين پاسي ڪان ايندڙ مرد ۽ عورت جي مليل جليل ٺهڪن تي پنهنجو منهن ڦيرائي اوڏانهه ڏاڪڻ واري ڏاڪڻ ڏانهن ڪري ڇڏيو . جنهن تان هڪ ٻي جوڙ جوڙو آهستي آهستي مٿي اچي رهيو هيو. گول مٺول مرد جو پيٽ، ڊگهي ۽ اپي ڏاڪٽچڙهڻ ڪري هلچل ۾ اچي ويو هيو ۽ پگهر سندس خضاب ٿيل وارن مان ڳڙي، سندس ٿلهي گردن تان لڪيرون ٺاهي پئي هليو . پر پوءِ به هو انهيءَ اذيت واري حالت ۾، ميڪ اپ سان ڀرپور نخريلي جوانڙيءَ جي اڪين ۽ هٿن جي ادائن سهاري چڙهڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪو هيو . هن چڙهندي ٿڪاوٽ وچان هڪ وڏو ساهه ڪڍندي چيو، ”اُف!!“ ۽ پوءِ نوجوانڙي سان مخاطب ٿيندي چيائين،

”اڙي اهو ٿئي راجا موهن مل جو بنگلو.“

”هو...اون.“ نوجوانڙي حيران ٿيندي ۽ پوءِ اسٿوپا جي چوڌاري مڙهين جي آثارن ڏانهن اشارو ڪندي پڇيس، ”۽ هو ڏانهن؟“

”اتي راجا جو سپاهه رهندو هو.“

”ڪهڙي ڪمائي هوندن، بنگلي تي ڊيوٽي ڪندي؟“ نوجوانڙيءَ نخري سان ڇپارو ڪڍندي اندازو لڳايو.

”بس سمجهه ته لائن ۾.“ ، گول مٺول مرد سندس ڳالهه کي ٽيڪو ڏيندي چيو.

”مون ڪي به ته بنگلو وٺي ڏي نه، وعدو جو ڪيو هئي؟“ نوجوانڙي ڪي بنگلي واري ڳالهه تان سندس ڪيل وعدو ياد اچي ويو.

”اڙي وٺي ڏيندو مانءِ ، رڳو ٻه ٽي ڏينهن ڇڏ. ٽاٽي تي آئي گهٽا ڏينهن ٿيا آهن، ٻڌاءِ؟“

”چڱو وعدو ڪر ڪڏهن؟“

”ڏاڙهي آ ، اڳلي مهيني.“ مرد پنهنجي ڪوڙيل ڏاڙهي تي ڪاٻو هٿ ڦيرائيندي وراڻيو.

”اڙي اهو ٻڌاءِ ته هن بنگلي جي ڪچي پٽ تي ويهي راجا ڇا ڪندو هو؟“ نوجوانڙي اسٿوپا جي ڪچي پڳوڙي جي اڏاوت کي نه سمجهندي پڇيس.

”راجا ڇا ڪندا هيا؟“ مرد ساڳيو ئي سوال ڦيرائي نوجوانڙي ڪان ڪيو.

”مون ڪي ڪهڙي خبر ته ڇا ڪندا هيا؟“ نوجوانڙي سمجهندي به ڪانئس وضاحت گهري.

”پري ڪان نظرن سان گهرن جي جهڙتي وٺندا هيا ، ته ڪهڙي ڪهڙي گهر جون ڇوريون تير ڪمان لڳيون پيون آهن“ مرد اڪ هڻندي ٻڌايس.

”هون...اون، چئبو ته وڏو نظروت هيو.“ نوجوانڙي سمجهندي مشڪي پئي.

”اونئين، جوٺهنس ته وري ٻيٽي شوقين هئي.“ گول مٺول مرد وڌيڪ انڪشاف ڪندي ٻڌايس.

”نه، نه.“ نوجوانڙي ڪان شوق ۽ جستجو مان رڙ نڪري وئي.

”جوٺهنس وري اهڙي سُرنگهه ٺهرائي هئي، جتان پنهنجي يار سان وڃي ملندي هئي. توکي به هاڻي ڪا اهڙي سرنگهه ٺهرائي ڏيان، باقي هڪ اڌ نياپي ڪي ته ليکي ئين نٿي.“ مرد ميار ڏيندي چيس.

”مان ڪو مڙس ڪان ڊڄڻ واري آهيان ڇا؟ هي سينڌ آ ، تون هيڪر بنگلو وٺي ڏي، دنيا ڪي ڏيکاري توسان نه وينس ، ته اچي مٿو ڪوڙجانءِ.“

”اڙي اها سرنگهه هتان اولهائين پاسي ڪان ٿي.“ گول مٺول مرد بنگلي واري ڳالهه تان ڌيان هٽائڻ لاءِ نئين ڳالهه ٻڌايس.

”ائي، ڪاٿي آ سرنگهه ڏيکار؟“ نوجوانڙي جستجو وچان پڇيس.

”چڱو هن پٽ تي چڙهي، اولهائين پاسي ڏي ڏس.“

”تون به ته چڙهه نه؟“ نوجوانڙي ضد ڪندي چيس.

”اڙي اسان هاڻي ڪائي ڪائي تي پيا هون سانَهه. ڪاٿي ٿا چڙهي سگهون؟“ مرد پنهنجي ٿوٿريل جسم تي ناز ڪندي چڙهڻ ڪان صاف لنوائي ويو ۽ پوءِ نوجوانڙيءَ کي چيائين، ”اڙي، هلي آ ته ٽيڪ ڏيئي چاڙهيانءِ.“ گول مٺول مرد نوجوانڙي کي سڏ ڪندي، اڃا چيلهه ۾ هٿ وجهي ڏاڪڻي پاسي ڪان پٽ تي چاڙهڻ لڳو ته سچيڏنو جيڪو پرڀرو بت بڻيو ڪين حيرت مان تڪي رهيو هيو، تنهن ڪان رڙ نڪري وئي،

”اڙي ابا ، تون پڙهيل ڪيل عملدار. تون به جو ائين ڪرين ته باقي؟“

گول مٺول سندس ظاهري شڪل کي ڏسندي بي پرواهي سان نوجوانڙيءَ کي پڳوڙي جي ڪچي پٽ تي چاڙهڻ ۾ مشغول رهيو. نوجوانڙي ڪوشش جي باوجود به نه پئي چڙهي سگهي، رڳو ٽڙ ڦٽڙ ۾ سينڊل جي ڪڙين سان پڳوڙي کي رهڙا پئي ڏنا.

”او ابا ، ٻيلي ڪيڏا نه ايلاز ٿو ڪيانءِ ٻڌي ئي نٿو؟“ سچيڏنو چوندو رهيو.

”ڊِڪ لڳي ٿي وڃئي ڪراڙا ، هانءُ ٿو ڦاٽئي پٽ لاءِ. پٽ نه هوندي ته ملڪ نه هلندو. اسان ماڻهو ڊاهي ڇڏيندا آهيون ته ڪو چوڻ وارو ناهي هوندو. باقي هيءَ پٽ اچي معتبر ٿي آ. ڪير آ ڙي؟“گول مٺول مرد پنهنجي پوليسڪي رڳ ڏيکاريندي پڇيس.

”سائين، مان سائيٽ اٽينڊنٽ.“ سچيڏني هيسجي جواب ڏنس.

”ماڪي ته منهن مهانڊي ۾ ڏاڙيل ٿو لڳين.“ هن سندس اڇي پڳ ۽ ٽپيل ڏاڙهيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

”نه سائين، مان ته غريب ماڻهو آهيان.“

”هجين ها ٽاڻي تي، ته ڏونهان ڪڍي ڇڏيانءِ ها. پر ڪاڏي ويندين؟“ گول مٺول مرد ڪاوڙ ۾ سندس سوا پنجن فوٽن جي قد کي گهوريندي ڌمڪي ڏني ۽ پوءِ سرنگهه ڏيکارڻ لاءِ اسٿوپا جي ڏاڪٽي، ڏاڪڻ تان نوجوانڙي سان گڏ لهيو.

سچيڏني پنهنجي موڪري مُنهن تان آيل پگهر کي ، اڇي قميص جي پلوءَ سان اگهي، منهن اوڀارين پاسي ’ڊي ڪي ايريا‘ ڏانهن ڪري ڇڏيو. هن کي ائين محسوس ٿي رهيو هيو ڄڻ هو مونهينجي ڪنهن وڏي ۽ گهري کوهه ۾ اُڇلايل ماڻهوءَ جيان آهي، جتان ڪو به سندس آواز کي ٻڌي يا سمجهي نٿو سگهي.

هو وساڻل وساڻل اسٿوپا جي اترئين پاسي هڪ پڪ سري پٽ تي اچي ويهي رهيو هو. هن جون نظرون مونهين جو طواف ڪنديون جڏهن ’ايس ڊي ايريا‘ جي گيٽ مان داخل ٿيندڙ پنج عدد عالم سڳورن تي پيون . جيڪي دستار مبارڪ ۽ لنڊين سٿڻن سان نرڙ تي عالماڻو گهنڊ سجايون تيزيءَ سان اسٿوپا ڏانهن اچي رهيا هيا. سندن سونهارين ۽ اڇن اجرن ڪپڙن کي ڏسي سچيڏني جي دل ۾ سندن لاءِ عزت ۽ احترام وڌي ويو. هن سوچيو، جيترا هو ٻاهران اڇا اجرا ۽ نيڪ ٿا لڳن، اوترا اندر جا به ضرور هوندا. من، هنن جي گفتگو، سندس هيانءَ تي ڇندو وجهي وڃي . هن دل ئي دل ۾ پهه ڪيو ته انهن جي پٺ وٺبي. سندن ڳالهائڻ ٻڌبو ۽ هيئين سان هنڊائبو.

هاڻي عالم سڳورا اسٿوپا تي پهچي چڪا هيا. عمر رسيده عالم سڳوري گوڏن جي سور جي دانهن ڪنديءَ گهرو ساهه ڪڍندي چيو ، ”ابئول، گوڏائي ونجي ويا ، ڪافر ڪيڏو نه مٿي رهندا هيا؟“

”توهان بجا فرمايو، استاد محترم.“ نئين ريهه لٿل عالم سڳوري ڪنڌ ڌوڻي سندس تائيد ڪئي.

”اڙي عبرت حاصل ڪيو، عبرت. هن منڪرن جي شهر مان.“ عالم سڳوري ٺاهوڪي اوٻاسي ڏيندي اوڀارين ۽ ڏاڪڻي پاسي آثارن طرف اشارا ڪندي

انڪشاف ڪيو.

”ڪتابن ۾ آيو آهي ته بادشاهه ڏاڍو ظالم، زاني، شرابي ۽ رب جو وڏو نافرمان هيو. چوندو هيو، مان رب آهيان.“

”لخ لعنت جا پها ڀڏانس.“ ڪاوڙ ۾ ڏند ڪرٽيندي، هڪ اڌوهي مولانا خار مان رايو ڏنو.

”هي سڄو شهر سمجهه ته شيطاني چرخو هو. مولانا محمد صادق. رنا ڇيڪ ڇڙيون وتنديون هيون. گهر گهر ۾ چير پئي چمڪندي هئي. اڳيان رن ته پٺيان مرد. محبت موڪلائي وئي، مرد کي مرد کان نفرت ٿي وئي. پوءِ ته خدا جي رحمت کي اهڙو جوش آيو، جو ملائڪ سڳورا موڪلي مٿائن اهڙو ته قهر نازل ڪيائين، جو هي سڄو ڪفرستان قبرستان ٿي ويو.“

”چڱو ڪيائين.“ مولانا محمد صادق ڪافرن جي انجام تي خوش ٿيندي وراڻيو.

”پوءِ جڏهن هتي انگريز بي دين آيا. تن ڪوٽائي، بت ڪڍي، ڪجهه پنهنجي ملڪ کڻي ويا. ڪجهه هتي ڇڏي ويا. هاڻي هتان جا منافق ۽ مشرڪ ڪين پنهنجن ابن ڏاڏن جون نشانيون سمجهي پيا سانڍين ۽ رڙيون ڪن ته هتان جا ماڻهو وڏا سڌريل هيا.“

”ڪو دانگي سان مهڪارو ٿين.“ مولانا محمد صادق، جذباتي انداز ۾ وراڻيو.

”يلا، استاد عزت ماب، هي ڪچي پٽ جو پنوڙو. ڇا لئه ڪافرن اڏيو هيو؟“ ننڍي نيٽي عالم سڳوري اسٽوپا واري پڳوڙي ڏانهن اشارو ڪندي پڇيو.

”اِن تي چڙهي پراوا ننگ ڏسندو هيو، ٻيو ڇا ڪندو هو، ڪُني مهٽيو.“

”استاد محترم، ان تي چڙهي ڏسان؟“ ننڍي نيٽي عالم، وڏي عالم سڳوري سان حجت ڪندي پڇيو.

”چڙهه، چڙهه، ڪير ٿو جهلئي.“ وڏي عالم سڳوري خوشيءَ مان اجازت ڏيندي وراڻيس.

”او ننڍڙا مولانا، نه چڙهه. نه چڙهه. پڳوڙي جا چاپڙ ڪري پوندا قبلا.“ پويان بيٺل سچيڏني عاجزي ۽ انڪساري ڪندي منع ڪيس.

”اهي ڪفر جا نشان ڊهن ته چڱو نه.“ وڏي عالم سڳوري نخوت سان جواب ڏنس.

”قبلا سائين انهن کي بچائڻ لاءِ ته سرڪار اسان کي پگهار ڏي ٿي. وري سرڪار نامدار کي، دنيا جا ٻيا ملڪ به انهيءَ ڪري امداد ڏين ٿا، ته اهي آثارڙا بچن.“ سچيڏني وڏي عالم سڳوري جي اڳيان ڏاڍي ادب سان وضاحت ڪئي.

”اڙي، جنهن کي خدا تباهه ڪيو آ، ان کي تون ڇا بچائيندي؟ تنهنجي سرڪار ڇا بچائيندي ۽ ٻي دنيا وارا ڇا بچائيندا؟ ڦٽ آ تو کي، تنهنجي سرڪار کي ۽ ٻي دنيا وارن ملڪن کي. هونهه! اهي ته مشرڪ. پر خدا تنهنجو به اڃي ڏاڙهي ۾ خانو خراب ڪيو آ. جي اها پگهار ان ڪري ٿو وٺين ته ڪافرن جا نيشان بچن، ته پنهنجي قيامت ڪاري ٿو ڪرين!“

انهيءَ تقرير دوران، ننڍو نيٽو عالم سٽڻ جي ٻچي سڌي ڪري، ور ڪنجهي صفائي سان ملتاني گهيتلي سوڌو پٽ تي چڙهي ، ڪجهه چاپڙ ڪيرائي ثواب دارين حاصل ڪري چڪو هيو. چوڌاري نظرون ڦيرائيندي، حيرت مان ڪانئس رڙ نڪري وئي هئي،

”جهَلِ استاد، چئين سچ ٿو. وڏو ڪفر ستان هو، چئبو.“

”هل، هل. ته دوزخي حوض به ڏيکاريانو، جتي ڪافر وهنجندي، اِغلام بازي به ڪندا هيا.“ وڏي عالم سڳوري انڪشاف ڪندي سيني جي جستجو وڌائي ڇڏي. پوءِ عالم سڳورا شوق ۽ ذوق ۾ ٽُرليون لوڏيندا، دوزخي حوض طرف وڃڻ لڳا. پر سچيڏنو سندن وڃڻ ڪانپوءِ به ڪافي دير تائين، نظرن سان سندن پيڇو ڪندو رهيو. جيستائين عالم سڳورا ان حوض کان ٿيندا ’ايل ايريا‘ جي گهٽين ۾ گم نه ٿي ويا . هو سوچڻ لڳو، ’موهين جا اڏيندڙ ۽ هاڻي آثار بچائيندڙ گناهگار آهن؟ شهر کي تباهه ڪرڻ ۽ آثارن کي ميسارڻ وارا ثواب ڪمائيندڙ آهن. يعني ناهڻ گناهه ۽ ڊاهڻ ثواب آهي.‘ سندس اندر ڪٽڪ جي داٽن جيان، ڇڻ جنڊ جي ٻن پڙن وچ ۾ ڏڌرجندي پئي ويو. اندرئين ڪشمڪش جي ڪري هن جا ويڪرا ۽ سڌا پنا هيٺ لڙڪي پيا هيا. کيس محسوس ٿي رهيو هيو ڄڻ هو صدين جو گناهگار آهي.

هو پاڻ گهليندو اترئين پاسي واري ڏاڪڻ تان هيٺ لهي ’ايس ڊي ايريا‘ جي گيٽ ڀرسان ڪنڊيءَ جي وڻ هيٺان ويهي گناهن ۽ ثوابن جي ڳڻ ڳوت ۾ لڳي ويو. اوچتو ڊز، ڊز، ڊزڪ، ڊز.“ جي ڌماڪيدار آوازن تي سچيڏني کان ڇرڪ نڪري ويو. هن ڏٺو ته پنجاهيڪو کن نوجوان هڪ مِني بس تان هيٺ لهي، گيٽ طرف ڏوڪيندا اچي رهيا هيا. ڪجهه نوجوانن کي هٿن ۾ ٽيپ رڪارڊر هيا، جيڪي فل آواز سان وڄي وايو منڊل ۾ ترٿلو پيدا ڪري رهيا هيا. هن سندن افعالن مان اندازو ڪري ورتو هيو، ته پڪ سان اهي ڪاليجي شاگرد هوندا. هن ڏٺو ته گهڻن نوجوانن اسٽوپا ڏانهن ويندڙ ڏاڪڻ تان چڙهڻ مناسب نه ڄاتو. ٿهيل ٺڪيل پيچرن تي هلڻ بجاءِ پنهنجا نوان گس ۽ پيچرا جوڙڻ لڳا . جنهن ڪري ڪيترين ئي سرون جيڪي رڳو اٽڪاءَ تي بيٺيون هيون ، پنهنجين جاين تي ٽڙندي هيٺ ڪري چڪيو هيون. نه چاهيندي به هو هيانءَ جي ڏڍ تي سندن پٺيان هلڻ لڳو. سمورا نوجوان ’ايس ڊي ايريا‘ کي ائين ورائي ويا هيا ،ڄڻ ڪنهن وڏي ياڄ ڪانپوءِ خالي شهر غنيمن جي ور چڙهي ويو هجي. حوض وارو پاسو ڄڻ ميدان جنگ بڻجي چڪو هيو، جتي نوراڪشتي کان وٺي مارشل آرٽ جو مظاهرو ٿي رهيو هيو . مضبوط سرون به پنهنجين جاين تان ٽڙڪي ۽ پٽجي ڪين داد ڏيئي رهيون هيون. انهن مان ڪجهه نوجوان جيڪي فنڪارانه طبعيت جا مالڪ ۽ ويڙهه ڪي انسان جي بري جبلت سمجهند هئا، تن اسٽوپا جي ڪچي پڳوڙي تي وڃي ديرو دمايو. انهن مان هڪ جوڙي فنڪارن جي اسٽوپا جي پڳوڙي تي بريڪ ڊانس ڪندي فوٽو ڪڍرائي رهي هئي. سچيڏني اهو سمجهندي به ته سندس ميڙ منٿون بي اثر ثابت ٿينديون، پر پوءِ به عادت کان مجبور ٿي اڳتي وڌيو. هن انهن شوخ ۽ چنچل ڇوڪرن کي جيڪي پٽ تي ڦيراٽيون پائيندي ۽ بدن جي هڪ هڪ انگ کي ڦڙڪائيندي پڳوڙي جا چاپڙ لاهي رهيا ها، تن کي ايلاز ڪرڻ شروع ڪيا،

”او پُٽ، ٻيلي، الله جو نالو ٿَو، هي... هي ته ڏسو ڪيئن نه پڳوڙو پورپور پيوٿئي؟“

”چاچا، اسان، تو کي موئن جي دڙي جي نچڻيءَ وانگر نٽا لڳئون؟“ نوجوانن نچڻيءَ جو پوز ٺاهيندي پڇيس.

”ها ابا، ان کان به وڌيڪ پر.“

”باءِ گاڊ، تو به ڪنگ پريسٽ کان گهٽ ڪونهين. هلي آ ته گڏجي ڊانس ڪيون.“ هڪڙي نوجوان فنڪار رقص جي دعوت ڏيندي چيس.

”ابا، مان ڇا ڄاڻان،انهن ڳالهين مان.“

”چاچا، سون جو پٽُ ڪاڏي ڪيئه؟“ ٻئي نوجوان خوامخواه چيڙائڻ لاءِ سوال ڪيس. سچيڏني خاموشي ۾ عافيت سمجهندي، ڪين ڪو به جواب نه ڏنو. فنڪار نوجوانن جهمريون پائيندي، سچيڏني کي چيڙائڻ واري انداز ۾ ڳائڻ شروع ڪيو.

سچيڏنو مٿين کان نا اُميد ٿي هيٺ حوض واري پاسي لهي آيو. هڪ نوجوان جنهن کي گهيريدار سفيد سٿڻ ۽ بوسڪي جي قميص پهريل هئي. هو نيپولين بونا پارٽ جيان ٻئي هٿ پنٽي ڪيون، انهيءَ ويڙهه واري مظاهري مان لطف وٺي رهيو هيو. تنهن کي پاسو ڏيندي چيائين، ”پٽ، تون سياڻو سيبتو ٿو لڳين، هنن کي جهلين نٿو؟“

”چاچا، اهي ڇريا پٽ هن، نه مڙندا.“ ان کيس ٺپ جواب ڏنو.

”ابا، پڳوڙو ڊهي پوندو ته ڄڻ مونهين جو موڙ ٽٽي پوندو. اهو سڀ ڪجهه توهان جو ته ورثو آ، توهان پاڻ خيال نه ڪنداءُ ته ٻيو ڪير ڪندو؟“

”تون دل نه لاهه چاچا، جي ڀڄي پيو ته سڄو اسٽوپا، سيمينٽ يا سنگ مرمر سان ٺهرائڻ جو حڪومت کان مطالبو ڪبو. اڄڪلهه پنهنجي حڪومت آ، سڄي سنڌ کي موئن جو دڙو بڻائي سگهون ٿا، تون خوامخواه پريشان نه ٿي.“

”پر ابا، اهي آثا... رڙا.. ته نه رهندا نه؟“ هن نهايت عاجزيءَ سان کيس عرض ڪندي چيو.

”پيٽان، مٿو ئي چٽي ويو آن. پنهنجي ورثي جي حفاظت ڪرڻ اسان جو ڪم آ يا تنهنجو؟ اسان تي هتي اچي مئلن جي شهر کي زندگي بخشيون ٿا. تنهنجي آجو ٽر ٽر لڳي ٿي وڃي.“ نوجوان سچيڏني تي چڙي پيو.

”وڏا چاهي؟“ ٻيو نوجوان جيڪو پرپرو زور زور سان ٺهڪ ڏيئي رهيو هو، تنهن ڪنڌ ڦيرائي پڇيس،

”ڪجهه ناهي، مڙيئي ڪُراڙي کي ازل ڪنيو آ.“

”لاهيونس يلا چنچري؟“ ٻي نوجوان ڄڻ اجازت گهرندي وراڻيس.

سچيڏني چنچري لهرائڻ کان اڳ ئي ڪڙين تي زور ڏنو ۽ اسٽوپا جي اترئين پاسي واري ڏاڪڻ تان لهي، ’ايس ڊي ايريا‘ جي سامهون واري باغيچي ۾ اچي ساهي پٽي. هو ڪنهن ڊنل سهي جيان سهڪي رهيو هو. هن جي دل وري هڪ انوکي سڌ ڪئي هئي ته ’ڪاش، هن کي ديون جيڏي طاقت هجي ها، ته مونهين کي ڪنهن چڪيءَ جيان پٽي ڪنهن سانتيڪي جوءِ تي رکي اچي ها.‘ جڏهن سڌن جي تصور مان نڪتو ته ٻانهن ۾ پاتل سستي گهڙيءَ تي نظر وڌائين. پورا ٻه وڳا هيا . هو ماني کائڻ لاءِ باغيچي ۾ رکيل ڪاٺ جي بئنچ تي اچي ويٺو. پاسي واري ڪيسي مان، رومال ۾ ويڙهيل چانورن جا به سنها چلا ۽ ڳڙ ڪڍي کائڻ لڳو. هن ماني کائيندي ٻيرن جي پاڙ ۾ رکيل مٽ مان پاڻيءَ جا ٻه ٽي گلاس هڪ ٻئي مٿان ڏوگهي ورتا- ڄڻ اڌ ڏينهن ۾ مليل توائين جي تاس اجهائڻ پئي چاهيائين. اڃوڪي اباڻڪائي ۽ نراسائي کيس ڪتان جو ڪتان نيو پئي ويئي. هن کي ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا ڪري؟

هن پنهنجي منهن پٽڪڻ شروع ڪري ڏنو ڄڻ پاڻ ڪي متيون ڏيندو هجي،

”ڪنهن ڪنهن کي سمجهائيندي سچيڏنا، ڪنهن ڪنهنا ڳيان ليلائيندي؟ هتي جا هڙيئي ڪفن چور. وڏڙن جي وٽ لوئڻ ۽ لٽڻ وارا، خبر ٻه اٿئي ته مٿان کان هيٺ ائين ڪم پيو هلي؟ تون ٻه ٻين وانگر هاهڙ هوهڙ ۾ لپڙ سپڙ ڪري ڪم ٽپاءِ، ڪنهن لاءِ جهوراٽو؟ چا لئہ اُسڙڪڻ؟ اجايو لالانگهرو ته اڪن مان انب ملندا ۽ ٻېرن مان ٻير؟ هي لکيل پڙهيل جاهلن جو ملڪ آ.“ هن پاڻ سان جهيڙيندي گهرو ساهہ کنيو. پوءِ وڏي پيڙا ۾ اذيت سان آخري فيصلو ڪري ڇڏيائين،

”اڳتي ڪک پيچي ٻه ٻيٽو نہ ڪبو. هاڻي جاڙي ٻه جڳ سان!!“

اهڙي فيصلي ڪانپوءِ ڪيس ائين لڳو ڄڻ سندس سالن جي پيڙاءِ پريشاني ختم ٿي وئي هئي ۽ ڪيس تڙپائڻ ۽ ترسائڻ لاءِ ڪجهه ٻه نہ رهيو هيو. ڪاٺ جي بئنچ کي ٽيڪ ڏيئي اڦرو ٿيو پئي اوجهريو، ته سيلنسر ڦاٿل سوزوڪي وين ٻوهيارا ڪندي، ’ايس ڊي ايريا‘ جي گيٽ تي اچي بيٺي. هن جون ٻوٽيل اکيون وري پٽجي ويون. هن ڏٺو ته ڳاڙهي رنگ جي ڪليل سوزوڪي وين مان پنج ڇهه همراه ڏوڙ هنيا ڪپڙا ڇنڊيندي گيٽ وٽ لهي چڪا هيا. هن سندن ڪارين الفين ، رنگين چتين وارين ٽوپين، ساون ڳاڙهن ڳانن ۽ ٻانهن پهريل ڪولابن مان اندازو لڳائي ورتو هو، ته همراه فقيري خيال جا آهن. شايد ڪنهن درگاهه يا ميلي تان موٽ ڪئي هيائون . اهي سپيئي سٻيليا ٿيا، ڪرڙوڊ فقير جي اڳواٽي هيٺ مست هاٿين جي ٽولي وانگر جهومندا، اسٽوپا ڏانهن ويندڙ ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳا.

ڪين ڏسندي سچيڏني جو من وري بي چين ٿي ويو. هو دليون هٽڻ لڳو، سندن پٺيان وڃڻ گهرجي يا نہ؟ سندس هڪ دل چيو، ”نہ اجايو ڪهڙو فائدو پٺيان لڳڻ ۾... رهندو سهندو دل ڏکائي وڃهن ته پوءِ؟“ ٻي دل چيس، ”ڪهڙي خبر مٿان اهي گهر گنپير ۽ دلذير هجن. ڪک هيٺان لک پيو آهي . من انهن وٽ ڪا ٻڌ سڌ هجي، ته مونهون پاپ نگر نہ پر پريم نگر هيو.“

سچيڏنو اندر ۾ ڦٿڪندو، ڏجهندو، ڪُرڪندو، پنهنجي عادت کان مجبور ٿي سندن پٺيان رڙهڪڻ لڳو. ڪرڙوڊ فقير، آخري ڏاڪڻ تي رسندي هڦجي پيو،

”يا حسين. نانگا، ڏاڍي چڙهائي آ؟“

”هائو باغ علي فقير.“ نانگو جنهن کي صرف ڪاري الفي اوڍيل هئي، تنهن سهڪندي جواب ڏنس.

ڪجهه ساهي پٽڻ ڪانپوءِ فقيري لڏي، اسٽوپا جي مٿانهين حصي تي چڙهندي خوشيءَ مان نعرو هنيو، ”حق، حق. نور شاه ...ڪچي ۾ ٻه باه. ته پڪي ۾ ٻه باه!! “

نانگي فقير ڪلهي ۾ لڙڪيل نفيل جي سورخدار چوٽيءَ کي چپن تي چاڙهي ڦڦڙن جي پوري طاقت سان ڦوڪ ڏني ته نفيل جو آواز گونجڻ لڳو، ”اون .... اون... او...ن ... ترڙوت... ترڙوت... ترڙوت.“

”صدقاڙي، صدقا نانگا.“ سپني فقيرن ڪيس دل سان داد ڏنو.

”ابا، هاڻي هيءَ ٿو راجا موهين جينگري.“ وڏي فقير ڪاري ڏنڊي سان اشارو ڪندي سپني فقيرن کي ٻڌايو.

”هائو، باغ علي فقير!!“ سپني حالين موالين عجب ڪائيندي پڇيس.

”وڏا فقير، هن نگريءَ کي ڪنهن اونڌو ڪيو؟“ هڪ ٻئي فقير آثارن کي پنهنجي پر ۾ اونڌو سمجهندي سوال ڪيس.

”پنهنجي مرشد، ٻيو ڪنهن؟“

”ڪيئن؟“

”اهو هيئن ته راجا هيو وڏو آڙيڪاپ . جڏهن ٻہ ڪنهن نئين نويل ڪيري تي عاشق ٿيندو هيو، ته ان کي اصلي هتي، جتي اسان بيٺا آهيون گهرڙي گهوٽي پي ڇڏيندو هيو.“

”يلا، چ ..... چ..... چوڪرو وڏا فقير؟“ هَڪڙ ۽ قديلي ملنگ جنهن کي ڪٻي ڪن ۾ والو پيو هيو، تنهن کان ازخود نڪري ويو.

”ملنگ، تو کي ته رڳو پنهنجي؟“ وڏي فقير ٿوري پيار واري خار ڪائيندي چيس، ”تي سگهي ٿو، اهو تو وارو شوق ٻه ڪندو هجي. شوق جي ته ڪا ٻها ئي ناهي نہ بابا!“

ٻين فقيرن انهيءَ ملنگ کي نظر انداز ڪندي وڏي فقير کي لاڳ ڏيندي چيو، ”ڇڏ، انهيءَ کي وڏا فقير.“ جيءَ بابي کي چوان،

”توهان راجا آڙيڪاپ جي ڳالهه پئي ڪئي؟“

وڏي فقير وري قصي کي اتان ڪنيو، جتي ڇڏيو هيائين، ”پوءِ چا ٿيو جو، هڪڙي ’آنگيلي‘ نالي ڪيري هئي پنهنجي مرشدنور شاه جي، تڙ ڏاڍي سائين مور شاه جي مريدياڻي. اهڙي جهمريل هئي، جو جهمر هٽي ته مئلن ۾ ٻه ساه پئجي وڃي. ناز نخرا ۽ انگل ڪري ته چڱي ڀلي ماٺوءَ کي چتو ڪري ڇڏي.“

”اها مولائڻ، وڏي مرشد سائين جي مريدياڻي ڪيئن ٿي؟“ سوزڪي جي لسڙاٽ ڊرائيور، جيڪو باغ علي فقير جو نئون چڳ وڍيو مريد ٿيو هيو، تنهن پڇيس.

”اهو وڏو قصو آ، محبوب سائين.“ وڏي فقير نئين مريد کي اک هڻندي ، حال في الحال راز کي راز ۾ رهڻ اجو اشارو ڪيو ۽ پوءِ قصي کي اڳتي وڌائيندي ٻڌايائين، ”جڏهن ان آڙيڪاپ راجا آنگيليءَ جو ناچ ڏٺو ته صفا گگ ڳڙي پيس. پوءِ چت ڪتائي ۾ اچي ان مولائڻ جا سمورا ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيئين.“

”اها نہ جنهن جو بت ٻاهر باغيچي ۾ ٻہ لڳل آ. اُگهاڙي لڱين هٿ ۾ وٿو جهليون بيٺي آ؟“ نانگي فقير پڪ ڪرڻ خاطر پڇيس.

”او اِها، واه جو سڃاتو اٿيس.“ باغ علي وراڻيو.

”پ....پوءِ؟“ هڪڙَ ملنگ تجسس وچان پڇيس.

”پوءِ ته وٿو گوڏي تي رکي ڪرئين ٿي سائين کي سڏ، ته آءٌ منهجا مور، تنهنجي گهر ۾ گهڙني ٿا چور. سائين مور شاه ته واقعي چورن مٿان مور هيو، ڪا گهٽ ڳالهه ته ڪونہ هئي نہ؟ جلال ۾ اچي، هيئن جو ڏنڊو ڪٽي ڦيرايائين ته سڄو ملڪ ئي اونڌو.“ وڏي فقير جو ڏنڊو اسٽوپا جي پڳوڙي جي ڏاڪٽي پاسي اٽڪاءَ تي بيٺل چاپوڙي کي نڪاءُ تي ويو. سچيڏني کان لاشعوري طور تي رڙ نڪري وئي، ”ابا، فقير! خيال سان.“

”يت ۾ ڪٻر، تون وري ڪير آن؟“ باغ علي فقير کي هن جي اوچتي وچ ۾ ٽپي پوڻ تي ٻڇان لڳي.

”فقير سائين مان سرڪار طرفان هن هنڌ جي رکوالي ڪندو آهيان.“ سچيڏني ڪيس ٻڌايو.

”رکوالي ڪٻي آ ميخانن ۽ مڪانن جي، هيءَ کهڙي رکوالي ٿو ڪرين؟ هڻ نعرو، ٿيءَ مريد ته ٿاهيون ميخانو هتي. پوءِ ڏس رنگ مولا جا. چا ٿي مرضي؟“ باغ علي فقير ڪائنس عجيب قسم جو سوال ڪري ششدر ڪري ڇڏيو.

سپئي فقير ’برحَق‘ چوندي سچيڏني تي ڪلڻ لڳا. سچيڏني باغ علي فقير جي ڏنل صلاح جو ڪو ٻہ جواب نہ ڏنو . خاموشيءَ مان رڳو سندس منهن تڪيندو رهيو. ڪيس اها خبر هئي ته اڄڪلهه اهي مجاور چورن ۽ ڌاڙيلن جون نانيون ۽ چاڙتا آهن، ان ڪري انهن سان ڊيگهه ڪرڻ اجائي آهي.

”پوءِ چا ٿيو مولائڻ جو؟“ هَڪڙ ملنگ، جنهن غور سان قصو پئي ٻڌو ، تنهن باغ علي فقير کان تجسس منجهان پڇيو.

”شينهن فقير، مرشد رڳو ان مولائڻ کي سرنگهه ٿاهي جيئدان ڏنو. باقي ٻيا منڪر راجا آڙيڪاپ سميت اصلي ڪٿو ٿي ويا.“

”ح....حق، ح...حق مور ش..شاه بادشاه، ه..هِتي ٻه و..وه واه ..ته..ته هُتي ٻه وه واه.“ شينهن فقير هٻڪي هٻڪي نعره هڻندي وراڻيو.

”يلا ان سرنگهه جو ديدار وٺندءَ؟“ باغ علي فقير سپني فقيرن کان پڇيو.

”ها نہ بابا، مرشدي سرنگهه ڪيئن نہ ڏسبي؟“ سپني فقيرن هڪ آواز ٿي وراڻيو.

پوءِ اهو فقيراٽو ٽولو ٽاڪ منجهند جو، مرشدي سرنگهه جي ديدار لاءِ اسٽوپا تان هيٺ لهي حوض طرف هليو ويو، جتي قديمي حوض جي پر ۾ پڪ سري ڊڪيل وڏي نالي ٺهيل هئي.

سچيڏنو سندن گفتگو ٻڌڻ ڪانپوءِ خيالن جي ٻوڏار ۾ اچي ويو. مايوسي وچان وَرن وَرن ٽيل ڇهري سان هن اجا لهڻ جي پئي ڪئي، ته اسٽوپا جي ڏاڪٽي پاسي ’ايل ايريا‘ کان ڀهراڙيءَ جا ڇهه ڳيرو ٺهڪ ڏيندا ۽ تاڙا ملائيندا اچي رهيا هئا. مٿن تي ڳاڙها ٽوپ، ڪلهن تي ڪارا رومال، نيون گوڏيون پهريل، ڌُڙڪَهٽندا اچي اسٽوپا تي پهتا. سچيڏني کي هميشہ وانگر اُميدن جا اجايا ونگ پيرن ۾ پئجي ويا . ٻيهي رهيو انهيءَ خواهش ۾، ته من انهن وٽان ڪو اهڙو قصو ٻڌي، جنهن کي ٻڌي سندس دل باغ و بهار ٿي وڃي.

مساڳ لڳل ،ڪاري قميص ۽ ريشمي گوڏ پهريل نوجوان جنهن جي عمر ويهن پنجويهن جي وچ ۾ هئي. تنهن اسٽوپا جي چوٽيءَ تي چڙهندي هڪ وٽر سٽر جوان کي ٻڌايو، ”قادو ڪمينا، هي ٿئي مونهون.“

”يلا، هي جنهن تي بيٺا هون، اهو چاهي، جانو پڙوا؟“ قادو جيڪو هن جُوءِ کان ڪجهه اڻ واقف پئي لڳو، تنهن گار جو جواب گار سان ڏيندي پڇيس.

”هي بادشاهي ڪوٺو آ، قادو.“ جانوءَ جواب ڏنس.

”بادشاهه چا ڪندو هو، ڪوٺي تي؟“

”شام جو بادشاهه ڪوٺي تي ٻيهي تاڙ ڪندو هو“.

”چاجي؟“

ٻي ڳيرو چٽر ڪندي ٻڌايس، ”اڙي چريا، تاڙو هو رنن جو. ٻيو چا؟“

”ها ائين چئہ نہ خيرا. هاڻي ڳوٺ پڳي.“ قادو سمجهندي پوءِ پڳوڙي جي اولهائين ٽنگڙي ۾ منهن هٽندي پڇي ويٺو، ”اڙي ، هي ڪلڳو چا جو آ؟“

”اتان وري هود (حوض) ڏي تاڙ ڪندو هو“ ٽين همراه جواب ڏنس.

"هو دم ۾ ڇا ٿيندو هو؟" هو سوالن مٿان سوال ڪندو ويو.

"اٿين سمجهه جڻ پار وارو راميءَ جو ٽڙ ۾ پيليا ٿيون." خدوءَ مام ۾ سمجهايس.

"الا." نوجوان کان رڙ نڪري وئي. ڳالهه سمجهه ۾ آيس ته چيائين، "ڇئبو ته اسان واري ڇگي مڙس گهرام جهڙو ٽسينگ حرامي هو نه؟"

"گهرام جي بات آ؟" جانوءَ سندس مٿال کي اڃا ڪٽل سمجهندي وراڻيو.

"پوءِ ته بادشاهه جا لاٽريا مزي ۾ هوندا." قادو ٽنگا ٽيڙي، ڇڏا ڪنهندي رايو ڏنو ۽ پوءِ جانوءَ کان پڇيائين، "اڙي جانو، هن پٽ تي چڙهان ته پار نظر ايندو؟"

"چڙهي ڏس ادا، مٿان پنهنجو ڳوٺ نظر اچئي. مهينا ٿيا تي ڳوٺان نڪتي." جانوءَ ساڻس پوڳ ڪندي ٻين کي ڪلاٽي وڌو.

سچيڏني نوجوان کي زور سان رڙ ڪندي منع ڪئي، "اڙي ابا نه چڙهجانءِ ان تي."

"اڙي چاچا، چو ٿو روڪينس. عمر پٽن تي چڙهندي گذري ٿس. ڪونه ڪرندو." جانوءَ پٽين تي چڙهڻ جو تجربو ٻڌائيندي چيس.

"پر ابا، هيءَ اها پٽ تي ڪونهي... هيءَ ته ."

"چاچا خبر آ، باشاهجي گهر جي پٽ هوندي. پر ڪي جوان ته اتان به نه مڙيا هوندا." جانوءَ مساڳ لڳل چپن مان اڇا ڏند ڏيکاريندي وراڻيس. قادو چال ڏئي پڳوڙي تي چڙهي بوٽ سان ڪچي گاريءَ سِر جو ڇگو پلو ٽڪر لاهي وڌو.

"اڙي پار ته ظاهر ڪونه ٿو ٿئي، رڳو بيٺهرو ٿو نظر اچي." قادوءَ پرنٽ تي ساڄي هٿ جو ڇاڇو ناهيندي اوپر طرف جهُوهه هٽنديچيو.

"اڙي، لهه ته هٽئي نه شمون گولي. اڳيئي آهيو ڏورٽي. اڄڪلهه نبن وارن سان انهيءَ بيٺهري ۾ وينو ٿي." جانو چيڙائيندي چيس.

"اڙي تنهجي دعا ڪپي. شمون تو گولي هٽي. به ٿي ڪچيون پنديون ميمڻ، شيخ ۽ واٽيا ڪٽي مڙس ماٺهو ٿي ويو آ. اٿين ڪڏهن اچي ويو نه، پنهنجي ور ۾، ته بشت ئي هڪڙو هٽندو مانس." قادو گجندو هيٺ لهي پيو. پوءِ هڙيئي ڳيرو جوان جيئن تيزيءَ سان آيا هيا، تيئن دڙڪ هٽندا واپس هليا ويا.

سچيڏنو سمجهي چڪو هو ته هڙيئي همراهه پهريائين ڪچي جا ڪاٽڪو ۽ هاٽي پاڳيلا آهن. سندن ڪرتوتن جي ڪري ڪيترا بيگناهه گولين جو ٻڪ ٻڄي ويا. ڪيترن کي پنهنجا پراٽا پڪا ڇڏڻا پيا ۽ هاٽي پڪي تي در در جون نوڪرون پيا ڪائين. سچيڏني کي پنهنجا سور ياد اچي ويا، ته ڪيئن نه پوليس آپريشن دوران سندن گهر ٻهارجي ويا. ڊور ڏڪا کاهجي ويا. آخر گهرن کي باهيون ڏيئي ڏيکاريو ويو، ته انهن ڏاڙيلن جا ٽاڪ ساڙيا آهن. نه ڪٽڻ وارا سور ياد ڪندي ڪيس وقت گذرڻ جو احساس ئي نه رهيو.

هن جڏهن پنهنجي گهڙي تي نظر وڌي ته شام جو ساڍا چار ٿي رهيا هيا. باقي سندس سرڪاري ڊيوٽي ختم ٿيڻ ۾ اڌ ڪلاڪ هيو. هو اڄوڪي ڏينهن تي ايندڙن کان گهٽو مايوس ٿي چڪو هيو. چو ته هن اڄ ٻڌي هئي ته رڳونٽول ۾ چٽر، جي محسوس ڪئي هئي ته بي حسي ۽ ببوسي. پر پوءِ به آس جي ڏياٽي اڃا سندس دل ۾ جهمڪا ڏيئي رهي هئي. اوپارين پاسي کان اسٽوپا جي ڇانو ۾ بيٺي جڻ آخري ٽولي جو انتظار پئي ڪيائين. انهيءَ آسري ۾ ته مڻ کو سج لهڻ کان اڳ سندس آس جي ڏياٽي ۾ ڪو اُميدن جو تيل وجهي وڃي.

آخر ڪار هن کي 'ايس ڊي ايريا' جي سامهون روڊ تي ٻه گاڏيون بيهندي نظر آيون. هڪ ڊبل ڪيبن گاڏيءَ مان رعب تاب سان فل سوٽ پهريل مرد، ميڪ اپ سان ڀرپور ساڙهي پهريل اڌيڙ عورت ۽ پينٽ شرٽ پهريل سمارٽ ڇوڪري لٿي. ٻي گاڏيءَ مان هڪ عام شلوار قميص پهريل همراهه، جنهن جي هڪ هٿ ۾ پاڻيءَ جو ڪولر ۽ ٻي هٿ ۾ فروٽ جي چلي هئي ۽ ٻه ڪلاشنڪوف بردار باڊي گارڊ لٿا. جيڪي سندن پٺيان پٺيان وڏي عزت ۽ احترام سان اچي رهيا هيا. هن پنهنجي تجربي مان اندازو لڳائي ورتو هيو، ته اسٽوپا تي ايندڙ هي آخر ٽولو، سياسي يا آفيسر گهراڻي سان تعلق رکي ٿو. جڏهن اهو ٽولو آهستي آهستي اسٽوپا ويجهو ٿيو، ته ساڙهي پهريل عورت کي اُڃ لڳي. هن دانهن ڪئي، "اڙي گلو، پاڻي ته پيار." گلو ڪولر هيٺ رکي، "حاضر بيگم صاحبه." چئي باادب تي گلاس ڀري ڏنو.

تنهن کانپوءِ فل سوٽ پهريل همراهه گلوءَ کي حڪم ڏنو، "گلو، چليءَ مان فروٽ ڪڍ."

"حاضر صاحب." چوندي، گلو چليءَ جو منهن کولي فروٽ ڪڍي سڀن کي ڏنو. سڄي اسٽوپا تي ڪيلن ۽ نارنگين جون کلون وکري ويون. انهن جي انهيءَ روش تي سچيڏنو بيٺي بيٺي حيران ٿي رهيو هيو، ته هي اسٽوپا ڏسڻ آيا آهن يا پڪنڪ ملهائڻ؟ کائڻ پيئڻ کان فارغ ٿي اهو گهراڻو اسٽوپا جي مٿانهين هنڌ تي اچي بيٺو ۽ آٽوميٽڪ ڪيميرا سان فوٽو گرافي ۾ مشغول ٿي ويو. بيگم صاحبه ۽ سمارٽ ڇوڪري مختلف پوز ناهي پئي فوٽو ڪيرايا.

"پاپا، هڪ فوٽو، هن ديوار تي ٿي وڃي." سمارٽ ڇوڪري، پڳوڙي تي بيهي فوٽو ڪڍڻ جي خواهش ڏيکاري.

"نو بي بي، چوٽ لڳندي." صاحب، ڇوڪريءَ کي منع ڪندي چيو.

"پاپا پليز؟" ڇوڪري زور ڀريندي چيس.

"ڇڏيس، پلي چڙهي فوٽو ڪيرائي. ان ۾ ڇا هي؟" بيگم صاحبه، صاحب جي منع واري حڪم کي رد ڪندي چيو.

"اوڪي بي بي، بٽ ڊونٽ بي ڪيئرليس." صاحب، ڇوڪري کي اجازت ڏيندي تاڪيد ڪئي.

"ٿينڪ يو پاپا." اٿين چئي نوجوان ڇوڪري پڳوڙي تي، پيرن ۾ پيل فِليٽ کي ڪپائيندي چڙهڻ لڳي.

"امان، او امان، تون سياڻي سيبتي، الله ڀاڳ ڀلو ڪرئي، نه چڙهه پڳوڙي تي... نقصان ٿيندو منهنجي ماءُ." سچيڏني جي بيٺل زبان جڻ ازخود اٿلي پئي.

"پاپا، هي ڏسو. هي پائي جهلي ٿو." نوجوان ڇوڪري، صاحب کي دانهن ڏيندي چيو، ته باڊي گارڊ به اڳتي وڌي آيا ۽ صاحب جي حڪم جو شدت سان انتظار ڪرڻ لڳا.

صاحب پٽ ورائي، غيض ۽ غضب ۾ سچيڏني کي ڏٺو ۽ پوءِ آڏي پڇا ڪرڻ شروع ڪيائينس، "اڙي ڪير آن، تون جت. هيڏي آءُ."

سچيڏنو باادب تي سندس سامهون آيو ۽ جواب ڏنائين، "سائين، مان سائيٽ اٽينڊنٽ."

"ڊريس ڪٿي آ تنهجي؟" صاحب سوال ڪيس.

"سائين چئن سالن کان نه ملي آ، صاحب چون ٿا ته هاڻي ڊريس جا پيسا بجيٽ ۾ نٿا اچن".

"اڇي ڏاڙهي ۾ ڪوڙ ڳالهائيندي شرم نٿو اچئي؟ ڪاٿو پاڻ هٽو آفيسرن تي." صاحب، آفيسر شاهي جو بچاءُ ڪندي چڙ ڏنس. هن ڪيس ڪو به جواب نه ڏنو، اهو سوچيندي ته واقعي صاحبن جو ڪوڙ به سچ هوندو آهي ۽ ننڍن ملازمن جو سچ به ڪُوڙ.

"سروس ڪارڊ ڪٿي ٿئي؟" صاحب کانئس ٻيو سوال ڪيو.

سچيڏني سروس ڪارڊ کيسي مان ڪڍندي، ڏکندڙ هٿن سان صاحب کي ڏنو. صاحب سندس ڪارڊ تي سرسري نظر ڦيرائيندي پڙهيو.

"نالو، سچيڏنو ولد پليڏنو، ذات درياڻي... عمر 57 سال. سائيٽ اٽينڊنٽ. گريڊ پهريون. ائڊريس، گهر پنهنجا، لڳ موهن جو دڙو."

صاحب سندس ڪارڊ، نفرت سان اُڇلائڻ واري انداز ۾ موٽائيندي چيس، "اڙي پهرين گريڊ جو ملازم ۽ ايڏو مٿو خراب. تو کي ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي عزت جو خيال ئي ڪونهي. تو کي اهو ڪنهن سيکاريو آهي، ته تون اسان جي ٻارن تي حڪم هلائين ۽ کين ڊپريس ڪرين... هان؟"

"مان ته ايمانداري سان ڊيوٽي ٿو ڪيان، صاحب" سچيڏني هٿ ٻڌندي جڻ ته معافي گهرڻ واري انداز ۾ جواب ڏنو.

"ڊيوٽي جا پُٽ، هليو وڃ هتان، نه ته اتي جو اتي اهڙا پادر هٽائيندوسانءِ، جو مالڪ به نه سڃاڻيندئي." سچيڏني کي سندس کُرڪي ۽ رعب تاب مان هاڻ پڪ ٿي چڪي هئي، ته هو ڪو وڏو ماڻهو آهي. تڏهن ايڏو بدتميز آهي. هن 'حاضر سائين' چئي پويان پير ڪري اچي اترئين ڏاڪڻ جي منڊي تي ٿي بيٺو. هن پري کان نوجوان ڇوڪريءَ کي اسٽوپا جي پڳوڙي تي بيهي فوٽو ڪڍائيندي پئي ڏٺو ۽ ٻڌو، جيڪا چئي رهي هئي:

"پاپا، هتان جا پائي بيوقوف هيا نه، جو بنا ڇتين وارين جاين ۾ رهندا هيا؟" سمارٽ ڇوڪريءَ جي انهيءَ معصوم ۽ وٽندڙ اٽڃاٽاٽپ تي صاحب ۽ بيگم صاحبه کان بي ساخته ٽهڪ نڪري ويا. اهڙيون ڪيئي وٽندڙ ۽ اٽڃاٽاٽپ واريون ڳالهيون سچيڏنو نه ٻڌي سگهيو، جيڪي ان گهراڻي سندس ايريا ۾ گهمندي ڪيون. ٿوريءَ دير کانپوءِ اهو آفيسر گهراڻو به سندس ايريا کي ڇڏي، گاڏين ۾ چڙهي، سندس اکين اڳيان الوپ ٿي چڪو هيو.

ڊيوٽي جو ٽائيم ختم ٿي چڪو هيو. ان ڪري سڀ سائيٽ اٽينڊنٽ پنهنجيون پنهنجيون جڳهون ڇڏي چڪا هيا. ڪيوريٽر ۽ اسسٽنٽ ڪيوريٽر پنهنجي روزي حلال ڪرڻ خاطر، پهريون ۽ آخري چڪر 'ايس ڊي ايريا' جي گيٽ تائين ڏئي هليا ويا. آهستي آهستي سج جا سونهري ڪرڻا اسٽوپا جي جهرندڙ پڳوڙي ۽ وڏي حوض جي ڀرندڙ پٽين کي چميون ڏيندي موڪلائيندي پئي ويا. پر سچيڏنو سج لهڻ کان پوءِ به انهيءَ اجائي جُوفي ۾ جنبي ويو هيو، جنهن مان ڪيس ڪا به هڙ حاصل نه ٿيڻي هئي. ■

وينٽولين اسپري...

محمد صديق منگيو

سياري جي سير ۾ ڦوهه جوڀن واري رات جا ست ٿيا هئا. جنوريءَ جو جِن، بوتل مان ٻاهر نڪري آيو هو. اُتر جون اوتون فضائي اسپري سان، ماڪ جي ڦوهار ڇٽينديون پئي ويون، وقت جي ڦيرا ڏيندڙ جندَ تي، رات جي پاڇيءَ مان چوٽائي بہ ڪا نہ پيئي هئي. پر چوڌاري ڪُڪڙون ڪون لڳي پئي هئي. بني بشر جو پيٽڪو بہ ٻڌڻ ۾ ڪو نہ پئي آيو. دونهاٽيل ڪوهيڙي، ماحول ڪي پنهنجي وشال پاڪر ۾ پري ڇڏيو هو.

ٻن ڪمرن واري گهر جي ننڍڙي ڪمري ۾ مهان اديب ۽ شاعر دائم الدين ’دائمي‘ جاڳيو پئي. گهر جي وڏي ڪمري ۾ سندس بيمار پٽ ارشاد، جوان ڌيءُ عذرا ۽ دم ساهہ جي بيماريءَ ۾ ورتل زال زرينا ستل هئا ۽ هو پنهنجي تخليق گاهہ ۾، تخليقي ڪم ۾ رڌل هو. ڪمرو ڇا هو؟ مهان شاعر جو اسٽڊي روم گهٽ، گهر جو اسٽور روم وڌيڪ پئي لڳو. ڪمري جي اولهندي پٽ ڪان اڌوراٽي وڏي لوهي پيٽي، پيٽيءَ مٿان پراڻن ڪپڙن ۽ رلين سڀڻ جي اڳڙين ٽڳڙين جون هڙون، پراٽي سلائي مشين، اڻ سبيل رليون ۽ رليون سڀڻ جي ڌاڳن جي ٽُٻٽي رکيل هئي. پرسان ڪاٽ جي گهڙامنجيءَ تي هند بسترا ۽ ڌاڪٽي پٽ سان ٽڪر ٽولها ۽ گهر جو ڪچرو ڪاٻاڙ پيل هو. اُترين پٽ سان لوهي ڪٻٽ ۽ ڪٻٽ پرسان سندس ڪٽ پيل هئي. ڪٽ جي پرسان مِٽيءَ جي سگريءَ ۾ ڪاٺ جا ڳٽڪا ٻريا پئي. دونهين ڳاڌڙ ٻاهہ جي ڪوساڻ، ٿڌ ۾ ٺري ويل ڪمري ڪي گرم رکڻ لاءِ وت آهر زور پئي لاتا. سگريءَ پرسان بلغمي ٿڪن ڇڏڻ لاءِ مٽيءَ سان اڌيڪو ٽين جو دٻو رکيل هو. اترئين پاسي پٽ ۾ لڳل لوهي ڪلين تي رکيل ڪاٺ جي تختن مٿان ڪتاب، فائيل ۽ اخبارن جا ٿَها ۽ ڪجهہ ڪتاب ۽ دوائون ڪٽ جي پرسان اڌوراٽي ڪاٺ جي ٽيبل تي رکيا هئا. ڪيترائي مجتا ايوارڊ ۽ شيلڊون، ڪاٺ جي تختن ۽ لوهي ڪٻٽ مٿان بي ترتيب حالت ۾ هڪٻي مٿان سٿيا رکيا هئا. ڪمري جي پٽين جي پلستر جا چاپڙ لٿل ۽ فرش هنڌان هنڌان اُکڙيل هو.

هو سئو وولٽ بلب جي روشنيءَ ۾، پٽراٽي وڇايل ڪٽ تي جوٽون پيچي، جوٽ تي رکيل وهاٽي ڪي رائيٽنگ ٽيبل بڻائي، نڪور تخليق لاءِ پين وات ۾ ڏئي، خيال جي آمد جي اوسيئڙي ۾ هو. پر ڏات ديوي مٿس مهربان نہ پئي لڳي. اها تہ اچڻي بہ ڪا نہ هئي. ڏات جي ڏيهہ جي لڇڙو ديوي، چڙوچڙ ذهنن جي پُرشور وادين ۾ نہ ايندي آهي. اُها، تہ وجدان جي رَٿ تي سوار ٿي، ذهن جي سانتيڪن جزيرن ۾ وارد ٿيندي آهي. هن جو ذهن سانتيڪو ڪٿي هو؟ هو نهي نُڪي وينو تہ، خيال جي آمد لاءِ هو، پر ذهن تي پُٽ جي بيماريءَ جي سوچن جو قبضو هئس. ذهن جي ڪا بہ ڳلي خالي نہ هئس، جتان خيال جي آمد ٿئي. هو وهاٽي تي ٺونٺ رکي وينو هو ۽ سوچن جو ڪُن گهوماٽيون ڏئي انت اُونهي ۾ ڪٽي ويو هئس. سوچن جي واچوڙن ۾ ايترو تہ گهيرجي ويو هو، جو ڪيس زرينا جي موجودگي بہ محسوس نہ ٿي، جيڪا ڀيڪڙيل دروازو ڪولي مٿان اچي بيٺي هئس. ڪجهہ ساعتن ڪان پوءِ زرينا پيرانديءَ ڪان ڪٽ تي ويهڻ لڳي، تہ هو ڇرڪ ڀري خيالن جي ڄار مان ڦٽڙائي ٻاهر نڪتو ۽ اونهو ساهہ ڪٽي چيائين،

”زرينا، تون ڪيڏي مهل آئينءَ؟“

”تون هتي هجين، تہ ڏسڻ ۾ بہ اچانءِ نہ؟“ زرينا جي لهجي ۾ پنهنجائپ هئي.

”او خدا جي بندي، اڌ ماڻهو آهين. وِلهہ سان سينو تہ نہ ساهہ ڪٽي؟“ هن جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.

”رِلي ڪي ٽوپا پئي ڏنم. بُت ۾ سياڪو ۽ مٿو ڳرو ڳرو پئي لڳم. پنهنجي لاءِ ڪاڙهو ٺاهيم. چيم تہ تو لاءِ بہ ڪٽيو وڃان.“ هن پيالو ڏانهس وڌائيندي وراڻيو.

”ها زرينا، سچ تہ، تون منهنجو ڪيڏو نہ خيال ٿي رکين.“ هن زرينا ڪان پيالو وٺندي چيو.

زرينا ڪا بہ ورندي نہ ڏني يا ورندي ڏيڻ ضروري نہ سمجهائين. ٻئي ڪاڙهي مان سُرڪيون ڀرڻ لڳا.

”ارشاد جي طبيعت هاڻي ڪيئن آهي؟“ هن سوال ڪيو ۽ زرينا جي جواب ڪان اڳ سندس چهري جي تاثرات مان جواب لهڻ لاءِ ڪيس ڇتائي ڏسڻ لڳو.

”اڌ مٿي جي سور ڪان ٽَڪر هٽي، مَس وڃي سُتو آهي، ٻچڙو.“ زرينا وراڻيو.

”ڳٽتين اچي ورايو اٿم. ڊاڪٽر چون ٿا، تہ آپريشن...“ هو جملو پورو ڪري، ان ڪان اڳ زرينا سندس جملو اڌ ۾ ڪٽي وراڻيو.

”مئو ابو سندن، چوڻ ۾ خرچ ئي ڪو نہ ٿو اچين. تون ڳٽتي نہ ڪر. اڌ مٿي جو سور اٿس. ٻچي شل، ٺيڪ ٿي ويندو.“

هو ماٺ ٿي ويو. دل ۾ چيائين پئي،

”ڀِيلي آهي ويچاري. ڪيس ڪهڙي خبر، تہ ارشاد ڪي برين ٽيومر سِرجي پيو. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي تہ ترت علاج نہ ٿيو تہ.“

هن ارشاد جي بيماريءَ جو ٻڌائي، زرينا ڪي ڇرڪ وجهڻ بدران، ڪيس آٿت ڏيڻ لاءِ چيو.

”ها زرينا، خدا ڪري، تہ ايئن ئي هجي.“

زرينا ٻئي پيالا ڪٽي ٽيبل تي رکيا. ڪٽ تي ويهندي نماٽائي مان چيو.

”ارشاد پيءُ.“

”ها زرينا، چئہ.“ هن وراڻيو.

”مڇي ڪائڻ تي دل ڏاڍو پئي ڪدي.“ هن دل جي ڳالهہ مڙس سان اوري.

”ها زرينا، دل تہ منهنجي بہ ڏاڍو ٿي ڪدي. پر...“ هو جملو ڪائي ويو.

”ماسَ مڇيءَ جو تہ سواد ئي وسري ويو اٿئون. گوشت بہ جيڪو اضحيءَ واري عيد تي ڪاڌو اٿئون. جيئرا ساهہ آهيون، ٻٽالو ڪائي ڪائي، تہ آندا ئي ڦوڪجي پيا اٿئون.“ زرينا ڳالهايو.

”سچ ٿي چوين زرينا، پينشن جي ٻارهن هزارن مان ڇا ٿو ٿئي؟ اِهي، تہ گهر جي سيڌي پاڌي ۽ دوائن ۾ ئي دُڦ ٿي وڃن ٿا. اهو، تہ لک شاٻسون آهن توکي، جو رليون سِبي ۽ ٽوپا ٽڙا ڪري، گهر جو گاڏو پئي ڌِڪين.“ هن جو لهجو ڏڪارو هو.

مڙس واتان واڪاڻ ۽ مجوتيءَ جا جملا ٻُڌي زرينا جي سرير ۾ خوشيءَ جون لهرون ڊوڙي ويون. هن ٿڌو ساهہ ڪٽي ليڪو برابر ڪرڻ لاءِ چيو، ”سوچيان ٿي اهو بہ شڪر ٿيو، جو تنهنجي نوڪريءَ تان لهڻ ڪان پوءِ مليل پئسن مان مٿي ڇانءُ پنهنجي ٿي پئي. نہ تہ مسواڙي گهرن ۾ ڪٽي پيا ٻليءَ وانگر ٻچا چڪ ۾ ڪري رُلايون ها.“

”ها، اهو تہ آهي، پنهنجي گهر جهڙي ڪا ٻي بادشاهي آهي ئي ڪا نہ.“ شاعر وراڻيو.

”ٻہ نياڻيون، تہ خيرن سان شينهن ڪُلهي چڙهي وڃي گهرن واريون ٿيون. هڪڙي نياڻي اٿئون، ان لاءِ بہ ادي مولڻ وارا ٽڪڙ لايو ويٺا آهن. رڳو مئٽرڪ جو امتحان ڏئي، تہ هٿ پيلا ڪري آجا ٿيون.“ زرينا چيو.

”ها، عذار جي ڳٽتي بہ مونکي اُڌوهيءَ وانگر پئي ڪائي. مهانگائي اهڙا پاسا سيڪيا آهن، جو...“ هو وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهيو.

”ارشاد پيءُ، وائي تہ سٽائي ڪڍُ. ٽَڪا تہ پاڻ بہ ڪو نہ پيا اُڏاريون. الله ڪندو سڀ سٽايون ٿينديون.“ زرينا ڪيس آٿت ڏنو.

ٻئي ماٺ ٿي ويا. ڳالهيون ڪُٽي ويون هئن. الائجي، تہ زرينا ڪي ننڊ اچي ڪنيو هو. هوءَ ڏکهي اوٻاسي ڏئي ڪٽ تان اُٿي ۽ ٽيبل تان پيالا ڪٽي وڃڻ لڳي، تہ شاعر ڪي ڄڻ ڪا ڳالهہ ياد اچي وئي.

”اڙي ها زرينا، ٻُڌ تہ...“

”وري ڪهڙي ڳالهہ ياد آيئي؟ زرينا حيرت مان ڏانهس ڏسڻ لڳي.

”صبح ڪجهہ ڏوڪڙ تہ ڏجانءِ.“ شاعر چيو.

”چو، وري ڪيڏانهن سَنبت ڪئي اٿئي؟“ زرينا جو تجسس برقرار هو.

”سياڻي ضلعي حڪومت وارن گهرايو آهي.“ شاعر وضاحت ڪئي.

”ڪهڙو سُٺُ مُنڊو اٿن؟ سڪٽي واهہ واهہ تي توڪان شعر ٻڌڻا هوندن.“ زرينا جي لهجي ۾ طنز هئي.

”او چري، ادبي خدمتن تي مجتا ڏيڻ لاءِ گهرايو اٿن.“ شاعر ڇاتي ويڪري ڪري چيو.

”خبر اٿم ان مجتا جي. پلاسٽڪ جي پليٽ تي نالو لکي هٿ ۾ ڏيندئي. اهڙين پليٽن سان تہ ڪمرو ڀريو پيو آهي. ڳُنڊڻ وجهي ڪائڻ جي ڪم بہ نٿيون اچن.“ زرينا ڏکاري لهجي ۾ چيو.

”او موڳي، تون منهنجي ادبي مقام ڪان واقف ناهين.“ شاعر جذبات ۾ اچي ويو.

”اکين آڏو اٿم. چاليهن سالن ڪان ڏسندي پئي اچان.“ زرينا وراڻيو.

”منهنجو قلمي پورهيو!!“ شاعر ڪجهہ چوڻ گهريو، پر زرينا ان ڪان اڳ ڦاٽ ڪاڌو.

”اهو ڪهڙو پورهيو آهي، جنهن ۾ پگهر سُڪڻ

ڪان اڳ تہ نھيو، پر رت سُڪڻ ڪان پوءِ بہ ڪجھ پلئہ نٿو پوي؟“

هو هٿن جون تريون مھٽي زرينا ڏانهن ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ ڳالھ ڪُٽائڻ لاءِ چيائين،

”چڱو، چڱو، تون نہ سمجھندينءَ. صبح عذرا ڪان ڏوتل وڳو استري ڪرائي رکجانءِ.“

زرينا ڪا بہ ورندي نہ ڏني ۽ دروازو ٻيڪڙي ٻاهر نڪري وئي.

*

”او، ٻُڌين ٿي؟“

شاعر، ڦاٽل گنجيءَ مٿان پراڻو گرم سوئيٽر، سوئيٽر مٿان قميص ، قميص مٿان ٻيو سوئيٽر ۽ سوئيٽر مٿان ڪوٽ پاتو ۽ گرم ٽوپ مٿي ۾ وجھي، ڪنن کي مفلر سان ويڙهي زال کي سَڏ ڪيو. زرينا وٽان سڏ جي ڪا بہ ورندي نہ مليس. هن ڪٽ تي ويٺي، پراڻو پر ڌوتل جوراب، ڪٽ جي پائي سان ڇنڊي، پير ۾ وجھندي زال کي ٻيو سڏ ڪيو.

”او زرينا، ٻُڌين ٿي؟“

هن جي سَڏ ۾ تڪڙ ۽ اُبھرائي نہ هئي. ڏپ هئس، تہ دم ساھ ۾ ورتل زرينا، تڪڙي سڏ تي ڇرڪي، چوهي وِڪ نہ اچي. ايئن ڪرڻ سان سھڪ جو دورو پئجي وِجيس ها. تيون ڏينھن اٿس دانھون پئي ڪري، دم ساھ جون گوريون ۽ وينٽولن اسپري ختم ٿي ويو اٿس. هن سالن ڪان سانڍي رکيل جوراب ڇڪي تاٽي پير ۾ وڌو، تہ پير جو آڱوٺو جوراب مان ٻاهر نڪري آيس. ٽڏو ساھ ڪٽي چپن ۾ پٽڪيو.

”ڪير ٿو ڏسي- پير تہ جوتي ۾ ڍڪيل هوندا. جوتا لهرائي تہ پير ڪو نہ ڏسندا؟“

هن ٻيو جوراب هٿ ۾ ڪٽي، زال کي سڏ ڪيو.

”او ارشاد ماءُ، شل ڪا سٽائي ٿئي.“

هن پيري سڏ جو واڪو ڪجھ سجيھ، پر ڏني ڏپ وارو هو. هن نٽي گهريو تہ، سندس سڏ تي، ٻئي ڪمري ۾ سُتل سندس پٽ ارشاد جي ننڊ ۾ ڦيٿھڙو پوي. ڪچي ننڊ مان ڇرڪ پري اُٿيو، تہ مٿان وري مٿي جي سور جو دورو پئجي وجيس. بيماري ساٽو ڪري وڌو اٿس. اڌ بہ ڪونہ رهيو آهي. ڊاڪٽرن جي ڳالھ تہ پلي، پر جنھن لاءِ گھَر جي ڇئن ياتين جي مانيءَ جا بہ ويلا ٽپائڻ بہ پلصراط اُڪرڻ جھڙا هجن، اُن وٽ سني علاج ۽ آپريشن لاءِ پري ڏوڪڙن جي اچي ڪٿان؟“

”او، ٻڌين ٿي؟“

هن جو سڏ ڪمري مان نڪري، ورانڊو پار ڪري، اڱڻ ۾ وڪري ويو. پر سڏ جي موٽ پوءِ بہ نہ مليس. نَڪ تي وينل پيريءَ جي ڪاوڙ، ٽڏي رت ۾ ڪوساڻ پَري، ٻُت تي ڪولين جيان سُرڻ لڳيس. پر ڪا ڳالھ سوچي ماٺ ٿي ويو. تڪڙي ڪاوڙ، چپن جا مچريل پٽڪا ٻٽجي ويس.

”چار ٻار جا ڄڻيا اٿس، ڪنن ڪان ئي گهَبري ٿي وئي آهي.“ هن ڪٽ هينيان پراڻو جوتو ڪٽي، ڪپڙي سان ڇنڊيو ۽ پالش بدران اگڙي پاٽيءَ ۾ پسائي، جوتو اگهي پيرن ۾ پاتو ۽ ڪاوڙ مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڪٽ تان اُٿيو، تہ زرينا پوتيءَ سان هٿ اگهندي ڪمري ۾ داخل ٿي.

”توسان آهي تہ خيرُ، آسمان ڪٽي مٿي تي ڪنيو اٿئي؟“ زرينا جي لهجي ۾ مصنوعي ڪاوڙ هئي.

”ڪنن تي تاڙيون چڙهي ويون اٿئي يا ڪنن ڪان ويهي وئي آهين؟ سڏي سڏي ڪاڪڙو لهي پيو اٿم.“ هن جي ڪاوڙ بہ مصنوعي هئي.

”ڏيان ڪر ڏيانُ. باٿ روم مان واڪا ڪري ورندي، ڏيانءِ ها ڇا؟“ زرينا بہ ساڳئي لهجي ۾ موٽ ڏنيس.

هن جو چڙهيل ٽيمپريچر ڪن پل ۾ ٻُڙي تي اچي بيٺو، ڇڻ تتل جسم تي ڪنھن پاٽيءَ جو گهڙو هاريو هئس. ڳيت ڏئي ڏيمي لهجي ۾ چيائين،

”زرينا مون چيو پئي، تہ ...“

”ها، چئہ، ڇا ٿو چوين؟ زرينا جو لهجو ٿاڌاريل هو.

”چيم پئي، تہ چانھ چُڪو ڏينم، تہ نِڙي ڪوسي ڪري نِڪري وڃان. دير پئي ٿئي.“ هن جي لهجي ۾ ندامت هئي.

”چانھ، تہ چلھ تي رکي اٿم، پاپا ڪونہ آهن، پاڙي جو ڪو ٻار اچي، تہ گهرائي وٺان.“ زرينا وراٽيو.

”زرينا، هِيئَن ڪر. راتوڪي مانيءَ مان پور بچيل هجي، تہ پاٽيءَ جو ڇنڊو هٽي، تَئي تي سيڪي ڏينم، تہ چانھ سان ڪائي ٿو وڃان.“ شاعر جو لهجو پاٽيءَ ڪان بہ پتڙو هو.

زرينا ڪا بہ ورندي نہ ڏني ۽ ڪمري مان ٻاهر نڪري وئي.

هو راتوڪي پاروٿي مانيءَ سان نيرن ڪري نڪتو ۽ نيٽ جي لڪڻ جي ٽيڪ تي هلندو، گهٽيءَ جو موڙ ٽُپي روڊ تي چڙهيو. هو بس اسٽاپ تائين پنڌ پئي ويو. رڪشا جي ڀاڙي جيترا پئسا هئس بہ تہ ڪونہ. زرينا جي پوتيءَ جي ڳنڍ ۾ جيترا بہ پئسا هئا، ڏنا هئائينس. پر اُهي بس جي اوٽ موٽ ڀاڙي جيترا مس هئا. هو پوري پُني ۽ ڏيرج واري وِڪ سان روڊ جو پاسو ڏئي هليو پئي. توڙي جو تڪڙ هئس. پر پوءِ بہ تڪو هلڻ سندس وَس ۾ نہ هو. هونئن بہ، ٿَڪل گهوڙي ۽ وهيءَ چڙهيل ماڻهو ڪان چوهي وِڪ ڇڏائجي ويندي آهي. پنڌ جي سَٽ هٽي، بس اسٽاپ پهتو، تہ ڏئي وٺي بيٺو هو. هو لُڏي لَمي بس ۾ چڙهيو. ڪا بہ سيٽ خالي نہ هئي. هن اونهو ساھ ڪٽي، بس ۾ ويٺلن ڏانهن ڏٺو ۽ ڊرائيور جي پرسان بارنيٽ تي ويهي رهيو. انجڻ جي تپش ڪيس سڪون پئي ڏنو. بس پنهنجي توريل تڪيل رفتار سان هلي پئي. پر هن جو ذهن بس جي رفتار ڪان گهڻو تکو پئي ڊوڙيو.

هن ضلعي حڪومت پاران ملندڙ مڃتا جي باري ۾ پئي سوچيو. هڪ ادب دوست ۽ سڄاڻ ميمبر جي رٿ تي ضلعي اسيمبليءَ ۾ قرارداد پاس ٿي هئي، تہ ضلعي سان تعلق رکندڙ انهن چونڊ قلمڪارن ۽ ٻين شعبن ۾ نمايان خدمتون ڏيندڙن کي ضلعي حڪومت پاران مڃتا ڏني ويندي. ان ڏس ۾ ڪاميٽي جوڙي وئي هئي. ڪاميٽي جي سفارشن جي آڌار تي اڄوڪي گڏجاڻيءَ ۾ فيصلا ٻڌائڻا هئا. هن سوچيو پئي تہ ڪهڙي مڃتا ڏيندا؟ لائيف اچيومينٽ ايوارڊ. وظيفو-ڪجھ رقم. يا ٻيو ڪجھ؟ ڪيس ڪجھ بہ سمجھ ۾ نہ پئي آيو. اڪين آڏو بيمار پٽ ارشاد، جوان ڌيءَ عذرا ۽ دم ساھ جي بيماريءَ ۾ ورتل زال زرينا جا چھرا ڦرڻ لڳس، جن لاءِ سندس ذات ڪو بہ سهارو نہ بڻجي سگهي هئي. زرينا جا جملا گهوپاٽن جيان دماغ ۾ وسڻ لڳا هئس. چوندي هئس، ”تنهنجا شعر ۽ مضمون رسالن، اخبارن ۽ ڪتابن جو پيٽ تہ ڀري سگهن ٿا، پر گهر ياتين جي بک نٽا لاهي سگهن، نہ ئي بيمارين جو دوا دارون بڻجي ٿا سگهن.“

هن سوچيو پئي تہ، مڃتا جي مُهابي سان ايترو ٿي پوي، جو بيمار پٽ جي علاج ۽ جوان نياٽيءَ جو بار لاهڻ جو ٻلو ٿي پوي، تہ هوند حياتيءَ جا بچيل ڏهاڙا، جِهجڻ ۽ جهوريءَ بنان گذري وڃن. هڪ ليکڪ ۽ اديب لاءِ ان ڪان وڏي مڃتا ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟

اڌ ڪلاڪ جو سفر، اڌ صديءَ جي پکيڙ وارين سوچن ۾ ڪاٽي، ضلعي هيڊڪوارٽر واري شهر ۾ بس مان لٿو. وڏي شهر جي رڳن جهڙن روڊن تي، رت جي اچن ڳاڙهن جُزن جيان ڊوڙندڙ ٽريفڪ. گاڏين جي سائلنسرن مان اوڳاڇجندڙ دونهين جي ناسن ۾ ڪاهي پوندڙ ڪڙي بوءِ ۽ ڪڙين ڪيهن جهڙا پريشر هارن. هن ڊڄندي ڊڄندي، اکيون ڦِرڙائي روڊ ڪراس ڪيو ۽ فٽ پاٿ ڏئي هلڻ لڳو. روڊ جي ٻنهي پاسن ڪان لڳل پينافليڪس جا وڏا بورڊ، ڇڻ ايڪشن، ڪاميڊي ۽ خوفناڪ فلمن جا پبلسٽي بورڊ هئا يا گهٽ وڪرو ٿيندڙ مصنوعات جا پبلسٽي اشتهار. سياسي پوتارن ۽ سياستدانن جون فلمي اداڪارن جيان فل ايڪشن تصويرن وارا بورڊ، ساڳي اسٽوري تي ڌار ڌار پراڊڪشن ۾ تيار ٿيندڙ سياسي فلمن جي پبلسٽي ڪري رهيا هئا.

هو ضلعي حڪومت جي آفيس ۾ داخل ٿيو، تہ ملازمن مان ڪنھن بہ مٿس ڌيان نہ ڏنو. ڏين بہ ڪيئن؟ ڪيس سڃاڻيندا بہ تہ ڪو نہ هئا. سڃاڻن بہ ڪيئن؟ هو پنهنجي حال ۽ ارڪاٽن مان رائج الوقت غير معمولي ۽ وڏو ماڻهو بہ تہ ڪو نہ پئي لڳو. سندس حال ۽ حلئي وارا ماڻهو، تہ آفيس ۾ روزانو ڪوڙ ايندا رهندا آهن. سرڪاري امداد، سلائي مشين يا نلڪو وٺڻ لاءِ. سياستدانن جي ٻي ڪا خدمت پلي ڪنھن کي ڏسڻ ۾ نہ بہ اچي، پر هنن شهر شهر ۾ پينو فقيرن جا جيڪي لشڪر پيدا ڪيا آهن، اُهي سندن ڪارڪردگيءَ کي چار چنڊ لڳائي بيٺا آهن. هو ڪو ڪامورو يا ڪاٽن جي ڪلف ڏنل وڳي ۾ ڪو وڏيرو يا ٺيڪيدار بہ تہ ڪو نہ هو، جو ڪيس مانُ ڏئي وٺي اچي ڪرسيءَ تي ويهارين ها.

”ها چاچا، ڪنھن ۾ ڪم اٿئي؟“ هڪ پٽيوالي کي سندس حال تي جِهبي اچي وئي.

”ابا، ناظم صاحب گهرايو آهي، ساڻس ملڻو آهي.“ هن اچڻ جو مقصد ٻڌايو.

”صاحب کي ٻيا ڪم ڪتي ويا، جو سيڙجي توکي گهرايو اٿس؟“ پٽيوالي ٽوڪ مان چيو.

”ها، ابا، گهرايو اٿس، تڏهن تہ آيو آهيان.“ هن وضاحت ڪئي.

پٽيوالي ڪيس مٿي ڪان پيرن تائين ڇتائي ڏٺو ۽ وڏو ٺهڪ ڏئي چيو.

”چاچا، سرڪاري ميٽنگ آهي. سگهڙن جي ڪچهري ڪانهي، جو توکان ڏور بيت ٻڌندا؟“

هن جي چپن تي مُرڪ وکري وئي. ڏوراپو ۽ ميار نہ هئي ان مُرڪ ۾. پٽيوالو وڏيڪ ڪجھ ڪُڇي، ڪانفرنس هال مان، ڪميٽيءَ جو هڪ ميمبر ٻاهر نڪتو. هن تي نظر پيس، تہ تڪڙيون وکون ڪٽي وٽس آيو ۽ وڏو ڀاڪر وجهي ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ لڳو. پٽيوالو خوشيءَ گاڏڙ حيرت ۾ سُن ٿي ويل اکين سان کين تيسيتائين ويندي ڏسندو رهيو، جيسيتائين ٻئي ڄڻا ڪانفرنس هال ۾ داخل نہ ٿي ويا.

ڪانفرنس هال ۾ چڱي رَش هئي. ضلعي ناظم ۽ ڊي. سي. او ڪان سواءِ مختلف ڪاتن جا ضلعي عملدار،

اديب، تعليمدان، سياسي، سماجي شخصيتون ۽ صحافي، بيضوي دائري واري وڏي ٽيبل جي چوڌاري ڪرسين تي ويٺل هئا. هر ڪرسيءَ اڳيان مائيڪ رکيو هو. اليڪٽرانڪ ميڊيا جا صحافي ۽ اسٽينڊ ڪئميرائون پاسن کان فٽ ڪري ڪوريج لاءِ تيار بيٺا هئا. هال ۾ ويٺلن جي چهرن تي تجسس جا رنگ لٽا چڙهيا پئي. ڪين انتظار هو ضلعي حڪومت جي اُن اعلان جو، جيڪو ٿيڻ وارو ئي هيو. مهان شاعر دائم الدين ”دائمي“ جيئن هال ۾ داخل ٿيو، هال ۾ ويٺلن اُٿي بيهي تاڙيون وڄائي سندس آڌرڀاءُ ڪيو. ڪيس ضلعي ناظم جي پرسان ڪرسيءَ تي وهاريو ويو. گڏجاڻي جي ڪاروائي ٻه ڪلاڪ ليٽ، ٺيڪ ٻارهين وڳي شروع ٿي. ڪاميٽيءَ جي سينئر ميمبر جو مائيڪ تي آواز اڀريو. هن بريفنگ ڏيندي چيو پئي،

”معزز حاضرين، زنده قومون پنهنجي تاريخ، تهذيب تمدن، ڪلچر ۽ علم ادب جي حوالي سان سُڃاتيون وينديون آهن. اسان خوشنصيب آهيون، جو اسان جي ضلعي ۾ جتي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي ميدان ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏيندڙ شخصيتون آهن. اُتي دائم الدين ’دائمي‘ جهڙا املهه ماڻڪ ۽ جڳ مشهور اديب ۽ شاعر به موجود آهن. جنهن جي شاعريءَ جي نه رڳو سنڌ، پر ٻين ملڪن ۾ به هاڪ ۽ ڌاڪ ويٺل آهي. هن جا ويهه ڪتاب ڇپيل ۽ ڏهاڪو کن ڪتاب اڻ ڇپيل آهن. سندس شاعريءَ جا انگريزي، اردو ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجما به ٿي چڪا آهن. ”دائمي“ صاحب جهڙا مهان قلمڪار صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن. هو اسان جو اَملهه سرمايو آهي، جنهن اسان جو مان مٿانهون ڪيو آهي.“

بريفنگ ڪانپوءِ سينئر ميمبر، ضلعي حڪومت جي فيصلي ٻڌائڻ لاءِ ضلعي ناظم کي درخواست ڪئي. ضلعي ناظم ڪرسيءَ کي سيري ٽيبل جي ويجهو آندو ۽ مائيڪ کي آن ڪري ڳالهائڻ لڳو. اليڪٽرانڪ ميڊيا جي صحافين جون ڪئميرائون ڪيس فوڪس ڪرڻ لڳيون ۽ پرنٽ ميڊيا جي صحافين پينون ۽ پنا سنڀالي ورتا. هن چيو پئي.

”ضلعي حڪومت فيصلو ڪيو آهي ته جتي مختلف شعبن ۾ نمايان خدمتون ڏيندڙن کي ضلعي حڪومت پاران ميڊتا ايوارڊ ۽ وظيفا ڏنا ويندا. اُتي عظيم قلمڪار دائم الدين ”دائمي“ جو نه رڳو اڻ ڇپيل مواد ڇپرايو ويندو، پر سندس لازوال خدمتن کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ شهر جي مک چوراهي تي سندس مورتي به لڳرائي ويندي.“

هال ۾ تاڙين جا ٺهڪا هئا. سيني اُٿي بيهي ضلعي حڪومت جي فيصلي جي تائيد ڪئي ۽ واڪاڻيو. هو ڪرسيءَ تي سوچن ۾ گم سم ويٺو هو. ڏاون جي وچ ۾ سڪٽي پيٽ، آنڊن ۾ ٻک جا گُڙڪا ۽ هاڻ ۾ پَٽ پئي ٽيس. پارُوتي مانيءَ جا چار پور، ته پنڊ ۾ پيٽ خرچ تي ويا هئس. سينئر ميمبر جي ڳالهائڻ تي ڇرڪي پيو، جنهن ضلعي حڪومت جي فيصلي تي ڪيس پنهنجا تاثرات ڏيڻ جي دعوت پئي ڏني. هن ڪنڌ مٿي ڪٽي ويٺلن ڏانهن ڏٺو. پاڻ ڏانهن پيار مان تڪيندڙ نگاهن جو تاب نه سهي سگهيو. سڄو ڏُڏي ويو ۽ اندر جي ان ڏوڙ ۾ اکين مان لڙڪ لارون ڪري وهي نڪتس. ويٺلن ته انهن لڙڪن کي خوشيءَ جا لڙڪ پئي سمجهيو. پر ڪيس ڪهڙي خبر، ته اهي لڙڪ سندس دل مان نپوڙجي، اکين مان وهي نڪتا هئا. هن هٿ جي تريءَ سان اکيون اگهيون ۽ ٻڏل ۽ سُڏڪيل لهجي ۾ ڳالهائڻ لڳو.

”ماناٺتا سڄڻئو، مون کي جيڪو مان ڏنو ويو آهي، ان لاءِ آئون اوهان سمورن جو ٿورائتو آهيان. آئون سنڌ جي مٽيءَ مُٺ ۽ سنڌ جي انهن ذات ڏٽين مان هڪ آهيان، جن جا ذهن، ته ذات جا پندار، پر اکين ۾ زندگيءَ جي المين جا پاڇا هوندا آهن. قوم ۽ انسان ذات کي منزلن جي ڏگ جا ڏس پتا ڏيندڙ قطب نمائن کان پنهنجي گهر جا رستا وڃائجي ويندا آهن. شعور جون اوتون جوتون ۽ جاڳرتا جا اُجرا ڪرڻا پکيڙڻ وارن قلمڪارن جي جيون ۾ اٿهوند جون اونداهيون پَرَ پکيڙي ڇڏينديون آهن.“

هال ۾ سڪتي جهڙي ماٺ ڇانئجي وئي هئي. اجتماعي قبر جهڙي بند هال ۾ ويٺلن جا ڏند ڇپن سان لڳي ويا هئا. سمورن جون اکيون ٽِڪ ٻڌي شاعر ۾ ڄمي ويون هيون. ضلعي ناظم ۽ ڊي سي او، پينون وات ۾ وجهي حيرت مان ڪيس ڏسي رهيا هئا. هن ڏڪندڙ هٿ سان پاڻيءَ جو گلاس کڻي، ٻه ڍُڪ پِي ٻيڙي آلي ڪئي ۽ سينئر ميمبر ڏانهن منهن ڪري ساڻس مخاطب ٿيو.

”مورتيءَ تي ڪيترو خرچ ايندو؟“

سوچ ۾ ٻوڏارجي ويل سينئر ميمبر، غير متوقع سوال تي وائڙو ٿي ويو. هن ڪنڌ کي جهٽڪو ڏئي تڏو ساهه کڻي وراڻيو.

”اهي پنج ڇهه لک روپيا، اٽڪل.“

شاعر ناظم ڏانهن منهن ڪري چيو،

”منهنجي اڪيلي جوان پٽ کي برين ٽيومر سرجي پيو. ڊاڪٽرن ترت آپريشن ڪرائڻ جي صلاح ڏني آهي. منهنجي پينشن مان گهر جا ٻه ويلا ٽُپائي، دم ساهه جي بيماريءَ ۾ ورتل زال جي وينٽولن اسپري جيترا پئسا به نٿا بچن.“

هن روئي ڏنو ۽ پوءِ سُڏڪيل لهجي ۾ چيو.

”مورتيءَ تي جيترو خرچ اچي ٿو، ان مان منهنجي ٻچڙي جي حياتي بچايو. مورتيءَ جي جاءِ تي آئون پاڻ چوڪ تي بيهڻ لاءِ تيار آهيان.“

هال کي ڄڻ سَپُ سُونگهي ويو هو. ايئن پئي لڳو ڄڻ ڪرسين تي ماڻهو نه پر مُورتيون رکيون ويون هيون. ■



خليل عارف سومرو

سانوري جهڙا اکر، دلڪشي جهڙا اکر
جيڪو ڳالهائين مِٺي، شاعري جهڙا اکر
حرف تنهنجي نانءَ جا، روشني جهڙا اکر
توتي ڪجهه لکجڻ کپن، پنڪڙي جهڙا اکر
پيار لکندو آ رهيو، بندگي جهڙا اکر
ليڪ لک جنهن ۾ هُجن، زندگي جهڙا اکر
شعر ۾ عارف هيا، سرڪشي جهڙا اکر.

*

يادن جو در کُليو آ، ڳوڙهن جو در کُليو آ
ڪمري ۾ هُوءَ آئي، مَهڪن جو در کُليو آ
هو جو ملي اکين ۾، سپنن جو در کُليو آ
هن جي ڇپن چُمڻ سان، مُرڪن جو در کُليو آ
ڪاغذ مٿان نچن ٿا، لفظن جو در کُليو آ
اُٺ لِک 'خليل عارف'، سوچن جو در کُليو آ

*

سونهن تنهنجي سلامت رهي
عاشقي تا قيامت رهي
تنهنجي سجدي منجهان ڪيئن اُٿان
عُمر پَر هي عبادت رهي
ظلم جي خاتمي لئه پلا
چونڊ ٿيندي بغاوت رهي
عاشقي منهنجي دَم سان رهي
تنهنجي دم سان محبت رهي
دل هي تو وٽ امانت اٿئي
باسلامت امانت رهي
ڪينَ توکان خوشيون تو گهران
درد جي بس عنايت رهي
عشق عارف وڃي تي اَمر
سات ۾ بي صداقت رهي.

***

اداسي جڪراٽي

هڪڙو ديپ جي ٻرندو آ، اونداهيءَ ۾ جرڪي پوندا هن جذبا، اونداهيءَ ۾ چنڊ نه اُڀريو چانڊوڪيءَ جي ڪرڻ سان ڏيهه سڄي کي الڪا ها، اونداهيءَ ۾ تنهنجي پويان پٽڪڻ مان ڪجهه ڪين وريو سارا رستا گم ٿي ويا، اونداهيءَ ۾ لوڪ ڪهاڻين جيئن اسان جا خواب سڀئي وستيءَ وستيءَ ۾ پهتا، اونداهيءَ ۾ ساهيڙين سان ڪنهن جي ڳالهه پڇاڙي پئي رات ڇٽڻ پيا لُڙڪ-ڦڙا، اونداهيءَ ۾ توبن ڪائي جوت نه آهي جذبن ۾ ڪٿجن ٿا پل جيون جا، اونداهيءَ ۾ روز رهي تو تنهنجو شاعر اُلڪن ۾ روز رهي ٿي ذات خفا، اونداهيءَ ۾. ■

مبارڪون...

انور شيخ

سمال انڊسٽري وارن جي پلاٽ تي جڏهن ڪان ڪٽاڻ ٺاهڻ جو ڪارخانو کليو هو. تڏهن ڪان شهر جي ٻاهران حيدر لنڪ روڊ جي پر ۾ قائم ڪچي آباديءَ جي عورتن کي گهر ۾ ئي روزگار ملي پيو هو. سياري ۾ ٻاڙهين گجرن کي چلڻ ۽ ڪٽڻ ته وري اونهاري جو ساون انبن کي چلي ڪٽي ڦارون ڪرڻ جو ڪم هنن کي ٺيڪيدار ڏئي ويندا هئا. ٽيهن سالن جي حسن به ٻين ڪوڙ سارن عورتن جيان اهو ڪم ڪندي هئي. حسن کي ٻه پٽ هئا. جن مان هڪ ڇهن سالن جو ۽ ٻيو چئن سالن جو هو. حسن جو مڙس ظفر علي سئي گئس ڊپارٽمينٽ ۾ ڪچو مزدور هيو. ظفر عليءَ جو ياءُ محرم علي ساڳي ڊپارٽمينٽ ۾ پڪو ويلڊر هيو. محرم عليءَ کي چاليهه هزارن ڪان وڌيڪ پگهار ملندي هئي. بونس ۽ ٻيون ميڊيڪل جون سهولتون به ميسر هيس. ظفر علي جيئن ته ڪچو ملازم هيو تنهنڪري هن کي ڏهاڙيءَ جي مزدوري مهيني ۾ گڏائي ملندي هئي ۽ ٻي ڪا به سهولت ۽ مراعت ڪونه هيس.

اونهاري جي صبح سان ساجهر پاڙي ۾ ٽرڪ اچي بيهندي هئي ته هرڪو ٺيڪيدار ڪان ساون انبن جون پريل ٻوٽيون لڪائي ڪٽندو هيو. جيڪي ٽن ڏينهن تائين چلي ڪٽي تيار ڪري ٺيڪيدار کي واپس ڪرٽيون هونديون هيون.

ظفر عليءَ کي موڪلون ڪٽي جيڪي پئسا ملندا هئا تن مان مس هنن جي پيٽ جو گذر ٿي سگهندو هيو. سئي گئس ڊپارٽمينٽ ۾ جمعي جي ڏينهن مزدور ڪم نه ڪندا هيا. ڇنڇر ۽ آچر موڪل هوندي هئي. ڏهاڙي مزدوري ڪندڙن کي انهن ڏينهن جي مزدوري نه ملندي هئي. گهر جي حالتن کي آڏو رکي حسن اهو فيصلو ڪيو هيو ته هوءَ به ڪم ڪندي ۽ پنهنجي ٻارن کي بهتر زندگي ڏيڻ لاءِ مڙس جو هٿ ونڊائيندي.

محرم عليءَ کي، ٻه پٽ ۽ هڪ ڌيءَ هئي. ظفر عليءَ جو وڏو ياءُ هيو پر هن جي طبيعت پنهنجي هئي. گهر پڪو ٺهيل هيس. جنهن جي پڪي آڳر تي اونهاري جو ايئر ڪولر ڪوسي هوا کي ڌڪي ٿڌي هير جا جهونڪا آڻيندو هو.

محرم عليءَ جي جيئن ته پڪي پگهار هئي ان ڪري هن جي گهر وارن کي ڪو معاشي مسئلو ڪونه هيو. تنهنڪري هو بي فڪر رهندا هيا. محرم علي پاڻ به ڏاڍو الله لوڪ پرهيز گار، نيڪ نمازي ماڻهو هيو. سدائين اڇي رومال سان مٿو ڍڪي رکندو. گهٽ ڳالهائو ڪم ڪان موٽي پيو تسبيح جي مڻين سان کيڏندو. وضوع جا چارئي فرض ۽ 13 سنتون ادا ڪرڻ وقت باقائده خبردار هوندو هيو. مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت ساڄو قدم اڳ ۾ داخل ڪندو. نڪرڻ وقت کاٻو ٻاهر ڪيندو ۽ مختلف دعائون گهرندو رهندو. فرض نمازون پڙهڻ سان گڏ تهجد، اشراق ۽ چاشت جون نمازون باقاعدگيءَ سان ادا ڪندو. فارغ وقت ۾ ته محرم علي هوندو هيو نفلن جي ٻلي. سانجهيءَ جي نماز پڙهي گڏيل ذڪر ۾ شامل ٿيندو هيو ۽ ان ڪانپوءِ عشاء جي نماز تائين مسجد ۾ ويهي روئيندو هيو. پاڙي جا ماڻهو هن کي سڀ ڪان وڌيڪ نيڪ ۽ پرهيزگار سمجهندا هئا. خاص طور تي جمعي جي ڏينهن جڏهن پلاءُ جي ديڳ هن جي گهران پڇي مسجد ۾ پهچندي هئي ته ان ڏينهن رڳو جماعتن جي وات تي هڪ چانورن جا ڦڪ هوندا هئا. ٻيو محرم عليءَ جو نانءُ. بونس مليس ته مسجد شريف ۾ پڪا، نڪون به هي وٺي ڏيندو هيو. پڪو فرش جڏهن هن مسجد ۾ لڳرايو هو ته ان ڏينهن پيش امام ممبر تي ويهي هن جي پرهيزگاري ۽ جنتي هئڻ جا باقاعده دليل ڏنا هئا. پيڏيءَ ڪان مٿي شلوار باقي زماني جي ٻين ڪمن لاءِ نه ڪنهن ڪان پڇي نه ٻڌائي. هن جي سڄي سماجي زندگي نوڪري. نماز ۽ گهر هوندي هئي. رمضان شريف ۾ سيني جماعتن کي روزا کولائيندو. خاموش گهڻو رهندو هو. ڪنهن جي ڳالهه تي ڪن نه ڏيندو پر جيڪڏهن هن جي ڪنهن ڪم جي تعريف ۾ ڪا ڳالهه ڪئي ويندي هئي ته اها ڪن لائي غور سان ٻڌندو هيو. رستي ويندي پرسان گذرندڙ ماڻهوءَ کي سنهي ڦوڪٽ واري انداز ۾ سلام ڪندو. اڻ ڄاڻ ماڻهو ائين سمجهندو ته ڪو ڏينپو ڪن وٽان گذريو آهي. جلدي ۾ هٿ ڪڍي ڪن مهٽڻ شروع ڪندو.

ظفر علي هن جي ابتڙ جمعي جي نماز ڪانسواءِ باقي نمازون مڙئي قضا ڪندو رهندو هيو. حسن جڏهن ڪان انبڙيون چلڻ شروع ڪيون هيون ان ڏينهن ڪان ظفر علي تان ڪجهه بار گهٽيو هيو. گذر سفر ۾ گهڻي آساني ٿي پئي هيس. پر چوندا آهن بندي جي رٿا پنهنجي ته الله جي رضا وري پنهنجي. هڪ ڏينهن صبح جو انبڙين جي ٽرڪ اچي پاڙي ۾ پهتي. ظفر علي ڪم تي ويل هو. حسن ٺيڪيدار ڪان انبڙين جي ٻوٽي وٺي پاڻ ئي ڪلهن تي کڻي گهر پئي آئي ته گهٽيءَ ۾ پير ترڪي پيس ۽ وڃي نئين ٺهيل پڪي نالي تي اهڙي انداز ۾ ڪري جو ران جون هڏيون ٽڙڪاٽ ڪندي ٽٽي پيس. بس پوءِ ته گهٽيءَ ۾ حسن جون رڙيون هيون ۽ پاڙي جي ماڻهن جي رش هئي. ماڻهن کڻي وڃي گهر ۾ کٽ تي سمهاريس. ٻئي پٽ ماءُ کي رڙيون ڪندو ڏسي پاڻ به روئڻ لڳا. ڪچي گهر جي آڳر ۾ ڪافي عورتون جمع ٿي ويون. ظفر علي به اچي پهتو. جنهن حسن کي گڏهه گاڏي تي کڻائي اسپتال پهچايو. اسپتال وارن سور جي هڪ اڌ انجيڪشن لڳائي، ظفر عليءَ کي صلاح ڏني ته لاڙڪاڻي کڻي وڃو. ظفر عليءَ وٽ جيڪي پئسا هئا سي سڀ جمع ڪري زال کي کڻائي لاڙڪاڻي ۾ سرڪاري اسپتال پهتو. جتي ڪجهه ڏينهن ڊاڪٽرن فقط وقت ٽئي وڃايو ۽ حسن کي پين ڪلر دوائون ڏيندا رهيا.

سرڪاري اسپتال مان مايوس ٿي ماڻهن جي صلاح تي جڏهن ظفر علي، حسن کي کڻائي پرائيويٽ اسپتال جي آرٿوپيڊڪ ڊاڪٽر کي ڏيکاريو ته هن آپريشن ڪري راڊان وجهڻ جا ايترا پئسا ٻڌايس جيڪي هن جي وس ڪان گهڻو مٿي هئا. ٻئي ڏينهن ٽيسٽين ۽ ٻين خرچن ۾ ئي ظفر علي پنهنجو سڀ ڪجهه کپائي چڪو هو. قرض پڪو به پاڻ جهڙي مسڪينن ڪان جيڪو ملي سگهيو هيس سو به ورتو هئائين. آخر ڪجهه ڏينهن جي اجائي ڊڪ ڊوڙ ڪان پوءِ سڀ ڪجهه کپائي ظفر علي، حسن کي کڻائي واپس پنهنجي گهر پهتو.

انهن ڏينهن ۾ شهر جا سرندي وارا ماڻهو الله جو فرض پورو ڪرڻ لاءِ حج جي تيارين ۾ هئا. ظفر علي جو ياءُ محرم علي به پاسپورٽ ۽ حج جي ويزا لاءِ ڪوشش ۾ هيو. عشاء جي نماز بعد ظفر علي پنهنجي ياءُ محرم عليءَ جي گهر پهتو جيڪو تازو مسجد مان نماز پڙهي موٽيو هيو. ظفر علي کٽ تي سندس پرسان ويهندي پهريان ميار ڏنس ته تون حسن ڪان پڇڻ به نه آيو آهين پر محرم عليءَ ميار جو ڪو به اثر نه ورتو ۽ ظفر علي کي کهرائيءَ مان چيائين،

”سڄي ڏينهن جو ٿڪل آهيان، ڪم جي ڳالهه ڪر ڪيئن آيو آهين؟“

”ادا حسن جي ڄنگهه ڀُڄي، ڪاري ٿي وئي آهي، رانَ جو هڏيون ڀڳل اٿس. مون وٽ جيڪو ڪجهه هيو ۽ ٻيو جيڪو قرض پڪو ملي سگهيو سو اجايو کپائي موٽي آيو آهيان. ڊاڪٽر چون ٿا آپريشن ڪري راڊان پوندس. انهيءَ لاءِ تمام گهڻا پئسا ٿا لڳن. تون منهنجي مدد ڪر.“

محرم علي ياءُ جي ڳالهه ٻڌي ڪا گهڙي چپ ٿي ويو ۽ پوءِ افسوس جو اظهار ڪندي چيائينس،

”مان حج تي ٿو وڃان. ڪافي سالن ڪان ڪجهه نه ڪجهه بچائيندو پئي آيس. پرينهن مون کي پئسا جمع ڪرائڻا آهن. حج جو ارادو نه ڪيل هجي ها ته تنهنجي مدد ضرور ڪيان ها. پر هاڻي مان مجبور آهيان.“

ظفر علي کٽ تي ويٺي ئي ياءُ جي پيرن تي ٻئي هٿ رکيا. اکين ۾ ڳوڙها اچي ويس. ڀوري آواز ۾ چيائينس،

”ادا اڃان ته تون پئسا ڪونه ڏنا آهن. حج تي ڪني ٻئي سال وڃجانءِ“

”ٻئي سال ،مان جيئرو هوندس تو کي پڪ آهي؟“ محرم علي ڪاوڙ مان چيس.

”ادا حياتي موت الله جي هٿ ۾ آهي. خدا تو کي سدائين سلامت رکندو. اهڙا ست حج نصيب ٿيندئي. پر حسن جو موت مان اکين سان ٿو ڏسان صبح شام سور مان دانهون ٿي ڪري. جلدي آپريشن نه ٿيس ته مري ويندي.“

”ادا مرئي يا جيئي. مان حج جو ارادو ڪيو آهي. اهو مٽائي پاڻ کي گنهگار نه ڪندس. ۽ نه ئي پنهنجي دوستن اڳيان شرمسار ٿيندس.“

ظفر علي کٽ تان لهي هيٺ پَٽَ تي ويهي ايلاز ڪرڻ لڳس. محرم عليءَ جي زال جيڪا اهو لڪاءُ ڏسي رهي هئي سا اٿي اچي ظفر عليءَ جي پرسان بيٺي. ظفر عليءَ کي اُٿي مٿي ويهڻ جو چئي مڙس سان ڳالهايائين،

”هن سال پلا نه وئين ته ڪو حرج ڪونهي. حسن جي حياتيءَ جو معاملو آهي. مان پاڻ هن جي حالت ڏٺي

آ، جنگهه ڪاري تي سڃي وئي اٿس.“

”اهي پنهنجون صلاحون پاڻ وٽ رَکُ. جن دوستن سان گڏ ٿو وڃان، جن سان سالن کان پئي سنبريس هاٽي انهن کي جواب ڏيندي سنو لڳندس.“

محرم عليءَ زال کي ڪاوڙ ۾ چيو ته ظفر علي روئيندي چيس،

”ابي جو پٽ آهيان مان تنهنجو. منهنجو گهر برباد ٿي ويندو. منهنجي حسن مري ويندي پيو ڪو آسرو ڪونهي. الله رسول جو واسطو اٿئي. جي ٻيا پئسا وڏيڪ اٿئي ته اهي ڏي، نه ته هن سال حج تي نه وڃ. اهي پئسا مون کي اُڌارا ڏي.“

”وڏيڪ پئسا مون وٽ ڪونهن. هجن ها ته ضرور ڏيانءِ ها. تون ڪنير کان آڏائيس هڏيون جڙي ويندس.“

محرم علي ڪجهه ٺڏو ٿيندي ياءُ کي چيو.

”ادا ڪنيرن جي وَسَ جي ڳالهه ڪونهي. آپريشن ڪري راڌ پوندس. سرڪاري اسپتالن جي حال جي توکي پاڻ خبر آهي اتي ته سواءِ رولڙي جي ٻيو ڪجهه نه ٿيندو. پرائيويٽ اسپتال ۾ گهڻو خرچ آهي.“

محرم علي ڪٺ تان اٿيو ۽ ياءُ کي ٻانهن کان وٺي پَٽَ تان اٿاريائين ۽ پوءِ پنهنجي دَر کان ٻاهر بيهاري چيائينس،

”ٻئي ڪنهن ڪم لاءِ پئسا رکيل هجن ها ته توکي ضرور ڏيان ها. الله جو فرض پورو ڪرڻ لاءِ ارادو ڪيل آهي. منهنجي ايمان کي ڪمزور نه ڪر“ ۽ پوءِ دروازو بند ڪري ڇڏيائين.

محرم علي حج تي روانو ٿي ويو. ظفر علي ڪنيرن ۽ هلڪن سلڪن ڊاڪٽرن جي حوالي ٿي ويو. حسن جي ڄنگهه ڏينهون ڏينهن گهڻي خراب ٿيندي وئي. دير ٿي وڃڻ ڪري ڄنگهه ڪٽڻ سان به معاملو نيڪ نه پيو ٿئي. تنهنڪري دردناڪ رڙين ۽ عذابن مان حسن جي جان موت جي فرشتي ئي اچي ڇڏائي.

حاجِين ورڻ جا ڏينهن هئا. حسن جو لاش ڪانڌن جي ڪلهن تي هيو. ظفر علي هڪ ٻار کي ڪڇ تي ٻئي کي ڇيچ مان ورتيون حسن جي ڪٽ پويان پئي ويو. حسن جو لاش دفنائي . ڪانڌن سان موٽي ظفر علي تڏي تي اچي ويٺو.

انهيءَ ڏينهن محرم علي به حج تان موٽي اچي پهتو هيو. تڏي تي ماڻهو ظفر عليءَ سان عذر خواهي ڪري رهيا هئا. محرم علي به اچي تڏي تي ويٺو. قل پڙهي دعا گهري ظفر علي چيائين،

”ادا حڪم ڏٽيءَ جو.“

ظفر علي جنهن جي اکين ۾ ڳوڙها پريل هئا تنهن ياءُ کي ڏسندي چيو ، ”پاڙئي قبولي وئي ادا.“ حج ڪري اچڻ کان پوءِ ياءُ جي اکين ۾ اطمينان ڏسي ڪيس چيائين،

”توهان کي به پلي پار ڪان ٿي اچڻ جون مبارڪون.“ ■

پنڪي، شراب ۽ ڪمانڊ...

بشير احمد سومرو

ڊائريڪٽر صاحب پنهنجي وڏي ايئر ڪنڊيشنڊ آفيس ۾ روالونگ چيئر تي وڏي پريشانيءَ مان پنهنجي سامهون ٽيبل تي رکيل ليپ ٽاپ جون ڪيز پنهنجين آڱرين سان ڊٻائي رهيو هيو پر ڪو اهڙو ڪم هيس جيڪو هن کان حل نه پئي ٿيو تنهنڪري ئي ته وري وري ساڳين ئي ڪيز کي ڊٻائيندي سندس چهري تي وڏي پريشانيءَ جا آثار صاف ظاهر ٿيڻ لڳا هيس ۽ ان پريشانيءَ ۾ هن کي اي سيءَ جي يخ ٿڌ ۾ نرڙ تي پگهر جا ڦڙا ظاهر ٿيڻ لڳا هيا جن کي هن ٽشو سان ٿي اگهيو ته وري ٿي ظاهر ٿيس. اڄ هو پريشانيءَ جي ڪنهن اهڙي ڏبڻ ۾ ڦاٿو هيو جو هن کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته هو ڇا ڪري جيتوڻيڪ هو ڪميوٽر جو ماهر هيو ۽ پنهنجي سب آرڊينيٽ آفيسر کي ڇڪي ئي نه ڪندو هيو پر اڄ...

هو ڪڏهن به ايترو پريشان نه ٿيندو هيو جيتوڻيڪ هن کي پبلڪ اڪائونٽس ڪاميٽيءَ کان سخت حڪم ملندا هيا ته به هو انهن کي به فيس ڪري ويندو هيو ۽ سخت کان سخت ڪم وڏيءَ سنجيدگيءَ سان ڪري وٺندو هيو. وڏي کان وڏي آفيسر کي ٽريپ ڪرڻ جا هن وٽ سڀ گُرَ هيا پر هي پرابلم، ’اُف...‘ هن کان پريشانيءَ ۾ دانهن نڪري وئي.

ڊائريڪٽر به هار مڃڻ وارو نه هيو ۽ هن ليپ ٽاپ جو ڪيز وري ٻيهر ڊٻائڻ شروع ڪيون پر گهڻي ئي مٿي ماريءَ کان پوءِ هن کي محسوس ٿيو ته هي پرابلم هاڻي هن کان حل ٿيڻ جهڙو نه آهي. هن کي پرابلم حل ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن سب آرڊينيٽ آفيسر کان مدد وٺڻ جو خيال آيو پر وري اهو به احساس ٿيس ته متان هي راز کُلي پئي. ۽ جي هن راز جي سيني آفيس وارن کي خبر پئجي وئي ته پوءِ سندس سب آرڊينيٽ آفيسر ويٺا چوندا، ”ڏسو، ڊائريڪٽر هوئڻ ته سيڪريٽري ليول جي بيوروڪريٽن کي ڪيئن ٿو ڦٽڪائي ۽ وري حال هي اٿس جو سمپل مسئلو به حل نه ٿو ڪري سگهي ۽ پوءِ هلنديون گلائون ۽ ڪلڪو.“

”.... پر ڇا ڪجي هي پرابلم ئي اهڙو آهي ۽ ها، جي هي پرابلم حل نه ٿيو ته پوءِ مان فرسٽريشن ۾ نه هليو وڃان.“ هن پنهنجي منهن سان ئي چيو، هن اهو چوندي پڪو پهه ڪيو ته هاڻي هو ڪنهن ايڪسپرٽ کان ضرور مدد وٺندو.

ڊائريڪٽر اڃا اهڙي ذهني پيڙا مان گذري ئي رهيو هيو ته ڪنهن اهڙي اعتماد واري سب آرڊينيٽ آفيسر کي چوندي جيڪو ڪمپيوٽر جو ايڪسپرٽ به هجي ۽ جيڪو هن جي هن اهم راز جو پردو به رکي سگهي. اڃا هن ٻيهر پنهنجي نرڙ تان ٽشوءَ سان پگهر ڦڙا ئي نه اگهيا هيا ته اوچتو سندس اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اندر اچڻ جي اجازت گهري سندس سامهون واري چيئر تي ويٺو.

”ها، مسٽر جمال ڪو اهم مسئلو آهي ڇا؟“

ڊائريڪٽر بيزاريءَ واري انداز مان اي ڊيءَ ڏانهن بنا ڏسڻ جي چيو جو هو اڃا تائين ليپ ٽاپ تي پنهنجي آڱرين سان ڪيز کي ڊٻائي رهيو هيو ڇاڪاڻ ته هو اڃا به هڪ ناڪام ڪوشش ڪري هيو تنهنڪري ئي هن اکيون ليپ ٽاپ تي ڪپائي رکيون هيون ۽ تڏهن ئي ته بيزاريءَ مان آهستي ڇپن ۾ پٽڪيو، ”هي وري ڪٿان آيو منهنجي پريشاني وڌائڻ.“

”جي سر، اوهان ڪجهه فرمايو ڇا!“ سندس اي ڊيءَ حيرت گاڏڙ ادب مان اکيون جهڪائي پڇا ڪيس ڇاڪاڻ ته هن ڏٺو ٿي ته ڊائريڪٽر جي چهري تي پريشانيءَ جا آثار چٽا پٽا ظاهر هيا ۽ هو ڪاوڙ واري انداز مان ليپ ٽاپ جي ڪيز کي هر هر ڊٻائي رهيو هيو جنهن مان اي ڊيءَ کي محسوس ٿي رهيو هيو ته هن کان ايڪسل ۾ ڪا ڊيٽا حل نه ٿي رهي آهي.

”نه، پر اوهان اهو ٻڌايو ته ڪم جي پراگريس ڪيئن آهي.“ ڊائريڪٽر پنهنجي پريشاني لڪائيندي ڪڙڪ آواز ۾ پڇيو.

”جي سر.“ سندس اي ڊيءَ ادب سان وراڻيو.

”ته پوءِ تڪڙ ۾ ٻڌايو.“ ڊائريڪٽر اي ڊيءَ کان تڪڙ ۾ جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي جو ان وقت هن جي ذهن ۾ اهو نه آيو ته اي ڊي به آفيس ۾ ڪميوٽر کي آپريٽ ڪرڻ جو ايڪسپرٽ سمجهيو ويندو آهي.

”سر، ڊي سي او، اِي ڊي او روينيو ۽ اِي ڊي او فنانس کي پنج سو ملين جي ڪرپشن ۾ ٽريپ ڪيو آهي ۽ انهيءَ جا ثبوتن جا موبائيل فوٽو پڻ آندا اٿم. باقي جيئن اوهان جو حڪم هجي.“ اهي لفظ چئي اي ڊيءَ ڏانهنس فاتحانه انداز مان ڊائريڪٽر ڏانهن نهارڻ لڳو ڄڻ ته ڪا وڏي جنگ فتح ڪئي هجيس.

”ته پوءِ، ڊي سي او سوڌو ٻين اِي ڊي اوز ۾ ڦٽڪو هوندو؟“ ڊائريڪٽر هلڪو مسڪرائيندي ڪانئس پروفيشنل انداز ۾ پڇيو.

”سر، هو ته پيرن ۾ پيا هيا پر...“ سندس اي ڊي ڪجهه لفظ چئي رڪجي ويو.

”ها، پيرن ۾ ڇو نه پوندا پر...“ ڊائريڪٽر به ڪجهه چوندي خاموش ٿي ويو ۽ وري آهستي چيائين، ”لولهٽ به ضرور ڪندا هوندا.“

”سر، هنن چيو پئي ته پنج سو ملين روپيا ته سڄي ڊسٽرڪٽ جي آفيسرن کي ورهائي ڏنا هيا سين سڄي ڪرپشن اسان ته ڪو نه ڪئي آهي.“ اي ڊيءَ پنهنجي ڪاميابيءَ تي خوش ٿيندي ڊائريڪٽر کي جواب ڏنو.

”ڊسٽرڪٽ جي سيني آفيسرن کي يرغمال ڪري سڀ روپيا پاڻ ئي هڙپ ڪيا هوندن. جي ائين نه هجي ته ڪاغذن جو پيٽ نه ڀرين ها.“ ڊائريڪٽر ڊي سي او ۽ ٻين آفيسرن تي پنهنجا خار ڪيندي چيو، ”پر هڪ اهم مسئلو...“ ڊائريڪٽر اهي لفظ چوندي خاموش ٿي ويو.

”سر، ڪا سيڪريٽ ڳالهه آهي ڇا؟“ سندس اي

ڏيءَ آهستي پڇا ڪيس ته جيئن هن جو آواز تيز نه ٿي وڃي ۽ ڪو ٻيو اي ڊي اوچتو ٽپي نه پوي ۽ هن ڪاميابيءَ کان پوءِ ملندڙ نئين اسائنمينٽ نه کٽي وڃي.

"يار، ڳالهه ته واقعي به سيڪريٽ آهي پر..." ڊائريڪٽر لفظ چوندي وري به خاموش ٿي ويو.

"سر، اوهان جو مقصد آهي ته ڪيس ڪي پي اي سيءَ ۾ موڪليو وڃي." سندس اي ڊي سمجهيو ته شايد ڊائريڪٽر ڊي سي او تي ڪاوڙيل آهي تڏهن ئي ته هن ڪيس کي پبلڪ اڪائونٽس ڪاميٽيءَ ۾ موڪلڻ لاءِ پڇيو پئي.

"يار، جي ڪيس پي اي سيءَ ۾ ويو ته پوءِ آفيسر ته ويهجي ويندا." ڊائريڪٽر ٿورو نرم آواز ۾ چيو.

"سر، پوءِ ڇا ڪجي؟" سندس اي ڊيءَ راز واري انداز ۾ چيو، "سر، اوهان حڪم ڏيو ته ڊيل ڪيونس." اي ڊيءَ تتل لوهه تي ڌڪ وهائيندي چيو جو هيءَ هڪ وڏي پارٽي هئي ۽ هن کي به گهٽ ۾ گهٽ به ملين روپين جو آسرو هو جنهن سان هن جا هڙئي مسئلا حل ٿي سگهن ها.

"يار، ٿورو وقت ڏين ته پلي مڇيءَ وانگر تڙپن." ڊائريڪٽر ٿورو مسڪرائيندي ڪيس تڪڙ ۾ ايڪشن کڻڻ کان روڪيندي چيس.

"سر، جيئن اوهان جو حڪم هجي." اي ڊيءَ ادب سان وراڻيو.

"ٺيڪ آ، پر..." ڊائريڪٽر وري به مونجهاري واري ڳالهه ڪئي.

"سر، لڳي ٿو ڪنهن وڏي پريشاني مان گذري رهيا آهيو." اي ڊيءَ ڊائريڪٽر جي دل رکڻ جي لاءِ چيو.

اوچتو ڊائريڪٽر ليپ ٽاپ جي ڪيءَ کي زور سان ڌڪ هڻندي چيو، "هل، وڏي ڳالهه ٿي وئي."

"جي سر." سندس اي ڊيءَ حيرت مان پڇا ڪئي جو سمجهيو ته صاحب ڊي سي او جي خلاف ڪا نئين ترڪيب سجهي هوندائين.

"اڙي يار، مان ته ڦاسي ويو آهيان." ڊائريڪٽر ڪجهه پريشانيءَ ۽ بيزاريءَ مان پنهنجي ڳالهه ذري گهٽ چئي ويو. پر وري به پنهنجي زبان تي ڪنٽرول ڪري ورتائين.

"سر، ڇا پرائيم منسٽر کان ڪو پروگرام آيو آهي؟" اي ڊيءَ اتساهه گاڏڙ پريشانيءَ واري انداز ۾ پڇيو.

"نه، منهنجو مقصد آ..." اهي لفظ چئي ڊائريڪٽر وري منهن خراب ڪندي ليپ ٽاپ جي ڪيءَ کي دٻايو.

"جي سر، ٻڌايو نه." اي ڊيءَ ذهني طور تي ٿورو فرسٽريٽ ٿيندي پڇيو جو هن سمجهيو ٿي ڊائريڪٽر صاحب هاڻي ته راضي هيو پر اوچتو هن جي رويي ۾ تبديلي ڪيئن ۽ ڇو آئي؟ اهڙي سوال تي هن جو فرسٽيٽ ٿيڻ لازمي امر هيو.

"نه يار، اوهان ڪي نه آهيان. مان ته هن مسئلي ۾ اهڙو ته ڦاٿو آهيان جنهن جي آڏو ڊي سي او جي ڪرپشن وارو مسئلو به تڇ آهي." ڊائريڪٽر وڏي مسئلي ۾ ڦاسڻ واري پنهنجي پريشاني اي ڊيءَ سان شيئر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

اي ڊي من ئي من ڏاڍو خوش ٿيو جو ڊائريڪٽر اڳ ۾ ئي ڪانئس تمام گهڻو ناراض هو ڇو ته اڳ ۾ به جڏهن هن هڪ اِي ڊي او فنانس جي وچ ۾ پئي ڪري ڊائريڪٽر صاحب جي ذري گهٽ ڪميشن وڃائي هئي. ۽ ان ئي پس منظر ۾ هن ڊائريڪٽر جي ناراضگيءَ کي منهن تي ڏنو پر جڏهن اِي ڊي او فنانس کي دٻ ڏنائون ته تنهنجي ٻئي ڊسٽرڪٽ ۾ پوئين آڊٽ ٽيڪ اپ ٿي وئي اتئي ۽ هاڻي پير سنڀالجانءِ ته ان وقت اِي ڊي او فنانس کي پنهنجي دوست جا چيل لفظ ياد آيا ته سڄي دنيا سان اڇائجانءِ پر آڊٽ آفيسرن سان نه ۽ پوءِ تڏهن هنن کي ڪميشن ملي هئي ۽ ڊائريڪٽر صاحب به ڪجهه راضي ٿيو هيو. اهو به تڏهن جڏهن هن سڄي ٽيم ۽ پنهنجو شيئر ڪيس هٿ ۾ ڏنو هيو. ان کان پوءِ ڊائريڪٽر هن تي تمام گهڻو ناراض ٿيو هيو ۽ ڪيس پارٽين جي حوالي سان گهڻ اهميت ڏيڻ لڳو هو پر وري هن تي مهربان ان وقت ٿيو جڏهن هن کي ڪجهه ڊپارٽمينٽس جي آفيسرن کي وڏي قسم جي چٻ ڏيٽي هئي تڏهن اي ڊيءَ کي گهرائي چيو هيائين، "مان اوهان کي ايجوڪيشن، بلڊنگس، روڊس ۽ هيلٿ ڏيان ٿو ته انهن ڊپارٽمينٽس جي اِي ڊي اوز کي ويهاري ڇڏيو." ڊائريڪٽر اهي لفظ چئي هن جي ڇهري کي ڇتائي ڏنو جتي خوشيءَ سان گڏ مرڪ ۽ تجسسُ هيو.

"سر، ڀرين اوهان جو شيئر پوءِ اسان." اي ڊيءَ ڪيس بهتر نموني سان مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

"ها، ها، اهو ته پاڻهي اچي ويندو پر..." ڊائريڪٽر وري به ڪجهه چوڻ پئي چاهيو پر خاموش ٿي ويو.

"سر، اوهان چئي ڏيو نه." ڊائريڪٽر کي ڪجهه چوندي خاموش ٿي وڃڻ جي پس منظر ۾ ئي اي ڊيءَ ڪيس ادب مان سيني تي هٿ رکندي چيو.

"يار، مان ته هن مسئلي مان اچي ڦاٿو آهيان." ڊائريڪٽر ليپ ٽاپ ۾ اکيون کپائيندي چيو.

اي ڊيءَ کي ڊائريڪٽر جي اهڙي رويي تي شڪ ٿيڻ لڳو ۽ ڪيس وري گزريل سال وارو اهو ڏينهن ياد اچڻ لڳو جڏهن ڊائريڪٽر هڪ پارٽيءَ جو هيڊ ڪري ڪيس آهستي چيو هو، "يار، پنڪي گهرجي."

"ڇو سر؟ بي آرامي آهي ڇا جو پنڪي ٿا ياد ڪيو؟" اي ڊيءَ ڳالهه نه سمجهندي ڪانئس پڇا ڪئي جو هن کي اهو احساس ٿيو ته شايد ڊائريڪٽر کي مٿان ڪو سخت ڪم مليو آهي جو ان جي ڪري ڪيس ننڊ نه ٿي اچي تڏهن ئي اهڙيون ڳالهيون پيو ڪري.

"نه يار، توهان شايد نه سمجهيو." ڊائريڪٽر ڪيس وري به ويجهو ٿيندي آهستگيءَ ۽ راز واري انداز ۾ چيو.

"سر، پوءِ ٻڌايو نه." اي ڊيءَ به ساڳئي ئي راز واري انداز ۾ پڇيو.

"پنڪي جو مقصد آهي ڇوڪري." ڊائريڪٽر تمام آهستي چيس.

"ڇوڪري، ڪهڙي ڇوڪري سر؟" اي ڊيءَ وائڙو ٿيندي هوريان ڳالهايو.

"يار، ڪال گرل ٿو چوان." ڊائريڪٽر سنجيده ٿيندي چيو.

اي ڊيءَ جو منهن ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ هڪ دم اٿي بيهي رهيو هو ۽ ڊائريڪٽر کي سڌو چئي ڏنائين، "سر، مان اوهان کي پنهنجو شيئر باقاعدگيءَ سان ڏيندو آهيان پر مان نه شراب ۽ نه ئي ڪا ڪال گرل يوز ڪندو آهيان ۽ نه ئي مان سپلاير آهيان. اهي ڪم اوهان جا ٻيا اي ڊيز ڪندا هوندا پر مان نه."

انهيءَ کان پوءِ اي ڊيءَ جون هر پارٽيون جن جو هو هيڊ ٿيندو هيو اهي کسيون ويون ۽ ڪيس ڊسپيچ تي رکيو ويو هو ته هو ڊائريڪٽر جي ڊاڪ کي اسڪرين ڪري. ڊائريڪٽر وڏيون وڏيون پارٽيون ۽ سٺيا ڪاتا هن جي اکين جي آڏو انهن اي ڊيز جي حوالي پئي ڪيا جن صاحب جي لاءِ شراب ۽ پنڪيءَ جو بندوبست ٿي ڪيو ۽ هر اي ڊي هن جي ٽيبل تي ويهي ڪري ڊائريڪٽر جون تعريفون ٿي ڪيون صرف هن کي ساڙڻ جي لاءِ ۽ هن جي آڏو ڪڙڪ نوٽن جون دستيون ڪڍڻ لڳندا هيا خاص طور تي ان وقت جڏهن هن کي ڪا چانهن يا ڪو ٿڌو پيارينداُ ۽ هن جنهن هر ڪنهن جون ڳالهيون ٻڌيون ۽ ڪڙڪ نوٽن کي ويني ڏٺو. هن جي ڏکي خاموشيءَ ويتر انهن اي ڊيز کي چيڙائي ٿي وڌو ته هي وري ڪهڙو پارسا آهي جيڪو نه شراب ۽ نه ئي پنڪي يوز ٿو ڪري. نيٺ بيزار ٿيندي هن جي هڪ گهاٽي دوست سندس خراب مالي پوزيشن کي جاچيندي ڀرين همدردي ڪندي هن کان بينڪ اڪائونٽ جي گهر ڪئي ته جيئن هو ڪيس ڪا هينڊسم رقم موڪلي ۽ پوءِ وري ڪيس گاڏيءَ جي آفر ڪئي. پر جڏهن هن ڪيس ڪو خاطر خواهه جواب نه ڏنو ته هن جي مٿان رحم ڪائيندي سندس دوست صلاح ڏني هيس، "يار، ڊائريڪٽر کي شراب يا پنڪي پهچائڻ ته اڄ جي مهذب دنيا جو رواج آهي ۽ ها، ٻيو ته اسان کهڙيون پنهنجون رنون آڻي ٿا ڏيونس."

"ڪڙڪ نوٽن جي لالچ ۾ اچي ڪري هڪ ڏينهن ڊائريڪٽر کي پنهنجون به رنون آڻي ڏيندؤ!!" اي ڊيءَ پنهنجي گهاٽي دوست کي منهن تي سچ ڦهڪائيندي چيو ڇاڪاڻ ته هو ڊائريڪٽر جو فيوريٽ ٿي ويو هيو تڏهن ئي ته هن هڪ بنگلو قاسم آباد ۽ ٻيو ڊفينس ڪراچيءَ ۾ ورتو هيو ۽ ڪيس ٻه جي ايل آءِ ڪارون به هيس.

"يار، توهان کي ته صلاح ڏيڻ ۽ همدردي ڪرڻ به اجايو ۽ پنهنجو وقت وڃائڻ جي برابر آهي." هن جو دوست ڪاوڙ واري انداز مان سندس ٽيبل تان اٿي ويو ۽ ڪانئس اهو به وسري ويو ته هن ٿڌو گهرايو هيو ۽ ويندي ويندي ڪجهه بڙ بڙ به ڪندو پئي ويو. شايد هن کي گاريون ئي ڏيندو هوندو جيڪي هن کي سمجهه ۾ نه آيون.

آهستي آهستي هن تان ڊائريڪٽر جو عتاب هٽڻ شروع ٿيو ۽ ڪيس هن ننڍيون ننڍيون پارٽيون ڏيڻ شروع ڪيون هيائين. اي ڊيءَ به آهستي آهستي پنهنجو اعتماد بحال ڪرائڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر پنهنجي اسڪلس سان نه ڪي پنڪي ۽ شراب سان ۽ سندس ڪيسي ۾ نوٽن جي ڪڙ ڪڙ ٿيڻ لڳي هئي ۽ هي ڀريون دفعو هيو جڏهن ڪيس پارٽيءَ جو هيڊ ڪري ڊي سي او، اِي ڊي او روينيو ۽ اِي ڊي او فنانس ڏانهن موڪليو هيائينس ۽ هن به فرض نڀائيندي سخت قسم جي آڊٽ ڪري سيني کي سوگهو ڪري آيو. ۽ پنج سو ملين جي ڪرپشن جو رڪارڊ به هٿ ڪري آيو هيو جنهن ڪري هن جي ڇهري تي گهڻي وقت کان پوءِ ڀريون دفعو فاتحانه خوشي هئي ۽ اڄ وري به ڊائريڪٽر ساڻس راز واري انداز ۾ ڪجهه ڳالهيون پئي ڪيون جيڪي ڪيس ڪجهه گهٽ ٿي سمجهه ۾ آيون ته ڪيس محسوس ٿيو ته وري نه ڊائريڪٽر پنڪي يا شراب جي



ڳالھ ڪري تنهن ڪري ئي هن ٿورو اوائيد بہ ڪيو ٿي ۽ هن جي دل رکڻ جي لاءِ مسئلي جي پڇا ڪئي، "سر منهنجي لاءِ ڪو حڪم هجي."

"اوهان منهنجو ڪم تہ ڪندا نہ." ڊائريڪٽر ٿوري هيٺاهين وٺندي اي ڊيءَ کي چيو جو ڪيس اڳ ۾ ئي خبر هئي تہ هو لکين روپين جي ڪميشن کي اڳ ۾ ئي ٺڪرائي چڪو آهي پر پوءِ ياد آيس تہ هي بہ ڪمپيوٽر جو ايڪسپرٽ آهي تڏهن ئي هن رڪيسٽ ڪيس.

"سر، شراب ۽ پنڪيءَ کان سواءِ جيڪو بہ ڪم هوندو..." اي ڊيءَ جواب ڏنس جو هن کي خبر هئي تہ صاحب اڪثر ڪري جنهن بہ اي ڊيءَ کي سٽيپيون ڊارٽمينٽس ڏيندو هيو تہ اهو اي ڊي هن جي وائيف ۽ ٻارن کي شاپنگ ڪرائيندو هيو ٻين لفظن ۾ اهو اي ڊي صاحب جي خاص اي ڊيز مان ٿي ويندو هيو تنهنڪري هن شراب ۽ پنڪيءَ کان بهتر اهو سمجهيو تہ سندس وائيف ۽ ٻارن کي ئي شاپنگ ڪرائي.

"اڙي يار، توهان سان اچا بہ پنڪي ۽ شراب جي ڳالھ چوڻ جي جرئت ڪري سگهان ٿو پر ڳالھ ئي اهڙي آهي جو مون کي ڪرڻي بہ اوهان سان ئي آهي." ڊائريڪٽر اي ڊيءَ کي رازداريءَ واري انداز ۾ چيو.

"سر پليز، اوهان ٻڌايو نہ." اي ڊيءَ حيرت مان سيني تي هٿ رکي ادب سان جواب ڏنو.

"ٻڌو آهي تہ اوهان منهنجي آفيس ۾ ڪمپيوٽر جا وڏا ايڪسپرٽ آهيو." ڊائريڪٽر پنهنجو منهن اي ڊيءَ جي ويجهو ڪندي وڏي رازداريءَ واري انداز ۾ پڇيو.

"سر، مڙئي آفيس وارن هُلايو آ." اي ڊيءَ بہ راز واري انداز ۾ مسڪرائيندي جواب ڏنس.

"ڏسو نہ، اوهان هاڻي ڪم کان لنوايو پيا." ڊائريڪٽر مسڪرائيندي اشهد آڱر هر هر لوڏيندي چهري کي عجيب بڻائيندي چيو.

"سر، هاڻي تہ اوهان مون کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو." اي ڊي ٿورو ڦڪو ٿيندي چيو.

"چڱو، هاڻي سچيءَ ۾ ٻڌايو نہ تہ اوهان واقعي بہ ڪمپيوٽر جا ايڪسپرٽ آهيو يا نہ؟" ڊائريڪٽر ٿورو سنجيده ٿيندي پڇا ڪيس.

"سر، ٿورو گهڻو پر حڪم ڪيو نہ." اي ڊيءَ سيني تي هٿ رکندي جواب ڏنو؟

"واه، واه!" ڊائريڪٽر وڏي خوشيءَ جي انداز ۾ اٿي ڪري هٿ کي هوا ۾ ائين گهمايو ڄڻ هو هو جمالو واري جهمر هڻڻ جي موڊ ۾ هجي جو هن جو پريشاني حل ٿيڻ واري هئي.

ڊائريڪٽر جي ائين اٿڻ تي اي ڊي بہ ادب مان ڪرسيءَ تان اٿي بيهي رهيو ۽ صاحب کي حيرت واري انداز ۾ تڪڻ لڳو تہ صاحب چيس، "هڪ عرض آهي."

"سر، اوهان تہ حڪم ڪندا آهيو نہ. عرض ڪرڻ اوهان کي ڪو نہ ٿو ٺهي." اي ڊيءَ حيرت مان ڊائريڪٽر کي چيو جو هو اڃا تائين حيرت ۾ هيو تہ اڄ صاحب کي ڇا ٿي ويو آهي.

"نہ، نہ مان عرض ئي ڪري ٿو سگهان." ڊائريڪٽر گذارش واري انداز ۾ چيو.

"سر، چئو نہ." اي ڊيءَ وري بہ ادب مان ڊائريڪٽر کان پڇا ڪئي.

"ٿورو هيڏانهن ڦري اچو." ڊائريڪٽر تڪڙ ۾ ٻئي پاسي کان چيئر سوري اي ڊيءَ جي ويهڻ لاءِ رکي جنهن تي هن کي ويهڻ جي لاءِ هٿ سان اشارو ڪيائين.

"سر، ڇا ڪرڻو آهي؟" اي ڊيءَ ليپ ٽاپ ڏانهن تڪيندي ڊائريڪٽر کان پڇيو.

"ٻڌو، ڇا اوهان کي ڪمپيوٽر جي گيم ايندي آهي؟" ڊائريڪٽر ٿورو ڌيمي آواز ۾ ڪانئس پڇا ڪئي.

"جي سر، ڪجھ تہ ايندي آهي." اي ڊيءَ ٿورو پريشانيءَ مان ورانئيو.

"هاڻي غور سان ٻڌو." ڊائريڪٽر اي ڊيءَ جو ڌيان ڇڪائيندي چيو.

"جي سر."

"هي ڪمانڊو آهي نہ." ڊائريڪٽر اي ڊيءَ کي ليپ ٽاپ جي اسڪرين تي اشاري سان ڪمانڊو ڏيکاريندي چيو.

"سر، ڇا ڪرڻو آهي هن ڪمانڊو کي؟" اي ڊيءَ حيرت مان پڇيو.

"هن ڪمانڊو کي هي درياءَ پار ڪرائڻو آهي." ڊائريڪٽر ايلاز ڪرڻ واري انداز ۾ اي ڊيءَ جي ڪلهي تي هٿ رکي پنهنجائپ واري انداز ۾ چيو ڄڻ تہ اي ڊي ئي هن کي هن وڏي ٽريپ ۾ ڦاسڻ کان بچائي وٺندو.

اي ڊيءَ ليپ ٽاپ جي ڪيز کي دٻائڻ شروع ڪيو ۽ ڊائريڪٽر ڪيس حسرت ڀرين نظرن سان هن جي آڱرين جي مووومينٽ کي ڏسندو رهيو. ۽ اتساه ڳاڙهو حيرت مان ليپ ٽاپ جي اسڪرين کي چتائي ڏسڻ لڳو تہ ڪڏهن ٿي هن جي من جي اميد پوري ٿئي ۽ ڊائريڪٽر من ئي من ۾ اهو طئہ ڪيو تہ جيڪڏهن اي ڊيءَ ڪمانڊو کي درياءُ پار ڪرائي ورتو تہ هو هن کي پنج سو ملين مان سٽيو شيئر ڏيندو ۽ اڳتي بہ ساٽس پارٽين ۾ خاص رعايت ڪندس ڇو تہ هن گيم جو هي اهم اسٽيپ پار ڪرڻ جو ٽاسڪ هن کي هر ڪم کان وڌيڪ عزيز هيو.

اي ڊيءَ ڪافي دير تائين ليپ ٽاپ تي آڱريون هٽندي ڪيز کي دٻايو پر ڪمانڊو کي درياءُ پار نہ ڪرائي سگهيو ۽ هن جي نرڙ تي پڻ ايئر ڪنڊيشن آفيس ۾ بہ پگهر اچڻ لڳا. هن ڏٺو تہ ڊائريڪٽر جي چهري تي بہ مايوسيءَ غصي لامارا ڏيڻ شروع ڪيا هيا. نيٺ اي ڊيءَ مجبور ٿي ڪري ڪري ڊائريڪٽر کي سخت مايوسيءَ واري انداز چيو، "سر، هي ڪمانڊو تہ درياءُ پار نہ ڪري سگهيو."

"ڇا چيئي؟" ڊائريڪٽر سخت ڪاوڙ ۽ مايوسيءَ واري انداز ۾ چيو.

"سر، مان تہ ڪوشش ڪئي پر..." اي ڊيءَ سخت مايوسيءَ واري انداز ۾ چيو.

"هي خسيص ڪم بہ تو کان نہ ٿيو؟" ڊائريڪٽر رڙ ڪندي چيو.

"سر..." اي ڊيءَ ليپ ٽاپ جي ڪيز تان هٿ ڪٽندي صفا مايوسيءَ ۽ حيرت مان ليپ ٽاپ تان اٿندي چيو.

"هليو وڃ منهنجي آفيس مان!" ڊائريڪٽر سخت ڪاوڙ مان رڙ ڪئي اي ڊيءَ کي آفيس مان وڃڻ جي لاءِ چيو.

"سر، هيءَ تہ هڪ گيم آهي." اي ڊيءَ ڪنڌ هيٺ ڪندي ڊائريڪٽر جي ڪاوڙ جهڪي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جو ڪيس هڪ دفعو وري هن کان سپ سٽيا پروگرام کسجڻ جو خوف سندس ذهن تي سوار ٿيو.

"اڙي، جڏهن تون هڪ ڪمانڊو کي درياءُ پار نہ ٿو ڪرائي سگهين ۽ وري ڊاڙون هڻين ٿو ڪمپيوٽر جي ايڪسپرٽ هجڻ جون؟"

"سر..." اي ڊي ڪجھ لفظ چوندي چوندي رڪجي ويو.

"بس، تو کان سيئي پروگرام کسيا ٿا وڃن ۽ تو کي وري آفيس ۾ ڊسپيچ تي ڊيپوٽ ڪيو ٿو وڃي. اها ئي تنهنجي سزا آهي." ڊائريڪٽر اهي لفظ چوندي پنهنجو منهن اي سيءَ ڏانهن ڪندي ٿڌ جهٽڻ لڳو تہ جيئن سندس ڪاوڙ جهڪي ٿئي.

"سر..." اي ڊي منهن پيلو ڪندي هڪ ڪمانڊو کان شڪست کائي وري آفيس وارن جا طعنا سهڻ جي لاءِ ڊسپيچ واري ٽيبل ڏانهن قدم وڌائڻ لڳو ڇو تہ هو گهٽ ۾ گهٽ بہ ملين روپين جي ڪميشن سان گڏ ايندڙ پروگرام بہ وڃائي چڪو هيو. هن جي پيلي منهن کي ڏسي ڪري پريان سندس دوست وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳا تہ هن پنهنجي منهن چيو، "حيرت آ، پنڪي، شراب ۽ ڪمانڊو ايڪسپرٽائيز کي بيٽ ڪري ويا." ■



جيڪيٽ...



حيسب ڪانهيو

”بابا مون کي پئسا کپن.“
”وري ڇا لاءِ؟“
”بابا سيءُ لڳو پيو آهي، مون کي جيڪيٽ وٺڻي آهي.“

پيءُ پنهنجي کيسي ۾ هٿ هنيو ۽ ٻه سؤ رُپيا ڪڍي پُٽ کي ڏيندي وراڻيائين، ”هيءُ وٺ. لنڍي بازار مان تون پنهنجي لاءِ ٻه وٺجان ۽ پنهنجي ڀيڻ جي لاءِ به ڪا سولي سيبتي جرسي يا لوئي وٺجانءِ ان وٽ به ڪونهي.“

”مون کي ڪونه ٿو کپي بس.“ پُٽ منهن ڪوجهو ڪندي پيءُ کي چيو.

”نه ٿو کپي. وچي کڏ ۾ پئو!“ پيءُ ڪا غرض نه ڪيندي چيس.

پُٽ جو منهن صفا ٽامٽي جيان ٻرندڙ ٿي پيو، پر پيءُ تي ڪو به اثر نه ٿيو، پيءُ رڌڻي ڏي رڙ ڪندي چيو، ”رحيما، ماني ڪٽي آءُ جلدي. رئيس کي اڄ ڪراچي ڪٽي وڃڻو آهي. رات ئي چيو هئائين ته ساجهر اچج.“

”ڪٽي ٿي اچان، ٿورو صبر ته ڪر. اڃا رئيس جي ننڊ ئي ڪانه ڦٽي هوندي.“ رحيما رڌڻي مان ئي ورندي ڏني، ”وڏا ماڻهو ايترو ساجهر ڪٿي ٿا جاڳن؟“

رحيمان رڌڻي مان ماني ڪٽي ٻاهر آئي ۽ اچي جمن جي اڳيان رکي پُٽ کان پڇيائين، ”ابا تون به هٿ ڌوءِ ته ماني ڪٽي اچان.“

”مون کي بُک ڪونهي.“ پُٽ رکي لهجي ۾ وراڻيو، ”ڪونه ٿو کاوان ماني.“

”هينئر ته ڀيڻ کي رڙيون پئي ڪيئي سويري ماني لاءِ، وري هڪدم ڇا ٿي ويو اٿئي؟“ ماءُ پڇيس.

ماءُ جي پڇڻ تي ڪجهه نه ڪڇيائين، رڳو ڪاوڙ ۾ منهن ڪوجهو ڪري ڪنڌ کي جهٽڪي سان ٻئي پاسي ورايائين.

”ابا ڇا ٿيو اٿئي؟“ ماءُ ڪلهي تي هٿ رکندي پڇيس. خير ته آهي ڇا تي ڪاوڙيو آهين؟“

هو ماٺ رهيو. پيءُ رڙ ڪئي، ”دادلو پُٽ آهي سو انگل ٿو ڪري.“

”ڪهڙو انگل؟“ رحيمان مُڙس ڏي نهاريو.

”جيڪٽ جي لاءِ پئسا ٿو گهُري.“ جمن گرهه سان گڏ لفظ به ڄڻ چٻاڙي ڪڍيا.

”ها ته پوءِ ڏينس نه.“ رحيمان پُٽ جو پاسو وٺندي چيو، ”ڏس ته ڪيڏو سيءُ اچي ڪِريو آهي ڪالهه کان.“

”مان ته ڏيانس ٿو پر وٺي ئي نٿو.“ جمن وراڻيو، ”مان ته چوانس ٿو پنهنجي لاءِ به وٺي ۽ ڀيڻ لاءِ به وٺي اچي پر نٿو وٺي.“

”وٺي وري ڇو نٿو؟“ ماءُ ڪنڌ ورائي پُٽ ڏي ڪيو، ”ابا وٺ نه. وڃي ڀيڻ جي لاءِ به وٺي آءُ. ويچاري سڄو ڏينهن ٿي تنهنجي خذمت ڪري.“

”امان، ابو چوي ٿو وڃين لنڍي مان وٺ.“ پُٽ ڏک گاڏڙ ڪاوڙ ۾ چيو، ”امان مان نئون وٺندس. لنڍي وارو مون کي نٿو وڻي.“

”تو کي سيءُ کان بچڻ جو ڪم آهي يا؟“ پيءُ ماني ڪائي وات ۾ آگر گهُمائي گرڙي ڪري وراڻيو، ”جاڪيٽ پائيندين ڪو ڪائيندين ڇا تون؟“

”مان ڪونه ٿو وٺان بس.“ پُٽ چيو، ”مون کي ڪونه ٿو کپي جاڪيٽ بس.“

”نٿو کپي ته ڌوڙ پاءِ.“ پيءُ ڪو اثر نه وٺندي چيو، ”مون وٽ ڪو مشين ڪونهي نوٽن جي جو بٽڻ ٿي پيو ٿاهيندو ۽ ڏيندو وڃان.“

رحيمان وات ڦاڙي مُڙس ۽ پُٽ جي فطرت جو جلوو ڏسندي رهي.

*

ٽوال ڇنڊي ڪلهي تي رکي پٽ تي لڳل آئيني ۾ ٽوپي سڌي ڪندي جمن چيو، ”آئون ڪو آفيسر ناهيان جو نوٽ پيو ميڙيان ۽ ورهائيندو وڃان. آئون ڊرائيور آهيان سو ڪنڌ ڇانهه ۾ ئي ٻڌو پيو آهيان.“

جمن آئيني تان منهن هٽائي پُٽ جي سامهون آيو. پنهنجي کيسي منجهان ٻه سؤ روپيا ڪڍي ڏانهنس وڌائيندي لفظن تي زور ڏيندي چيس، ”اچي وٺ نيا ڳا.“

پُٽ ٻُوٿ ٻئي طرف ڪري ڇڏيو.

جمن هڪ ٻه دفعا پئسا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پر جڏهن پُٽ نه ورتا ته آخر ۾ ڪاوڙ منجهان ٻنهي هن جو پوندو سندس ٻُوٿ تي گهرڙي چيو، ”پئسا نٿو وٺين ته هيءُ وٺ ڪميڻا.“

”اڙي منهنجي سڪيلڌي کي پوندا ٿو ڏين. راضي شاهه پڄيئي...“ ماءُ پُٽ جو ڇهرو ڇاتي سان لڳائيندي چيو.

”هُون سڪيلڌو ڪري ڪري تو هڙ ئي وڃائي ڇڏي آهيس. پنهنجو پاڻ کي سمجهي ئي الائي ڇا ٿو. آئون سدائين رئيس جا لاٿل ڪپڙا پايان، ماءُ رئيسياڻي جي لاٿل لوئي پائي، هن لاءِ رئيس جي ڇوڪري جو جاڪيٽ ڪٽي آيس ته به چيائين آئون نه پائيندس.“ جمن گهٽيءَ ۾ منهن ڪندي آخري جملو چيو، ”ان ڏينهن سيٺ جهامن وٽ منشي ٿي بيهاريو مانس ته به چيائين ته آئون ان ورياجي سيٺ جو منشي نه ٿيندس.“ جمن اڃان به الائي ڇا ڇا چوندي رئيس جي بنگلي ڏانهن هليو ويو.

*

رئيس جي بنگلي تي صُبح سوير ڪير به نه هو. جمن وڃي ويٺو ته بورچي چانهه ڪٽي آيس. جمن به چانهه چپن تي مس رکي ته رئيس به ٺڪ اچي ڪيو. جمن ڪوپ ٽيبل تي رکندي اٿي بيٺو ۽ رئيس جو سلام ورايائين. رئيس جمن کي سلام جو جواب ڏنو ۽ چيائين، ”چانهه پي وٺ ته بس هلون، دير ٿي وئي بابا.“

”ها سائين، بس چانهه پيئجي وئي هلون ٿا.“ جمن گرم گرم چانهه ڏوڪيندي چيو.

”بابا مون کي ڪجهه پئسا کپن.“ رئيس جو پُٽ گهران اوطاق تي آيو ۽ پيءُ کان پئسا گهريائين.

”گهڻا پُٽ.“ رئيس ڏاڍي ٻاجهاري لهجي ۾ پُٽ کان پڇيو.

”بابا...“ ننڍو رئيس چوڻ لڳو، ”بابا مون کي هيوي بائيڪ وٺڻي آهي.“

پُٽ جي اها ڳالهه ٻُڌي پيءُ جي مُنهن جو پنو لهي ويو، ”پُٽ تون ڇا ڪندين هيوي بائيڪ کي؟ تو وٽ ته پنهنجي گاڏي جو بيٺي آهي.“

”نه بابا گاڏي ته آهي پر مون کي هيوي بائيڪ جو شوق آهي. مون کي اها ضرور وٺڻي آهي.“

”پُٽ هيوي بائيڪ انتهائي خطرناڪ آهي. اهو شوق چڱو نه آهي پُٽ.“ رئيس ننڍي رئيس جي ڳل تي ٻاجهارو هٿ ڦيريندي چيو.

”نه بابا ڪجهه به خطرناڪ ڪونهي.“ ننڍي رئيس ضد ڪندي چيو، ”بابا منهنجي سڀني دوستن وٽ هيوي بائيڪ آهي، سڀ هلائين پيا...“

”پُٽ تنهنجا دوست غلط ٿا ڪن. پنهنجي جان سان کيڏڻ ڪا تفريح ناهي پُٽ. هيوي بائيڪ تمام تيز ٿيندي آهي ۽ انتهائي خطرناڪ. پنهنجي دوستن کي به سمجهاءِ ابا.“ رئيس پُٽ کي سمجهائيندي چيو.

”نو پاپا، اوهان پئسا ڏيڻ نٿا چاهيو ته اها ڳالهه ڪريو. باقي ترانا نه ٻُڌايو پليز.“ ننڍي رئيس کي ڪاوڙ اچي وئي.

”پُٽ پئسن جي ڪا ڳالهه ناهي. تون منهنجي ڳالهه سمجهين نٿو.“ پيءُ پنهنجي صوفي تان اٿي پُٽ جي سامهون اچي بيٺو ۽ پُٽ جي سامهون جهڪي سندس ڪاڏيءَ تي رکيائين ۽ سمجهائڻ جي ڪندي چوڻ لڳس، ”منهنجو سڀڪجهه تنهنجي ئي لاءِ ته آهي. پر پُٽ مون کي خبر آهي، اها هيوي بائيڪ 2000 cc تائين جي طاقتور انجڻ جي ٿيندي آهي جيڪا سيڪنڊن ۾ خطرناڪ حد تائين تيز ٿي ويندي آهي.“ رئيس پنهنجي سڪيلڌي پُٽ کي ڏاڍي نرمي منجهان چيو، ”پُٽ تون پاڻ سوچ، جيڪڏهن تو کي ڪجهه ٿيو ته آئون ڪنهن جا هٿ جهليندس ٻچا؟“

ننڍي رئيس تي پنهنجي پيءُ جي ٻاجهاري لهجي، سمجهائڻ ۽ عاجزي جو ڪو اثر نه ٿيو، هُو صوفي تان سيٽجي اٿي بيٺو، ”مون کي موت جا ڊپ نه ڏيو پليز. زندگي موت خدا جي وس ۾ آهي پاپا. اوهان پئسا ڏيو ٿا يا نه؟“

پيءُ جون اکيون پرجي آيون، لاچار لهجي ۾ پُٽ کي چيائين، ”زندگي موت ته بيشڪ الله جي وس ۾ آهي پُٽ پر احتياط ته انسان جي وس ۾ به آهي نه! ڄاڻي واڻي ڇو پيلا موت سان کيڏجي پُٽ؟“ رئيس پنهنجي پُٽ کي اڃا به وڌيڪ پيار ۽ ٻاجهه منجهان چوڻ لڳو، ”ڏس پُٽ، هينئر تنهنجي پڙهائي جو وقت آهي، پڙهائي سان دل لڳاءِ پُٽ، اهي اجايا شوق ڇڏي ڏي.“

رئيس جو پيار ۽ ٻاجهه جو ردِ عمل ننڍي رئيس جي ڇهري تي ائين اثر انداز ٿيو، جيئن ڦٽن تي لوڻ! ننڍي رئيس جو منهن ڪاوڙ منجهان ڳاڙهو ٿي ويو، ”Its ok papa“ ۽ ننڍو رئيس اوطاق منجهان ٽڪڙو ٽڪڙو ٻاهر نڪرڻ لڳو.

وڏو رئيس پُٺيان پُٽ کي سڏيندو رهيو پر پُٽ پُٺتي مُڙي به نه ڏٺس.

جمن ڪڏهوڪو چانهه پي چُپ ٿيو ويٺو هو ۽ اهو سمورو منظر عجب منجهان ڏسندو رهيو هو. ننديو رئيس ڪاوڙجي اوطاق منجهان ٻاهر نڪري ويو ۽ پُنيان وڏو رئيس اڪيلو اداس هٿ مليندو رهجي ويو. رئيس جي حالت اهڙي هئي جو جمن کي ائين لڳو، ڄڻ رئيس کان ڪراچي وڃڻ ئي وسري ويو هو. ڪجهه لمحن جي خاموشي کان پوءِ پنهنجي جاءِ تان اٿندي رئيس کي ياد ڏياريندي وراڻيائين، "سائين وڏا، اوهان کي دير ٿي رهي هئي، ڪراچي هلڻو هو اوهان کي؟" جمن جڏهن رئيس جي چهري تي اداسائي جا آثار ڏٺا ته ڏاڍي همدردي وچان وراڻيائين، "اوهان پريشان نه ٿيو. هينئر پنهنجي ڪم سان نڪتا آهيو ته هلو پنهنجو ڪم ڪريو، پوءِ رات جو واپس اچي آرام سان سمجهائي ڇڏجوس. اهو ته ڪو وڏو مسئلو ناهي رئيس."

رئيس جمن جي ڳالهه ٻُڌي ته هئي پر ڪو جواب نه ڏنو. رئيس سوچي رهيو هو ته گهر واپس وڃي پُٽ کي پيار منجهان سمجهايان، پر وري ڪيس خيال ٿي آيو ته ڪيس پهرين ٻه گهڻي دير ٿي چڪي آهي سو واپس ويندس ته وري نه سگهندس. ڪيس پُٽ جي ضد جي خبر هئي. خير ڪي گهڙيون هڪ وڪ اڳتي ٻي پُٺتي ڪري ڪري نيٺ جڏهن جمن ٻيهر پنهنجي ڳالهه ورجائيندي چيس، "سائين اهو ته ڪو مسئلو ئي ناهي. بس ائين ئي الائي ڪيئن خيال اچي ويو آهي ننڍي رئيس کي، اوهان آرام سان واپس اچي سمجهائي ڇڏجوس، منهنجي ته خيال ۾ وڏو سارو آهي، سو ڪاوڙ لهندس ته پاڻ ئي سمجهي ويندو اوهان جي اچڻ کان اڳ ئي."

جمن جي ڳالهه ڪي وزن ڏيندي رئيس گهر وڃڻ بدران ڪراچي لاءِ روانو ٿيو. "اچ ڀلا جمن، هلون."

رئيس گاڏي ۾ چڙهيو پر سندس منهن هيٺ لٽل ئي رهيو. گاڏي ڪراچي لاءِ رواني ٿي. ڪجهه سفر تائين نه رئيس ڳالهايو نه جمن. پر پوءِ جمن رئيس کي آٿتون ۽ دلجوئيون ڏيڻ لڳو ۽ پوءِ اهڙي طرح آهستي آهستي اهي زماني جي ڳالهين ۾ گُم ٿي ويا.

*

رئيس جو موڊ اجا معمول تي آيو ئي مس جو رئيس کي هڪ اهڙي ڪال آئي، جيڪا اٽينڊ ڪندي ئي سندس اکين آڏو اوندهه ڇائنجي وئي.

ڪراچي ويندڙ گاڏي چيچراٽ ڪري هڪ لمحي روڊ تي رڪجي وئي ۽ ٻئي لمحي واپس مُڙي ۽ تمام تيز رفتاري سان ڳوٺ ڏي ڊوڙڻ لڳي. رئيس جي گاڏي واءُ مينهن ٿي ڳوٺ پهتي. رئيس جي اوطاق ۾ ماڻهن جو انبوهه لڳو پيو هو.

"الا، هي ته ظلم ٿي ويو. قهر ٿي ويو."

"رئيس جو اڪيلو جوان پُٽ."

"الا، سڪيلڌو.. دادلو."

"بس حياتي جو ڪوئي ڀروسو ناهي ادا."

"اهو ته آهي پر ادا سائي وڻ جو ته ٿار ئي نه ڀڃي شل."

"موت ته برحق آهي پر اهڙي موت کان الله پناهه ڏئي توبه... اي منهنجا مالڪ منهنجي توبه."

"بس ادا روڊ ته آهي ئي موت جو منهن."

"ڇا ويچارو يونيورسٽي پئي ويو ۽ ڇا ٿي ويو ڏسو."

"بس ادا بندي جي من ۾ هڪڙي مالڪ جي من ۾ ٻي."

ڪنهن آهستگي سان پنهنجي ڪنهن همراز کي چيو، "اهو به آهي پر رئيس جو پُٽ گاڏي هلائيندو ئي تيز هو ڏاڍي."

"بس الله شل پناهه ڏئي."

*

گاڏي تان لهندي رئيس ڪهرام متل ماڻهن جي انبوهه ۾ گُم ٿي ويو ۽ جمن انبوهه منجهان مُشڪل سان رستو وٺندي ٻاهر ٿي نڪتو.

ماڻهن جي انبوهه مان ٻاهر نڪري جمن تڪڙو تڪڙو بازار ويو ۽ يڪدم هڪڙو نئون جيڪيٽ وٺي انهن ئي پيرن تي گهر ڏي روانو ٿيو.

جمن جي نڙي خشڪ ٿي وئي. هُو سهڪندو سهڪندو گهر ۾ داخل ٿيو ۽ رڙ ڪري پنهنجي زال کان پڇيائين، "دلدار ڪٿي آهي رحيمان؟"

"ڇو خير ته آهي؟" زالهنس ڪيس اچرج وچان ڏسندي چيو، "الائجي، اندر هوندو."

جمن تڙڪندي تڙڪندي اندر داخل ٿيو. ڏٺائين ته سندس پُٽ ننڊ پيو هو، پر سندس چهري تي اداسي جا آثار ننڊ به ميٽي نه سگهي هئي.

پنهنجي پُٽ کي صحيح سلامت ڏسي جمن جي ساهه ۾ ساهه پيو، پيءُ پنهنجا خشڪ چپ پُٽ جي اداس پيشاني تي رکيا ۽ کيس اٿاريندي چيائينس، "هي ڏس پُٽ، مون تنهنجي لاءِ بلڪل نئين جيڪيٽ آندي آهي."

haseebkanio@yahoo.com

غزل

سجاد مهر

ڳلن تي پيون جاڳي، ڪي ڳوڙهن جون ڳالهيون
ويو وقت ڇيڙي، وڇوڙن جون ڳالهيون

هو ڪوٽن جا ڪيچي، هي راهي رڻن جا
ڪي گهوٽن جون ڳالهيون، ڪي گهوڙن جون ڳالهيون

پلي عشق جي تون، وضاحت ڪري ڏس
ٻُڌي جڳ نه سگهندو، ٿي جوڙن جون ڳالهيون

ها کهڙي هونءَ ڪم جون، اوهان ڇو ٻڌو ها
هي گونگن جون ڳالهيون، هو ٻوڙن جون ڳالهيون

اهو ڀي نه سوچي اچارڻ کان اڳ ۾
ڀلا ڪير ٻڌندو آ، پوڙهن جون ڳالهيون

لتاڙي ڇڏڻ جون، لنگهي ڀي وڃڻ جون
ڪي رستن جون ڳالهيون، ڪي لوڙهن جون ڳالهيون

صدين کان پُٺي جي پڌر تي ٿيون جاڳن
ڪي ڦٽڪن جون ڳالهيون، ڪي ڪوڙن جون ڳالهيون.

رضا بخاري

خاڪ منهنجي هوا اُڏائي ٿي
تشنگيءَ جي ڪٿا اُڏائي ٿي
سوچ ۾ وئي ٻُڏي ندي نيري
'شام ڪنهن جي حنا اُڏائي ٿي'
ڪين ڪٿ پل گهڙي ٽِڪي ٿي دل
ڏوڙ ڊڳ جي سدا اُڏائي ٿي
چنڊُ اُڀ جي اکين ۾ آ قيدي
رات پنهنجي ردا اُڏائي ٿي
منهنجي پَرڙن ۾ سگهه ڪٿي آهي
هي ته تنهنجي دُعا اُڏائي ٿي

**

ريشمي ٿانُ آهي ڪُليو
تو طرف ڏيانُ آهي ڪُليو
رنگَ ۽ واسَ وڪرڻ لڳا
جسم گُلدانُ آهي ڪُليو
ڪيترا روپَ ظاهر ٿيا
هڪڙو انسانُ آهي ڪُليو
خوف کان نيڻَ ٻُوٽيا ڊَرين
ڇا ڪو طوفانُ آهي ڪُليو
هڪُ بيابانُ جهاڳي پُڳس
ٻيو بيابانُ آهي ڪُليو

**

اُسَ تتل جاگير آهي ڇانوَ جي
هي عجب تقدير آهي ڇانوَ جي
خوابَ ۾ مون جهنگُ گهاٽو هو ڏٺو
پر ڪٿي تعبير آهي ڇانوَ جي
ڪاغذن کي باهه ڇا لئه وئي لڳي
مون لکي تحرير آهي ڇانوَ جي
تنهن مُصور خود نه ماڻي ڇانوَ ڪٿ
جنهن چِٽي تصوير آهي ڇانوَ جي

**

ڀويون پَل آ ۽ مان آهيان
هاءِ اجل آ ۽ مان آهيان
ڳوڙهو آهيان بس هڪُ ڳوڙهو
پياسو ڳل آ ۽ مان آهيان
سمندُ ڀري ٿو سُڏڪا مون ۾
ڇُپ ساحل آ ۽ مان آهيان
نيزي نيزي خواب اُڀو آ
ڪو مقتل آ ۽ مان آهيان
ٽيپو ٽيپو دردُ ڀيئان ٿو
دل جو جَل آ ۽ مان آهيان. ■

بالي...

راڄن مگريو

گرمين جا ڏينهن. سج جي اولهہ ۾ ٽبي. هر ماڻهو پگهر ۾ شل. اسٽاپ تي رش. اوچتو آيل وين ڏي ماڻهن جي ڊوڙ. ٻہ اڏروٽ شڪارٽيون بہ پوئين سيٽ تي چڙهڻ ۾ ڪامياب. وين جو اسٽاپ تان روانو ٿيڻ.

”اڄ تہ چار مانيون ڪائينديس ۽ پنجين پيٽ سان بہ ٻڌنديس.“

بالي جي ماءُ بک جي انتها کي محسوس ڪندي رڙ ڪئي.

”چو مئي ٻڌندينءَ وري ڇا لاءِ؟“ ٻيءَ حيرت مان ڇيس.

”نياڻي بک ئي اهڙي لڳي آهي.“ باليءَ جي ماءُ ڇيس.

ٻيءَ ٺهڪ ڏيندي ٽوڪ مان ڇيو، ”چو اڄ وات کان ڪجهہ ڪونہ ڪاڌئي ڇا؟“ ٽوڪ تي سموري وين ۾ ويٺل ماڻهن جو ٻنهي ڏانهن ڌيان ڪڇي ويو.

”نہ ڪٽي؟ اڄ وات چورڻ جو تہ وقت ئي ڪونہ مليو. پر کهڙو فائدو ادي، توکي تہ خبر آهي مئي نياڻي جي. اصل بانٺو جهليو. رستي ۾ اڪيون وجهيو ويٺو هوندو تہ ڪڏهن ٿي ڪمائي اچان.“ باليءَ جي ماءُ اندر ۾ سانديل مڙس جي ڏک کي اوڳاڇيو.

”پر ادي هڪڙي ڳالهہ آهي. هاڻ تنهنجي ڏکر جا ڏينهن پورا ٿيڻ وارا آهن. ڇوري تو واري تہ هاڻ سفا پيڙ ٿي وئي آهي، پيڙ.“ مائيءَ جڻ ڳالهہ جو رخ موڙي ڇڏيو.

بالي جي ماءَ کان دانهن نڪري وئي، ”ائي، ڇڱو ياد ڏياريو اٿئي، هن نياڻيءَ لاءِ چوڙا وٺڻا هئا. پر مون کي تہ اڄ ماني ڪائڻ جو بہ وخت ڪونہ مليو، تہ پوءِ چوڙا ڪيئن وٺان هان. هاڻ تہ مئي منهنجا ڄنڊا ئي پٽي ڇڏيندي“. باليءَ جي ماءُ جا ٻئي هٿ مٿي تي.

وين مختلف اسٽاپن تي ماڻهو لاهيندي چاڙهيندي هلندي رهي.

”اي ڊيور، اسان کي لاهجان. مٿان اونداهہ جو فائدو وٺين. ۽ وچي ڪنهن ٻي ماڳ تي ڪڍين؟“

”توهان کي ٻي هنڌ وٺي وڃي ڇا ڪندس؟“ ڊرائيور شيشي مان پوئين سيٽ تي اک وجهندي ڇيو.

”خبر نہ آهي مٿان ڪا ڪسر، ڪا ڪمي رهجي وئي هجئي تہ پوءِ پلي ڪٽي هل“. بالي جي ماءَ جو ڊرائيور تي، ڇرچي سان وار. وين ۾ ٺهڪڙو. ڊرائيور خاموش ۽ ٻي پل هنن جي اسٽاپ تي وين جي بريڪ.

ماين جو هيٺ لهڻ. روڊ کان ٻي پر واٽر کان ٿوري پند تي انهن جا قديم قبرستان جي پرسان ڇپراوان گهر.

بالي جي ماءَ جو پنهنجي اڱڻ تي پهريون پير.

مڙس جي دانهن،

”پاڻ تہ هوٽلن، ماندين، ريڙهين ۽ دوڪانن تان ڇريو پيٽ پريو، ٽاڏيون ڏيو پئي گهمين. آڏي ڪريو پوءِ موٿين. اسان آهيون سو هتي پيا بک مرون؟“

بالي جي ماءَ جو اندر ٺسڪڻ لڳو. مڙس تي الري کهاڙي جيئان وري پئي،

’لانت‘ هجئي ان دانگي جهڙي منهن تي، باليءَ جا پيءُ. اڙي بک تہ آئون مري وئي آهيان. سڄو ڏينهن ڪتن ساهہ ئي پٽڻ نہ ڏنو. پڙيءَ جو ڏينهن تہ ڄڻ قيامت جو ڏينهن هوندو آهي. مئن سيني جون مايون الائي مري ويون آهن الائي ڇا؟ رب جو تہ نالو ٻڌڻ لاءِ ڪو تيار ئي ڪونہ. هر ڪنهن جا دوڏا ڄڻ تہ نراڙ تي هوندا آهن.“

”ها سائين، آهين بہ مور جو.“ مڙس ٽوڪ جو پالو هنيو.

پر پوءِ بہ رڙهي اچي مڙس جي سامهون واري کٽ تي ويٺي.

”امان، او امان! منهنجون چوڙيون آنديئي؟“ بالي ڇپر مان نڪرندي رڙ ڪري ماءُ کان پڇيو.

”ماءُ صدقي. ڏيءَ، راڄڻ شاهہ جو قسم وسري ويون. گاڏيءَ ۾ ياد آيون، تہ دانهن ڪري صدوريءَ کي ٻڌايم تہ چوڙا وسري ويا. هاڻ ڄنڊا پٽي ڇڏيندي. اڇي هي وٺ ماني ٿانون ۾ وجهي اچ تہ گڏجي ڪائون. هچي ڏيءَ، شابس ٻچي ڪي.“ ان کان پهرين جو بالي ڪجهہ ڳالهائي پڙس جي وري رانپاڙ. ”ڇوري، چوڙن کي وري ڇا ڪنديئن؟ اسان هتي پيٽ ۾ پورا آهيون ۽ توکي هار سينگارن مان واندڪائي نہ ٿي ملي؟ اي ڪٿي ڪو ٿاڀو تہ ڪونہ ڪاڏو اٿئي؟“

”بابا، سچي آهيان ٿاڀو ڪائينديس. نہ ڪو تو وانگي سڄو ڏينهن سلفي تي پئي آهيان جو وڃي منهن پر ڪرنديس. آئون تہ بالي آهيان بالي. بس مون کي تہ ڳولها آهي پنهنجي ور جي. ۽ جڏهن اهو مون کي ملي ويندو تہ پوءِ ڏسجان توهان جي هن ڪتي جي ڏر جهڙي گهر کي ٽڪ هٽي هلي وينديس. ڏور گهٽو ڏور ايترو ڏور جو توهان کي منهنجي ڏپ بہ ڪونہ ايندي.“

”ڇوري، ڊرامو ڇا ڏنو اٿئي، مٿو ئي ڦري ويو اٿئي؟“ ماڻس وار ڪيو.

”امان، منهنجو ڊرامي مٿو ڪونہ ڦيرايو آهي. پر آئون هن چرسي جي رت مان ئي ڪونہ آهيان. منهنجي جسم ۾ تہ ڪنهن جوڌي جو رت پيو وهي. جوڌي جو. ڏسجان تون هڪ ڏينهن ڏسجان، ڏسجان امان. هڪ ڏينهن منهنجو هي رنگ روپ، سونهن، جواني هي سڀ، ضرور رنگ لائيندا ۽ آئون ڪنهن نہ ڪنهن شهزادي...“ بالي اڃان جملو پورو ئي نہ ڪيو هو تہ پڙس رنپ ڪري اٿيو.

”ڪميڻي، ڪتي، ڇا ٿي چوين.“ وارن ۾ هٿ، موچڙن جي وارو وار.

”اڙي، اڙي ڇڏ، اڙي ڇڏ ڇوريءَ کي. ذليل ڪتا، اڙي لعنتي. ٺيڪ تہ چوي ٿي، هي ڪا تنهنجي گندي تخم مان آهي ڇا؟ منهنجي شهزادي... ڇڏ، ڇڏ. آئون چوانءِ ٿي ڇوريءَ کي ڇڏ.“ نڪاءَ ڏنڊو مڙس جي مٿي ۾. مڙس ڍيري... سمورو پاڙو باليءَ جي گهر.

اڙي ڇا ٿيو؟ ڇا ٿيو؟“ جيترا وات اوتريون ڳالهيون. زال جي گگ ڳڙندڙ، مڙس جون پٽ تي رڙيون. ڪجهہ ڏک... ڪجهہ مڪر. باليءَ جا سڏڪا. اڌ ڪلاڪ ريڙهہ پيڙهہ، پوءَ ساڳئي ماٺار. ماني حرام، ٿنهي جي.

*

مڙس کٽ تي ستل. زال زور ڏيندي، ”تون بہ ڪجهہ خيال تہ ڪر ڇوريءَ جو. هوءَ ڏاڍي ڏنگي اٿئي مئا. ۽ ها رڳو ٻاهر نڪتي نہ تہ ڪنيجي ويندئي. اصل هٽ بہ ڪونہ ايندئي. پيار ڏيس، ٺڏو ڳالهائيس. ان ۾ تنهنجي بہ ڇڱائي آهي تہ منهنجي بہ.“ زال ڄڻ هن کي ايندڙ خطرن کان آگاهہ ڪندي ڇيو.

”پر ماني تہ ڪٽي اڄ تہ ڪائون ۽ باليءَ کي بہ کاراءِ.“

”ڏوڙ آ تنهنجي منهن ۾. ماني حرام ڪري، هاڻ تو چوين تہ ماني ڪائون.“

”ڇڱو هاڻ وقت نہ وڃاءِ. ماني ڪٽي اچ ۽ ڇوري کي بہ ريجهائي کاراءِ.“

باليءَ جي ماءُ اٿي ماني الڳ ڪري بالي ڏي ڪٽي وئي، بالي جي کٽ جي مٿان بيهي سڏ ڪرڻ لڳي.

”امان بالي، او بالي، اٿ پٽڙا ماني کاءُ. ڏاهي ٿي ڏيءُ. ڇڏ ڪميٽي، تنهنجي پيءُ جي ڳالهين کي. هو تہ آهي ئي اهڙو.“ ماءُ جي لفظن ۾ ممتا بہ هئي تہ مڪاري بہ.

”ڪونہ ٿي کاوان ماني. ڪٽي وڃ هتان. اڄ ڏينهن کان پوءِ توهان جي ماني کائڻ مون لاءِ حرام آهي. آئون رڳو تنهنجي ڪري اڃان هتي ويٺي آهيان. نہ تہ ڪڏهو ڪو هلي وڃان هان.“

”پوءِ آئون تنهنجي ماءُ ئي تہ توکي چوان پئي نہ ڏيءَ، اٿ ماني کاءُ.“

”رکي ڇڏ هتي.“ بالي وراڻيس، ”پوءِ پاڻئي اٿي ٿي کاوان.“ ماڻس ماني سندس پر ۾ رکي هلي وئي. ٻيءَ کٽ تي زال، مڙس ويهي ماني کائڻ لڳا.

بالي ٿوري دير کان پوءِ اٿي. دلي مان پاٽي پري، گرڙي ڪري هٿ ڌوئي بہ ڊُڪ پاٽيءَ جا پي، اچي کٽ تي ويٺي. سندس ماءُ ۽ پيءُ دل ئي دل ۾ خوش ٿيڻ لڳا تہ هاڻ هو ناراضگي ڇڏي ماني کائڻ لڳي آهي.

بالي مانيءَ جا بہ گرهہ هنيا. ان کان پوءِ ويهي جهونگارڻ لڳي، ”تنهنجي حسن جي بند ڪمند وڏا... زندان هزارين مان نہ رڳو...“

*

صبح جو سج اڀريو، وڏيري علي ڏني جي گاڏي اچي گهرن جي وچ تي بيٺي. هر سال فصل لهڻ کان پوءِ وڏيرو صرف ان نيت سان اچي سندن گهر جي وچ تي گاڏي بيهاري سو، سو، ٻہ ٻہ سو روپيہ ننڍين وڏن ۾ ورهائيندو هو تہ جيئن سندس رعب تاب بہ قائم رهي تہ ننڍين وڏين کي اک مان بہ ڪڍي وٺي.

وڏيري جي چوڌاري هجوم هو. ۽ هو پئسہ ورهائي رهيو هو. باليءَ جا ماءُ پيءُ بہ اتي موجود هئا پر بالي نہ هئي.

”هر ڪنهن کي خرچي ملي وئي نہ. ڪو رهيو تہ ڪونہ؟“ وڏيري وڏي دٻدٻي سان ڇيو.

“وڏيرا سائين.” باليءَ جي پيءُ ٻوڪٽ ڪيو. باليءَ جي ماءُ، مڙس جي وات تي هٿ رکي خاموش ڪري ڇڏيو. وڏيري کي باليءَ جي باري ۾ ٻڌائڻ پئي چاهيو. پر وڏيري به ڳالھ کي سمجھڻ ۾ دير نہ ڪئي ۽ باليءَ جي پيءُ کي چيائين، “ها، ها ٻڌاءِ. ڇا ٿي ڇيئي. آخر اهڙي ڪهڙي ڳالھ آهي، جيڪا ٻڌائڻ کان جو ٺهين تو کي جهلي رهي آهي؟”

“وڏيرا سائين، هنن جي چوري خرچي وٺڻ لاءِ ڪونہ آئي آهي!!” باليءَ جي مامي ڳالھ کي ڪوليندي دير ئي نہ ڪئي ڇو تہ هو باليءَ جي پيءُ سان گڏ نشو ڪندڙ هو ۽ ٻئي ڳوٺ بہ گڏ پنندا هئا.

“اڙي ڇو ڪونہ آئي آهي ڇوري؟” وڏيري حيرت ۾ ڪاوڙ مان چيو.

“سائين، هنن جي نيت ۾ کوٽ آهي. هي ٻئي ڇوريءَ کي توهان کان پيا لڪائين.”

“لڪائين پيا. پر ڇو؟ آئون ڪو ڇوري ڳيهي ويندس ڇا؟” وڏيرو گاڏي کان هيٺ لهي آيو.

“وڏيرا سائين، ڇوري تہ آهي ئي لڪائڻ جهڙي.” باليءَ جي مامي جڻ وڏيري کي هشي ڏني. وڏيري جو هانءُ ڦاٽڻ لڳو. ايئن پيو لڳيس تہ جيڪڏهن ڇوري نہ ڏنائين تہ مري پوندو.

“ڇا مطلب، لڪائڻ جهڙي ڇو آهي؟”

“وڏيرا، ڇوري بہ ڇوري آهي. ڏسندين تہ خبر پئجي ويندئي. جڻ باھ جو پيڙ آهي پيڙ...” باليءَ جي مامي کي بہ خبر هئي تہ اگر بالي وڏيري کي وٽي وئي تہ بہ ٿي سو ڪيس بہ انعام طور ملي ويندا.

“نہ وڏيرا سائين، اهڙي ڪا بہ ڳالھ ڪونہ آهي. هن ’جاڙي‘ جي تہ عادت آهي پيو ڪتي وانگي ڀؤڪند. نہ ڏسي مهل نہ گهڙي. اصل ۾ ڇوريءَ کي رات کان بخار چڙهيو آهي ۽ لهڻ جو نالو ئي ڪونہ ٿو وٺي.” باليءَ جي ماءَ وڏيري کي مطمعن ڪرڻ جي آخري ڪوشش ڪندي چيو. پر وڏيرو بہ زمانو پيليو وينو هو سو. سموري ڳالھ پروڙي ويو.

“اڙي، تہ پوءِ ان ۾ پريشاني جي ڪهڙي ڳالھ آهي. هي گاڏي ڇا جي لاءِ آهي، وٺي اچوس تہ هلون ٿا شهر. ڪيس ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ.” وڏيري چالاڪي سان ڳالهايو.

وڏيري مڇن کي تاءُ ڏنو ۽ پوئتي هٽي گاڏي جي شيشي ۾ پنهنجو منهن ڏٺائين ۽ ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيرڻ کان پوءِ، ٽوپيءَ کي ٺاهي، هٿ ۾ جهليل سو سو جي نوٽن مان باقي بچيل نوٽ پنهنجي اڳئين کيسي ۾ ائين رکيائين جيئن اهي اڌ کيسي کان ٻاهر نظر اچن. ۽ جاڙي کي سڏ ڪري باليءَ جي ڇپر ڏانهن روانو ٿيو.

بالي جيڪا ڇپر ۾ اندر ويٺي هئي اهو سڀ ڪجھ ڏسي رهي هئي، تنهن جڏهن وڏيري کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺو تہ پريشانيءَ مان گهر اندر لڪڻ جون جايون ڳولڻ لڳي. اڳيان وڏيرو پويان پوري ڳوٺ جا ماڻهو. مايون، مرد، ٻار سڀ ڏوڪيندا پئي آيا. باليءَ کي گهر ۾ لڪڻ جي ڪا بہ جاءِ نظر نہ آئي تڏهن وڏيري کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجي پاڻ ۾ همت پيدا ڪيائين،

“اچي ٿو تہ پلي اچي، آئون ڪو وڏيري کان ڊڄان ٿي ڇا. ڇا ڪندو؟ منهنجو ساهہ ڪو سندس هٿ ۾ آهي ڇا؟” بالي ڇپر مان ٻاهر نڪري آئي.

باليءَ جي ماءُ وڏي اچي وڏيري کي روڪڻ لڳي ۽ ڪيس باليءَ ڏي نہ وڃڻ لاءِ منٿون ڪرڻ لڳي.

“وڏيرا، خدا جو واسطو اٿئي، ڇوريءَ ڏي نہ وڃ. آئون هي پوتي ميڙ تي ڏيائين وڏيرا تون هو ڏانهن نہ وڃ. هو ڇوري ڏنگي آهي. وڏيرا تو کي خدا جو واسطو آهي اتي بيهي رھ. آئون ان کي پاڻ سمجهائي تو ڏي وٺي ٿي اچان.”

وڏيري پوڙهيءَ جي هڪ بہ نہ ٻڌي. ٻي لمحي ۾ وڏيرو باليءَ جي سامهون اچي بيٺو. ائين لڳي رهيو هو جڻ ڪو فلم جو سين پيو رڪارڊ ٿئي. سڀ ماڻهو وڏي چاھ سان منظر ڏسڻ لڳا. اڄ هڪ جهرڪي ۽ باز جو پاڻ ۾ ٽڪراءُ ٿيڻ وارو هو. وڏيري کي ڇوري جو اکيون ڏاڍيون خراب لڳيون. هو موقعي جي نزاڪت کي سمجهي ويو. پر سندس انا هار مڃڻ لاءِ بلڪل تيار نہ هئي. ڇوريءَ کي مات ڏيڻ بنا واپس ورڻ هن پنهنجي بيعزتي پئي سمجهي.

“ڇو بالي، اسان کان ڪاوڙيل آهين ڇا؟ ” وڏيري باليءَ سان انتهائي نرميءَ سان ڳالهايو.

“نہ وڏيرا، اسان جو توسان ڪو اهڙو رشتو ئي نہ آهي جو ڪاوڙ تائين پهتا هجون.”

باليءَ ڏاڍو وزندار جواب ڏئي وڏيري کي جڻ لاجواب ڪري ڇڏيو پر ٿورو ٿيڙ ڪائي وري سنڀالي ويو، “بالي رشتو ناهي تہ خير آهي پر رشتو جوڙي بہ سگهجي ٿو.”

“نہ وڏيرا، اسان جهڙن جي زندگي ۾ رشتن ناتن جو ڪو بہ واسطو ناهي هوندو. ڏس، هي ڏس.هي سڀ ماڻهو جيڪي منهنجا مائٽ آهن، عزيز آهن. پر هن وقت توسان گڏ بيٺا آهن ۽ آئون اڪيلي بيٺي آهيان. اسان ماڻهن جي سڃاڻ رشتن سان نہ حادثن سان هوندي آهي ۽ انهن حادثن جو بنياد اسان جي زندگيءَ جي شروعات ٿيڻ کان پهرين ئي پئجي چڪو هوندو آهي. منهنجي ماءُ سان ٿيل ڪنهن حادثي جي نتيجي ۾ آئون سندس پيٽ ۾ آيس ۽ نو مهينن کان پوءِ منهنجو صحيح سلامت پيدا ٿيڻ بہ ڪنهن وڏي حادثي کان گهٽ ناهي. ان کان وڏو حادثو اهو آهي جو آئون اڃان تائين ڪنهن حادثي جو شڪار ٿيڻ کان سواءِ اڃان تائين هتي موجود آهيان.”

ڇوڪريءَ جون ڳالهيون وڏيري جي اندر ۾ جڻ گهاءُ ڪرڻ لڳيون. ان کان پهرين جو هو ڪجھ ڳالهائي بالي وري ڳالهائڻ شروع ڪيو.

“وڏيرا، مون کي خبر آهي تہ تنهنجي شيطاني دماغ ۾ هن وقت بہ ڪنهن نہ ڪنهن حادثي ڪرڻ جو پلان گردش ڪري رهيو هوندو. پر آئون تو کي ٻڌائي ٿي ڇڏيان تہ اها تنهنجي ڀل آهي- زمانو گهڻو بدلجي ويو آهي. هاڻ هتي ڪو بہ وڏو حادثو برداشت نہ ڪيو ويندو.”

وڏيرو ڇوڪريءَ جي ڳالهين ۾ سندس ارادن کي پرکي ويو. ۽ چپ چاپ پويان پير ڪيا.

*

“...نياڳي تو تہ اسان لاءِ جڻ ٻارڻ ٻاري ڇڏيو. وڏيرو اسان کي هاڻ سک سان رهڻ ڪونہ ڏيندو. تون سمجهين ٿي هو اسان لاءِ ڪهڙي قيامت ڪڙي ڪري ڇڏيندو؟” پر باليءَ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري وڃي اندر ٿي وي ڪولي ويهي رهي. ٻاهر ماڻهو ايندڙ طوفان جي باري ۾ ڳالهيون ڪري پريشان ٿيندا رهيا پر باليءَ کي ڪا پرواھ نہ هئي.

وڃين واري آذان کان پوءِ جڏهن هر ڪو پنهنجي پنهنجي ڪم سانگي ويل هو ۽ اڃان واپس نہ وريو هو. باليءَ جي ماءُ بہ اڃان نہ موٽي هئي. تڏهن باليءَ وارن جي گهر جي پر سان مقام ڏانهن ويندڙ رستي سان ان نوجوان جو لاش پئي آيو جنهن جو نالو ديدار علي هو ۽ هو بہ ڏينهن اڳ ۾ ئي آمريڪا مان پنهنجي پڙهائي پوري ڪري واپس پهتو هو ۽ صبح کان سندس طبيعت خراب ٿي پئي هئي ۽ ٻنپهرن جو هو مري ويو. سندس جنازي ۾ تمام گهڻا ڪانڌي هئا. رڳو گاڏيون ئي گاڏيون هيون. ٽريڪٽر ٽراليءَ تان مين روڊ کان جڏهن سندس ڪٽ کي ڪلهو ڏئي مقام ڏانهن پئي آندو ويو ۽ جڏهن هو اچي باليءَ جي گهر پويان گذرڻ لڳا تڏهن باليءَ کي خبر ناهي تہ ڇا ٿيو جو وٺي لاش ڏانهن رڙيون ڪري ڊوڙ پاتي. پڇندي سندس پوتي مٿي تان لهي وئي. جوتا پيرن مان نڪري ويا. وار وکري هوا ۾ اڏرڻ لڳس. پر هوءَ رڙيون ڪندي لاش ڏانهن ڊوڙندي وئي. پري کان تہ ڪنهن کي ڪا بہ خبر نہ پئي تہ بالي ڇا پئي چوي پر جڏهن ڪانڌين جي ويجهو آئي تہ سيني کي ڳالھ سمجھ ۾ آئي تہ هو ڇا پئي چوندي اچي؟ بالي چوندي پئي آئي، “اڙي ڪيڏانهن پيا کنيو وڃو منهنجي روح کي؟ هن کي اوڏانهن نہ ڪٽي وڃو. هي مئل ناهي. پر هي جيئرو آهي. خدا کي مڃو هن کي قبر ۾ نہ پورجو. رکو هن کي، هتي رکو. آئون ٿي هن کي جاڳايان. هن کي ننڊ آهي. هي ستو پيو آهي. اڙي جاڳايو هن کي!!” هوءَ ڊوڙندي اچي ڪٽ کي چمبڙي. سڀ ڪانڌي حيران ۽ پريشان ٿي ويا تہ آخر هي سڀ ڇا ٿي رهيو آهي. پر باليءَ جي اندر ۾ يقين جو سمنڊ اٿلي پيو هو. ۽ هوءَ ڪٽ کي چنبڙي پئي. باليءَ جي رڙين ۽ دانهن جو ٻين ڪانڌين تي تہ ڪو اثر نہ ٿيو. پر سندس پاءُ جي دل جهبو کائي وئي ۽ هن ڪٽ پٽ تي رکرائي ڇڏي.

“هن جو منهن کوليو مهرباني ڪريو هن جو منهن کوليو؟” بالي سڏڪن هاٺي لهجي ۾ چيو.

ديدار علي جي پاءُ ڏڪندڙ هٿن سان پاءُ جو منهن کوليو. سڀ ماڻهو لاش کي ڦري آيا. بالي سڏڪندي سڏڪندي لاش سان ڳالهايو، “ديدار اٿ. ديدار علي، اٿ. اٿي، اٿي... هنن سيني کي ٻڌاءَ تہ تون مئو ناهين. پر تون جيئرو آهين. اٿ منهنجا سائين اٿ.” باليءَ جا ٻئي هٿ لاش جي ڇهري ڏانهن وڌيا. هن ديدار علي جي ڇهري کي پنهنجي هٿن ۾ آٽي ٿورو جهڪي ڪيس سڏڻ لڳي. سندس ٻنهي اکين مان لڙڪ ڪريا جيڪي وڃي ديدار جي ڇهري تي پيا. ۽ هو ٽپ ڏئي اٿي ويهي رهيو. باليءَ جو ڇهرو گلاب جيان ٽڙي پيو. ڪانڌي هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏيڻ لڳا. ڪنهن وڏي ديدار علي کي پنهنجي چادر اوڍائي ۽ بالي ماڻهن ۾ ڏڪجي پوئتي رهجي وئي. هو سڀ ديدار کي ڪار ۾ ويهاري گهر ڏانهن روانا ٿي ويا. بالي جو مهڪندڙ گلاب جهڙو ڇهرو لڙڪن ۾ ٻڏي ويو. ۽ هوءَ پٽ تي ويهي رهي.

ديدار علي جي گهر وارن جي سڄي رات خوشيون ڪندي گذري وئي، صبح جو سج جيئن اڀريو، تيئن ديدار علي سڌو پنهنجي ماءَ جي پيرن ۾ اچي ڪريو، چيائين، “امان، مون کي اجازت ڏي تہ ان ڇوڪريءَ ڏي وڃان. امان، آئون ڪيس هتي پاڻ وٽ وٺي اچڻ ٿو

چاهيان. امان اها ڇوڪري جنهن مون کي خواب مان جاڳايو. امان هوءَ نه اچي هان ته آئون قبر ۾ دفن ٿي وڃان هان. امان اجازت ڏي مون کي آئون هاڻ وڃين ڪيس وٺي ٿو اچان.“

”پر پٽ، هوءَ ته ڪي سنا ماڻهو نه آهن. هو هڪڙا پينو آهن. شڪاري ۽ ڇهڙا آهن. هنن جي زندگي گند سان پريل آهي. پٽ، هن کي تون گهر ۾ ڪيئن رهائيندين؟“

”امان آئون ڪجهه به ٻڌڻ نه ٿو چاهيان ۽ آئون وڃان پيو او ڏانهن.“ هو اٿي روانو ٿيڻ لڳو.

”ابا، تون پلي هن کي وٺي اچ ڪجهه ڏينهن پلي هتي رهي. پر هميشه لاءِ ڪيس هتي رهائڻ مشڪل آهي.“ ماءُ جون هدايتون ٻڌيون اڻ ٻڌيون ڪري ديدار علي نڪري ويو.

ڏهن منٽن جو سفر ڪري هن اچي باليءَ وارن جي گهر وٽ بريڪ هڻين. پر هن کي پنهنجي اکين تي يقين نه آيو. هن گلي ۾ لڳل دوربين سان سموري علائقي جو غور سان معائنو ڪيو. پر هن کي باليءَ وارن جا گهر ڪٿي به نظر نه آيا. هو گهڻوئي آسپاس ڊوڙيو. پنڌ، گاڏيءَ تي، پر هنن کي ڳولهي نه سگهيو.

”هو ڪيڏانهن ويا هوندا؟ بالي ڪيس ڪڏهن ملي به سگهندي يا نه؟“ ديدار اهڙن ڪوڙ سارن سوالن جا جواب ڳوليندي هو واپس پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو. ■

ديوي نانگراڻي

اي قدرت

تون سانجهي سُکن ۽ ڏکن جي
بنا پاوَ بي درد ايڏي تون ٿين ۽ جو
ڪرم جو آ ليکو، قهر ڪال جو يا
اسين آهيون بي وس
مگر تون به ٿين ۽ جو
مهاڪال ايڊو ڪڏهن ڪين آيو
ڪري قهري تانڊو جو جل ٿل وهايو
خوشي تو چا ماڻي، چا آنند ڪو آيُم
مٽيءَ ۾ ملائي تو ماڻهن جي هستي
جو جل ۾ اُنهن کي تو ايئن آ وهايو
مٽيءَ ۾ مليا خواب، ماڻهو ۽ جيون
مٽيءَ جا جي گهر سي مٽيءَ ۾ ملي ويا
جل ديوتا جنهن کي ماڻهن تي پوڄيو
انهيءَ جي ڪرپا سان جيئڻ کان بچي ويا
وهي ويا سي گهر گهاٽ، بستي ۽ ماڻهو
ائين گهر وهيا جڻ ته ٻيڙيءَ ۾ ماڻهو
سفر هو يا هو قافلو جڻ ته وهندڙ
وهي سي رهيا جڻ، اڳيان تن جي منزل
نه ڪو لُڙڪ ڪنهن جي به اک ۾، نه رودن
هُئي هاءِ هڪ، آهُ پيو بس هُيو ڏپُ
نه ڏپُ موت جو هو، هيو زندگيءَ جو
جيئڻ کان اڳي خوف پنهنجي مرڻ جو. ■

سياڻي گڏ آهيون...

محمد دين راڄڙي

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي تازو هيڊ ماستري جو امتحان پاس ڪري ٽري پيس واري هيڊ ماستر نوجوان کي پري کان ايندو ڏسي اُس ۾ اخبار پڙهندڙ هڪ استاد سگريٽ اجهائيندي پڇيو،

”استاد، تاءِ ڪوٽ وارو صاحب پهچي ويو ٿي.“

ٻئي استاد اخبار مان منهن ڪڍي، جواب ڏنو،

”نئون آ، ٻن ٽن ڏينهن تائين جوش رهندو. ڏسون سائين، لکن جي لوڏ ڪيستائين ٿي هلي. جنهن مهل تو موقعو مليس جاڙي شروع. ’استاد قوم جا اڏيندڙ آهن. استاد سماجي سائنسدان آهن. استاد سچا ٿي پون ته انقلاب چند وڪن جي مفاصلي تي!‘“

”رُڳي چٽي استادن تي. بابا سچو نظام ئي اُلٽ پُلٽ لڳو پيو آهي.“ هڪ ٻئي استاد چيو.

”ڪير تو گهٽ ڪري.“ جڏهن ڪان اهو هيڊ ماستر آيو آهي، چورا بدتميزي جو طوفان مچائي ويٺا آهن.

’سائين اوهان جو پيرڊ آ؟‘ ’سائين پڙهايو؟‘ - جڻ پٽهين جا نوڪر هجون. ٽرڙا ٽرڙا چورا اچي گڏ ٿيا آهن. ۽ مٿان هي چڱو مڙس ڪميشن پاس ڪري اچي اسان مٿان نازل ٿيو آهي. ٽري پيس سوٽ پايو سڄو ڏينهن وٺي ٿو اسان خلاف تنقيد ڪندو. ايترو به نٿو سوچي ته هن جي عمر کان اسان جو تجربو ٻيڻ تي آهي. هاڻي ڪير منهن ڏئي. زبردست ضرور آهيون پر ڪو حساب ڪتاب به هوندو آهي. ڪنهن جي اچي وارن کي به ڏسبو آهي. رڳو تاءِ ڪونڙي تي زور.“ هڪ ٻئي ماستر پنهنجو هاڻُ ڪڍي ٽيبل تي رکيو.

*

ٽيچرس روم ۾ هيڊ ماستر موجود هو. ۽ ٻيا ٽيچر هوريان هوريان سلام ورائيندي اچي اسٽاف روم ۾ ويٺا.

”دوستو، جو ڇوڪرا پڙهائي ڏانهن ڌيان نٿا ڏين يا اوهان جي منجهن دلچسپي ناهي؟ ممڪن آهي اُنهن جا وارث به شايد نه چاهيندا هوندا. سچا ڪلاس اڌواڌ تي خالي پيا آهن. ۽ ٻارن ۾ ڪو نظم و ضبط به ڪونهي. سڄو ڏينهن ٽا وٽيو هڪٻئي جا جُنبا پٽيندا.“

”...“

نوجوان هيڊ ماستر ڪلاس روم ۾ داخل ٿيندي ئي گجگوڙ ڪئي، ”ڪلاس آهي يا مڇي مارڪيٽ؟ ڪهڙي استاد جو پيرڊ آهي؟“ ٻارن جو گوڙ چپ ۾ تبديل ٿي ويو.

”سائين، انگريزي ماستر سائين نور احمد جو.“

”وڃو سائين کي سڏي اچو. ۽ هوم ورڪ لاءِ ڪتاب ڪوليو.“

هيڊماستر لڳاتار سيني ڪلاسن کي ڏسي آيو. هڪ ٻن استادن ڪانسواءِ ٻيا سمورا ٽيچر ٽولن جي صورت ۾ اسڪول جي ميدان تي ڪچهرين ۾ رُڌل هئا. ڪي اخبار جو انتظار ڪري رهيا هئا ته جيئن هڪ استاد پڙهي پورو ڪري ته ٻئي کي وارو ملي. استاد اخبار ڏاڍي دلچسپي سان ائين چٽيندا هئا جڻ ٻئي ڏينهن تي ڪانئن اخبار مان انٽرويو ٿيڻ جو انديشو هجي.

*

”غوث ڏنا.“

”جيءُ.“

”سرور پٽيوالي کي ته ڏسو. چانهه ٿو ڪاڙهي، ڪي هڏا چاڙهيا اٿس جو پڇن ئي نٿا؟“ هڪ استاد ڳالهايو.

”ڪير چئي سائين سڄ پٽيوالن کي. سڀئي ڪم چور، سست، ڪاهل، ٽوٽي. اٿي تي چٽي هن سائين. ڪم جا نه ڪار جا دشمن اناج جا.“ ٻئي ماستر جواب ڏنو.

*

”السلام عليڪم سائين؟“

”واعليڪم السلام.“

هيڊ ماستر جئين ئي اسٽاف روم ۾ داخل ٿيو ته ڪي استاد مئل ويساهه سان اٿي بيٺا. ڪنهن هٿ ڏنو ته ڪنهن وري پاڪر پاتو.

هڪ استاد اخبار مان نظر چورائيندي، هٿ جي ٽيڪ ڏيئي ائين اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، جئين ڏانداري سان چپر ڪٽبو آهي.

”سائين، اُٿيو سمجهو.“

”سر ڪلاس خالي پيا هن؟“

استاد هڪ ٻئي ڏي نهارڻ لڳا.

”سائين فضل، اوهان جو انئين ڪلاس ۾ پيرڊ آهي. توهان جو ڏهين ۾. سائين مراد، توهان جو نائين ۾.“ اهو ٻڌي ڪجهه استاد مرندي مرندي ڪلاسن ڏانهن روانا ٿيا.

”سائين توهان ويهو نه؟“ هڪ استاد، هيڊ ماستر کي ويهڻ جي صلاح ڪئي.

ڳالهين جو ڏوُر هلي پيو آهي.

*

چند استاد ڪلاس وٺي ايندا ۽ ويندا رهيا. پر اڪثريت استادن جي بحث ۾ زورشور سان مصروف هئي. جڻ سنڌ اسيمبلي جو اجلاس پيو هلي.

ايتري ۾ ٻاهر اُس ۾ ويٺل ڪجهه استاد به اسٽاف روم ۾ هلندڙ بحث ۾ اچي شريڪ ٿيا.

”صاحب نئون آيو آهي.“

”ڪيئي آيا اهڙا سائين.“

”اصل ۾ چا آهي نه سر، ڪرپشن جاتي ڪاٽي وڌي ويئي آ. ڪو به مسيت جو ڪک ڪونهي. باقي هنن جي ڪاوڙ رڳو تعليم ڪاتي تي آهي.“

”استاد گوسڙو آهن. اسڪول بند آهن. بس سڄو ڏينهن اهو ٽنٽو پيو هلي. ۽ هوڏانهن به ٿي ڏينهن ته جڄن به لولو رد ڪيو.“

”پيٽا خدا جو قهر آهي. صبح مردان سان اسڪولن جا دورا ڪن... پلا آهي ڪو ملڪ ۾ راتو راتي؟“

”بس ادا، لڳي ڪي لعنت آهي.“

ايتري ۾ چانهه آئي. ۽ سڀني پيتي.

ڪميشن پاس هيڊ ماستر ڳالهائڻ شروع ڪيو،

”ڏسو، اسان هن اسڪول ۾ پنجاهه ڪن استاد آهيو ۽ شاگرد چند سئو آهن. پاڻ نه رڳو ايمانداري سان پڙهايون ته مهذب، خوشحال، امن پريو، تعميري سماج تعمير ڪري

سگهون ٿا. استاد ئي ڪنهن سماج جي وجود جو ڪرنگهو هوندا آهن."

"ها سائين، چئو ته سچ ٿا. پر نياڳ نڙگهٽ جهلي ورتو آهي." هڪ استاد خوشامند ڀريي لهجي ۾ چيو.

"سائين، ڪي ماستر نياڳا ضرور آهن. پر سائين سماجي حالت به ته ڏسو نه. هِن ڪنڊ ڪان هُن ڪنڊ تائين رڳو چوريون ۽ قبائلي تڪرار آهن. ماڻهو ڪاڏي وڃي؟"

"ها سائين، پائو سچ ٿو چوي. روڊن رستن تي ڊرڻا لڳا پيا آهن. ويچارا استاد پوئتي موٽيو وڃن. پلا سائين چا ڪن. ماڻهن هٿان موچڙا ٿورئي کائڻا آهن." ٻئي استاد چيو.

"سائين، پر حق جي ڳالهه اها آهي. گهوٽڪي وارن کي شاباش آهي. اصل پنو عاقل وارن ڪان به زور وٺي ويا آهن. ڏاڍو ٿا ڌيان ڏين پڙهائي تي. اصل شاگردن جي پيڙهه پڪي ڪيو ويٺا آهن." ٽئين استاد ڳالهايو.

"ادا استاد رب، پلا اهو چو ٿو وسارين ته چئني ڪنڊن تي مُلن باهه ٻاري ڏني آهي. جاتي ڏس 'سُني شيعو' فساد، روڊ رستا بند، بدامني ۽ وڏيرڪو ظلم ڏار. ويچارو ماستر ڪيڙي پاسي وڃي." چوٿين استاد جواز پيش ڪيو.

*

گهنڊ لڳندا رهيا. پيرڊ پهريون، ٻيون ۽ ٽيون. پر اڪثريت استادن جي سنڌ جي معيشت، سياست، راندين، قبائلي تڪرارن، سنڌي قوم جي تباهي جا سبب ۽ انهن جا حل تي بحث ڪندا رهيا. ڪاروبار پلاٽنگ، ڪهڙو ڌنڌو ڪجي، ڪهڙو نه ڪجي. پر سنڌن خاص عنوان هو، "سنڌ جي تعليمي تباهي!!"

هڪ استاد بحث جي واڳ پرائيويٽ اسڪولن جي زبردست نظام ڏانهن ڇڪي سيني جو ڌيان ڇڪايو،

"سائين اڄڪلهه توري گهڻي تعليم وري به پرائيويٽ اسڪولن ۾ بچي آهي."

"سائين، منهنجو پٽ برائٽ فيوچر ۾ فرسٽ آيو آهي."

ٻي چيو، "مون استار پبلڪ اسڪول ۾ منهنجي نياڻي ٽاپ ڪيو آهي"

۽ ٽئين چيو، "اڄڪلهه رائزنگ استار اسڪول ۾ وڏي رش آهي. جو ڊگري ڪاليج جا سيئي استاد اتي ٿا پڙهائين."

هيڊ ماستر جو وجود پنهنجي ٽري پيس سوٽ ۾ سُڪڙجي ننڍو ٿي ويو.

*

پيرڊ لڳو. مانيٽر آيو، "سر، ڪريم اوهان جو پيرڊ آهي. امتحان ويجهو آهن. ڪورس صفا ناهي ٿيو؟"

"ها ابا، تون هل مان اچان ٿو. هوم ورڪ چيڪ ڪر هلي. گوڙ بند ڪرائي مان اچان ٿو."

*

"ها سائين، مان ڳالهه پئي ڪئي ته ڇڱو جي پرائيويٽ اسڪول ڪليا، نه ته تعليم جو ته منهن ڪارو هو."

هڪ استاد مولڊيڻي. جيڪو استادن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيم جو چڱو مڙس هو. ان اخبار جي هڪ سُرخي ڏانهن سيني جو ڌيان ڇڪائيندي رڙ ڪئي،

"اڙي بابا، ڳالهه ٻڌو. هن دفعي وڌ منظور ڪي ناهن ڪرڻا. استادن جي ڪنهن به حق لاءِ آواز نٿو اٿائي. رڳو بالا آفيسرن کي بليڪ ميل ڪرڻ ۾ پورو آهي."

سياست تي بحث شروع ٿيو.

پيرڊ لڳو.

هڪ استاد مسلسل ڪلاس وٺندو رهيو. گهڻا ٽڻا بحث ۾ ئي رڌل رهيا.

هيڊ ماستر، سيني کي پڙهائڻ ۽ سماج تبديل ڪرڻ لاءِ ليڪچر ڏيندو رهيو.

هڪ چانهه، ٻيئن، ٽيئن...

رسيس ٿي. هيڊ ماستر ڪلاس وزٽ ڪيا.

ساڳيا لاتون، ساڳيا ڇُڳهه.

*

پنجون پيرڊ، ڇهون...

هيڊ ماستر ٻيهر استاف روم ۾ آيو.

استادن وري ڪيس ڳالهين جي چڪر ۾ لڳائي ڇڏيو.

هيڊ ماستر وري پنهنجي تقرير شروع ڪئي،

"ڏسو، اسان پنهنجو بنيادي ڪم نٿا ڪيون. دنيا جون قومون علم جا، ادب جا، فلسفي جا، سائنس جا، ٽيڪنالاجي جا، تحقيق جا، ميڊيسن جا، انقلاب پيون آڻين ۽ اسين پنهنجي ئي پير تي پاڻ ڪهاڙي پيا هڻون. هلي پاڻ نه سگهون ڏوهه گوڏن تي. اسان جيڪڏهن پاڻ قوم سان سچا ٿيون ته ڪو به ٻاهريون اسان جي تعليم تباهه نٿو ڪري سگهي. اسان کي حقيقت پسند ٿيڻو پوندو ۽ پنهنجي ٻيواجبين، سستين ۽ ناانصافين کي مڃڻو پوندو. پنهنجي حق وٺڻ لاءِ مهينن جا مهينا احتجاج ٿا ڪيون ۽ اسڪون نٿا اچون. پاڻ سيني تي قوم جي ابوجهه، غريب ٻي پهچ ٻارن کي پڙهائڻو آهي."

"..."

"اسان حق وٺون ته ٿا، چا حق ادا به ڪيون ٿا."

هڪ استاد ٻي کي ٺونٺ هڻي اٿڻ جو اشارو ڪيو.

هڪ استاد منهن ۾ پڙڪيو، "چا رڳو تعليم جي تباهي ۾ استاد جو ڪردار آهي چورا پڙهن ٿا؟ ۽ والدين ۽ سماج ذميوار ناهي؟"

ڪي استاد اکين جا اشارا ڪرڻ لڳا. جئين جئين هيڊ ماستر جي اصلاحي تقرير ڊگهي ٿيڻ لڳي، ٽئين ٽئين ڪي استاد ٻيهر اخبارن کي لڳي ويا، ته ڪي اوباسيون ڏيڻ لڳا، ته ڪي وري ڇهري جي ٽڪل تاٿرن سان بيزاري جو اظهار ڪرڻ لڳا.

هڪ استاد ڪان رهيو نه ٿيو. چيائين، "سائين پلا سموري سماج جو استاد ٺيڪو ڪنيو آهي چا؟ اوهان جون ڳالهيون بروبر صحيح پر حمام ۾ سيئي ننگا آهيون."

"هر ڪو گناهگار آهي سائين." ٻئي استاد پٽ تي ڪانگهارو اُڇلائيندي چيو.

هيڊ ماستر بيزاري وچان چيو، "پر اسين استاد سماج جي تقدير مٽائي ٿا سگهون. يقين ڪيو. ڦرون، ڌاڙا بدامني، دهشتگردي، لٽ مار، سماجي بيچيني، افراتفري شايد اسان استادن جي ڪري آهي. هڪ ته اسان پڙهايون نٿا. جي پڙهايون به ٿا ته رڳو درسي ڪتاب. اسان جو نصاب کان علاوه وارن تربيتي ۽ تعميري سرگرمين ڏانهن ڌيان ئي ڪونه ٿو وڃي. نئين پيڙهي کي باوقار ۽ جوابدار پيڙهي بڻائڻ لاءِ اسان هيل تائين ڪک ڀڃي ٻيٽو نه ڪيو آهي..."

*

انين پيرڊ جو گهنڊ لڳو ته مسجد جي منارن مان لائوڊ اسپيڪرن تي اذانون اچڻ شروع ٿيون.

ٻانگ ٻُڌي ماسترن پنهنجا پوتڙا ۽ ٽوپيون سولا ڪري ڪرسيون ڇڏي اٿي بيٺا ۽ ڪورس جي انداز ۾ چيائون،

"سائين هاڻي موڪلائي ناهي. نماز جو به ٽائيم ٿي ويو آهي. سياڻي گڏ آهيون." ■

زاهد چامڙو

رنگ چولين جا...

برف باري ساهه کي ارپي وئي
ميڪدي جي ماڪ وئي آهي ڄمي
ميڪدو ٿيو برف هڪڙي رات ۾
سرد سپ تارا مليا سوغات ۾
چنگ ٿي خاموش ويا فڪرات ۾
برف پريل آهه پنهنجي ذات ۾
برف ٿي جسمن مٿان وسندي رهي
لات جي للاٽ ٿي ترندي رهي
مرحلو ۽ مامرو چاهي ڪوي
لهجو لهجو هر ٿڌو آهي ڪوي
جيءَ ۾ ڪاسَٽ اپري آ پئي
سيءَ ۾ ڪاسِٽ سرجي آ پئي
برف مان ڏس حَرف ٿا جاڳي اٿن
روح جا سپ شبد ٿا شرمائجن
برف جهڙا ساهه کي پگهرائجن
زندگي جا گيت سارا ڳائجن
جيڪڏهن هن روح کي گرمائجي
ديد، ديدن ۾ وجهي ڳالهائجي
جام سان ئي جام کي ٽڪرائجي
ميڪدي جي مئہ سڄي ڇلڪائجي
عاشقي جو ديپ چو ڏنڏلائجي
نفرتن کي ڍنڍ ۾ اڇلائجي
ڌَرتي جنت ڪا نرالي ٿاهجي
ڏينهن ۾ دفنائجي هر رات کي
وحشي وحشي ذات جي صفات کي
پاپ کي ڌرتيءَ مٿان ڌوئي ڇڏيون
منفرد بلڪل جدا بڻجي وڃون
محبتن جي نئين خدا کي جوڙجي
چؤطرف پنهنجا نوان ڪعبا هجن
چاهتن جي چنڊ کي سجدا ڪجن
برف جو هيڪر ٿٽي جيڪر جمود
سچ جِهرڻي منجهه وهنجي جي وجود
ساهه مان ڪيئي نيون لهرون اٿن
رنگ چولين جا نوان نڪري پون
خواب جي هرڪا ندي ٿمٿار ٿي
ساهه ۾ ڪائي خوشي سرشار ٿي
ڪوسي اونهي ڪنهن سمندر ۾ لهون
دوزخن، آتش فشائن ڏي هلون. ■

زاهد کي سالگره مبارڪ

اوجاڳو، درد ۽ راتيون...



وفا صالح راڄپر

”وڏا ۾ لڳي ٿو ته هن رستي سان اڄ ڪوبه داءُ نه لڳندو. بيٺي بيٺي ٽنگن جو پاڻي به سُڪي ويو آهي.“

”ها وڏا، بالم صحيح ٿو چوي. هتان هاڻ نڪرڻ گهرجي.“ بالم جڻ خيروءَ جي دل وٽان ڳالهايو.

”جيڪا سنگت جي صلاح.“

”پوءِ هلون ته هلي سيوهاڻي سٽڪ ڪان هلي ٿا بيهون اُتي ماڻهن جي اچ وڃ به جا هوندي آهي.“

”وڏا، سيوهاڻي سٽڪ ته پري ٿي وئي ۽ سڄ ٻهلڻ وارو آهي. اوستائين پهچندي رات ٿي ويندي.“ جانوءَ ڪٿڪو محسوس ڪيو.

”ها وڏا، جانو صحيح ٿو چوي.“ بالم جانوءَ جي ڳالهه کي وزن ڏيندي چيو.

”پوءِ پلا ڪٿان هلي بيهجي؟“

”وڏا، تسرن واري لاڙي جي پرسان جيڪا اڇي مسيت آهي نه، اُتي هلي ٿا بيهون. اُتان به ماڻهن جي اچ وڃ جام هوندي آهي. ۽ پنڌ به ايڏو پري ڪونهي. بسم الله ڪر نڪرو. ڪونه ڪو اسان جي ڪُني ۾ اچي ويندو. ۽ ڏهاڙي به زيان ڪونه ٿيندي.“ بالم جي راءِ سان سڀ متفق ٿيا.

”پوءِ هلون ته هلون. دير نه ڪيو.“

”وڏا، ترس تڪڙ نه ڪر. هو ڏس پريان ڪان ڪو اچي پيو. ان کي مهزماني ڏئي پوءِ ٿا نڪرون.“ جانوءَ وراڻيو.

”اچڻ ڏيوس.“

”وڏا، ويجهو اچي پهتو آهي. هڪل ڏيانس.“ بالم چيو.

”ها ڏينس، هڪل. پيءُ اٿئي ڇا جو پڇين ٿو؟“

”بيهه ڙي.“

هڪل تي پيرن تي زور.

پنيان پسٽل جو هوائي فيئر.

هو ٿاٻڙجي منهن پر ڪري پوي ٿو.

”پئسا گهڻا ٿي جيڪي به اٿئي ٻاهر ڪَڍُ؟“

”رُ... رُ... رُپيو به ڪونهي.“

”ڪوڙ ٿو هڻي... گڏه جا ڦر...“

”قسم ڳاڙهي قرآن جو... قسم الله جو ڪوڙ نٿو هڻان.“

”اڙي وٺوس جهڙتي.“

هو پاسي واري ڪوٽ جي وڏي کيسي کي ٻنهي هٿن سان مضبوطيءَ سان ائين ٿو جهلي بيهي جيئن جواري جُوا کيڏڻ وقت پنهنجا پئسا مُٺ ۾ جهلي بيهندا آهن.

”ڪڍُ هٿ.“

”نه ڪيندسُ... مون وٽ پئسا ڪونهن.“

مٿي ۾ بندوق جي ڪونڍاڪ جو هلڪو ڌڪ.

”ابا... ڙي... گهوڙا... ڙي...“

”چپ دانهن نه ڪر.“

”وڏا، ٻٽون ۽ بڪ اٿس. ٻٽون به پريل اٿس. لڳي ٿو گهڻو مال اٿس. ان ڪري لڪائڻ جي ڪوشش پيو ڪري.“

”وارو ڪَر. دير نه ڪر. ڪوليس ٻٽون.“

”ها، ها وڏا ڪوليان پيو.“

”اڙي هيءُ ڇا رکيو پنا؟ ۽ هيءُ بڪ ڇا جو اٿئي؟“

”بُڪ نه ڊائري آهي؟“

ڊائريءَ جا سَڪَا...“ ڪاوڙ مان ڪلهن تي ٻيو زوردار ڪونڍاڪ جو ڌڪُ.

وڏي دانهن، ”ابا... ڙي. مري ويس.“

”اڙي دَسي ڏسوسَ وَرَ- مٿان ورن ۾ پئسا لڪايا هجنس.“

”ڪول وَرَ. ڪُتيءَ جا پٽ... پنن سان ڪٺي ٻٽون پريو اٿئي؟ ۽ پئسا وري ورن ۾ لڪايا اٿئي. اسان کي جڻ خبر ئي ناهي ته پئسا ڪٿي لڪائبا آهن.“

اڳٺ کي زوردار ڇڪ. اڳٺ ٽٽي ڪانچ وڃي پيرن ۾ ڪري پيس.

ورن ۾ به ڪاريءَ وارا ڪک هڪ ٽڪو به نه.

”صفا ڪو ٿاپ جو سُڃو آهين پيو؟“

”اڙي چنڊا، ڊائري ۾ ڇا لکيل آهي. ۽ ايتري پنا ڇاجا آهن؟“

”ڊائريءَ ۾ منهنجي شاعري لکيل آهي. ۽ پنا به شاعريءَ سان ڀريل آهن.“

”اڙي ڏيوس تيلي.“

ائين نه ڪَر وڏا... الله ڪي مڃ. رسول ڪي مڃ... رحم ڪر. هنن پنن ۽ ڊائريءَ ۾ منهنجي راتين جو اوجاڳو ۽ منهنجو رت ۽ درد سمايل آهي. توهان کي ڪهڙي خبر ته درد ڇا آهي؟ شاعري ڇا آهي؟“

”اڙي... بڪواس بند ڪر... اها ڪامريڊن واري تقرير نه ڪر. ڪامريڊ آهين ڇا؟“

”نه ياءُ. مان شاعر آهيان. ۽ شاعريءَ ڪندو آهيان. مشاعري تي ويو هيس. اُتان موٽيو آهيان.“

”ڏوڙ پئي ٿي منهن ۾.“

ڪاوڙ مان ڊائري ۽ پنا ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري سندس منهن تي هڻن ٿا.

هُو ڦاڙيل پنن جا ٽڪرا ميڙڻ لڳو. جنهن ۾ هن جي راتين جو اوجاڳو ۽ درد سمايل هو. ■

حبيب لغاري

پرين هن ڄامشوري ۾
هوائن جي هندوري ۾
اوهان مرڪن سندا پوپٽ
اڏاري پل خوشيون ماڻيو
اسان آهيون سڪل پنڙا
تڏهن هرهر ڇڻون ٿا پيا
اوهان وٽ ڏور تائين ڪو
ڏکن جو ڏس پتو ڪونهي
شهر جي شور ۾ رهندي
اسان جي سار جو سڏڙو
اوهان ڪنهن پل ٻُڌو ڪونهي
ميون ٿا هي سڄڻ سچ آ
اسان هون رات جو لمحو
اسان وٽ بس اداسي آ
اسان جي هن ردي جهڙي
اڪيلي زندگاني جو
اسان کي پي پتو ڪونهي
پرين هن ڄامشوري ۾
اسان وانگر اوهان ڪنهن پل
لُڇي ٽڙپي ڏٺو ڪونهي
اسان جي درد جو سائين
اوهان کي ڪو پتو ڪونهي.

امر ابڙو

دل ڀڳيا ٿي وئي نيڻ ناسين هٿان
ڪئن ڇٽي سا طبيبن، سنياسين هٿان
سور وانگي ڏڪائي وئي نار آ
روز هٿ سوٽ، ماسات ماسين هٿان
تون حصن ۾ ورهائڻ گهرين سنڌ ٿو
ڄاڻ ماريو وئين ديس واسين هٿان
سچ چئي ڏيو سرعام سقراط جان
موت پل جان ملي زهر، ڦاسين هٿان
مون اميدن کي ٻاري رکيو دل اندر
مان نه ماريو وڃان ڪٿ اداسين هٿان.

حيدر مهراڻي

رڳي آ واءُ جهوٽي ۾
مڳي آ واءُ جهوٽي ۾
اماڻي سانوري خوشبوءَ
پڳي آ واءُ جهوٽي ۾
ڇري نڪتي ردا مان ٿي
سڳي آ واءُ جهوٽي ۾
اوهان جي سار جي گهنٽي
وڳي آ واءُ جهوٽي ۾
خيالن کي ڪري اغوا
ٺڳي آ واءُ جهوٽي ۾
پريان هو شاخ گلڙن جي
پڳي آ واءُ جهوٽي ۾
رنو آ ٻار لغڙي لئه
ڇڳي آ واءُ جهوٽي ۾. ■

اڻ ڄاول پُٽ...

ڊا. گِراج شرڻ اگروال/سنڌيڪار:ديوي نانگراڻي

”تناڪا جي اڻ ڄاول پٽ جي جنم ڏن تي هڪ پارٽيءَ جو انتظام ڪيو ويو هو. جنهن ۾ مان شامل ٿيو هوس. هيءَ اُن جي پنجاهين سالگره هئي.“ سُميت آهوجا پنهنجي ياداشت تي زور ڏيندي چيو. مان ڏاڍي حيران رهجي ويس.

”پنجاهين ورشگانٺ پٽ جي، جيڪو ڄائو ئي ڪين هو؟ ڇا مطلب؟ هي ڪهڙو تماشو آهي؟ جو پٽ ڪڏهن پيدا ئي ڪونه ٿيو، هن جي پنجاهين ته ڇا پهرين ورشگانٺ مناڻ جي ڳالهه به عجيب پيئي لڳي. لڳي ٿي نه؟“

مون جڏهن پنهنجي حيراني ڏيکاري ته سُميت آهوجا ڪجهه مُرڪيو. چيائين، ”دنيا ۾ هر پل ڪجهه نه ڪجهه اهڙو پيو ٿئي، جنهن تي وشواس ڪرڻ مشڪل آهي. انسان آهي به عجيب ويچارڪ! هو ڇا ٿو سوچي، ڪهڙيءَ طرح پنهنجي ڀاونائن کي پڌرو ٿو ڪري، ڪيترائي ڀيرا اهو سڀ ڪجهه ڏسي حيراني ته ٿيندي آهي. اِهو سچ آهي ته تناڪا هڪ اهڙي ٻار جي پنجين ورشگانٺ جو جشن ملهايو جنهن ۾ مان خود شامل هئس.“

سچ ته اهو آهي ته جو ڪجهه به آهوجا چئي رهيو هو. حقيقت ۾ اهو منهنجي لاءِ ڄڻ ڪا پرولي هئي. مون آهوجا کي پنهنجي ڳالهه چوڻ ڏني. سوچيم، اهڙيون ئي گهٽنائون آهن جي انسان کي عجيب نفسياتي ڪنڊن کي سمجهڻ ۾ مددگار ٿينديون آهن. انهن جي ذريعي اسان کي ڄاڻ پوندي آهي ته ڪهڙا ڪهڙا وچتر ماڻهو سماج ۾ آهن ۽ اُهي ڪيئن ڀاونائن جي جدوجهد ۾ جڪڙجي جيون پيا گذارين.

”تناڪا هڪ جپاني عورت هئي.“ سُميت آهوجا ڳالهه اڳيان ٻڌائيندي چيو، ”هوءَ جڏهن ڀارت جو سفر ڪرڻ آئي ته ڪافي ٻڍي ٿي چڪي هئي. هن ۾ غضب جو جلوو هو. اهڙو جلوو زالن ۾ گهٽ ئي ڏسڻ ۾ ايندي آهي.“

آخري جملي تي مون آهوجا کي ٽوڪيو، ”پرتيڀا کي وٺي ڪري تون مرد ۽ عورت جي وچ ۾ ڀيد ڀاو ڇو پيو ڪرين؟ ڇا تون سمجهين ٿو ته پرتيڀا جي معاملي ۾ ٻيون مهلائون پرشن کان گهٽ ٿينديون آهن. هيءُ ته مهلائن جي حق ۾ انياءُ آهي.“

آهوجا ڪجهه جهجهڪندي مون ڏانهن نهاريو. چيائين، ”منهنجي منشا اِها ڪانه هئي جا تون سمجهي رهيو آهين، مون اهو چوڻ پئي چاهيو ته آدميءَ جي هن سماج ۾ هزارين سالن کان هلندو ايندڙ مردن جو زالن تي دٻاءُ، انهن کي اڳيان وڌڻ جو موقعو نه ڏيئي سگهيو آهي. انهن کي پرشن جي آڏين رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. هڪ طرح سان انهن کي گرهست جي دائري ۾ جيئڻ لاءِ گهڙيو ويندو آهي. اهڙين حالتن ۾ عورتن کي پنهنجي پرتيڀا ظاهر ڪرڻ جو موقعو ئي نه مليو. نتيجو اهو نڪتو ته انهن جي ٻُڌي آزاديءَ سان ڪوئي ڪم يا فيصلو نه وٺي سگهيون.“

مون محسوس ڪيو ته سميت آهوجا اصلي مقصد تان ٿڙڪي مهلائن جي سماجڪ ۽ منووگيانڪ حالتن تي ترڪ پيش ڪندو رهيو. هيءَ منهنجي لاءِ ڪا نئين ڳالهه ڪانه هئي. اڪثر جڏهن ٻه ٻن کان وڌيڪ ماڻهو پاڻ ۾ ڳالهائيندا آهن ته ور-ور واستوڪ وشيه کي ڇڏي ٻين تي اچي ويندا آهن. انهن جا ويچار گهٽي دير ڪنهن هڪ نظرئي تي ٽڪي نه سگهندا آهن. دوستن جي وچ ۾ رهن، چاهي اڪيلا، هو ڏار ڏار ويچارن جي وچ ۾ پيو ڀٽڪندو آهي. هو ڪڏهن ڪجهه سوچيندو آهي ته ڪڏهن ڪجهه! انسان جي دماغ ۾ سوچ جون ترنگون هڪ ويوستا ۾ نه هلنديون آهن. مون مهلائن جي سماجڪ، اِتهاسڪ ۽ منووگيانڪ اوستا تي پنهنجا ڳوڙها ويچار ظاهر ڪندي آهوجا کي ٽوڪيو. هن کي ياد ڏياريو ته هو ڪنهن جپاني مهلا تناڪا جي بابت چرچا ڪري رهيو هو. هو ٻڌائي رهيو هو ته تناڪا پنهنجي ڀارت جي سفر جي دؤران پنهنجي ان پٽ جي پنجين ورشگانٺ جو جشن ملهايو، جو ڪڏهن پيدا ئي ڪونه ٿيو.

”ها، چڱو ٿيو جو تون ياد ڏياريو.“ آهوجا وري تناڪا جي وشيه تي ايندي چيو، ”ها مان به ان ۾ شامل ٿيو هوس.“

”اها فيبروريءَ جي مهيني جي ٿڌي شام هئي. پشچم جي لاهيءَ تان سج لهي چڪو هو. تناڪا نئين دهليءَ جي هڪ گيسٽ هائوس ۾ لٿل هئي. مون مجلس ۾ هن کي ڏيڻ لاءِ گلن جو هڪ سهڻو گلدستو تيار ڪرايو هو. توکي ته خبر آهي ته جپاني گلن جا شوقين هوندا آهن. هر هڪ پريوار پنهنجي آس پاس هڪ بغيچو چاهيندو آهي. شايد گل انهن جي زنده دليءَ جو پرتيڪ آهن. جيون ۽ خوشحاليءَ جا پرتيڪ آهن. اها ته توکي ڄاڻ آهي ته اهائي زنده دلي ۽ زندگي طرف انهن جو لاڙو آهي جنهن جي عيوض بمن جي ڀينڪر تباهيءَ ڪانپوءِ به جپان ايتري گهٽ وقت ۾ پنهنجي چيلهه سڌي ڪري اُٿي بيٺو. هن تباهي سَني ۽ وري نئين نرماڻ ۾ لڳي ويو. اڄ تون ڏسي ٿو سگهين.“

آهوجا وري موضوع کان ڀٽڪي ويو. هاڻ هو جپانين جي رعيتي راڄ جي تي ڳالهائڻ لڳو. مون وري ان کي ٽوڪيو. ياد ڏيارومانس ته تون هاڻ تناڪا نالي واري مهلا جي وشيه ۾ چرچا ڪري رهيو آهين.

”ها مونکي ياد آهي، وسريو نه آهي. مان انهيءَ وشيه تي اچي رهيو هوس جو تو ٽوڪي ڇڏيو.“ وري ٿورو ترسي آهوجا چيو، ”چوڻ واري جو ڪنهن به هڪ وشيه سان ٻڌجي رهڻ سپاويڪ نه آهي. وچ وچ ۾ ٻيون به ڪٿائون اچن ته ڳالهه ٻولهه مزي واري ٿي پوندي آهي. ڪچهري جو آنند وڌي ويندو آهي.“

مون آهوجا جي ڳالهه ٻڌي جواب نه ڏنو.

”هوءَ هڪ ڀاوڪ مهلا هئي.“ سميت آهوجا تناڪا جي سڃاڻ ڪرائيندي چيو، ”توکي اهو ٻڌي دک ٿيندو ته هوءَ جوانيءَ ۾ ئي وڌوا ٿي ويئي. هن پريم وواهه ڪيو هو. پر ان جيون جو آنند ڪجهه عرصو ئي ماڻيائين. توکي ته خبر آهي عورت لاءِ وڌوا هئڻ ابيشاپ آهي. ڀلي پوءِ اها ناري ڀارت جي هجي يا جپان جي.“

مون آهوجا کان اهو ڄاڻڻ چاهيو ته تناڪا جي گهوٽ جو موت ڪهڙي ڪارڻ ٿيو، پر هن منهنجي ڳالهه جو ڪو جواب نه ڏنو. مونکي لڳو ڄڻ هو خود به ان گهٽنا سان پريچت نه هو. هن پرماڻو بمن جي وناش ۽ جپان جي نو نرماڻ جي ڳالهه ڇيڙيندي چيو،

”فيبروريءَ جي ان شام جڏهن مان تناڪا جي گيسٽ هائوس پهتس ان وقت ان جا گهڻائي ڀارتيه وديشي دوست جمع ٿي چڪا هئا. ٻاهرئين باغ ۾ ميزون ۽ ڪرسيون وڇايون ويون هيون. ميزن تي گلن جا گلدستا سجايل هئا. شام جي سونهري اُس لان ۾ چوڌر ڦهليل هئي. واتاورڻ ۾ سنگيت سنو هو، جنهن ۾ خوشي نه پر غميءَ جهڙو اثر هو. تناڪا به ڪارا ڪپڙا پاتا هئا. هوءَ اُداس هئي. لڳو ته اِجهو روئي پوندي.

مان آهستي اڳيان وڌيس ۽ آندل گلدستو تناڪا جي هٿ ۾ ڏنو. تناڪا اهو هٿن ۾ ورتي، شڪر ادائي جي انداز ۾ گردن جهڪائي ۽ گلدستو ميز تي سجائي رکيو. مون ڏٺو ته ميز جي وچ ۾ ڪيڪ رکيل هو. چوڌر مهمان جمع ٿيا ۽ تناڪا مٿ ۾ اهو ڪيڪ ڪٽيو پر ڪنهن به هئپي برٿ ڊي جي ڌن تي ڇيڙي. ڦوڪٽا ڪين ڦوڙيا. واڌايون نه ڏنيون. سڀ ماٺ ۾ هئا. ڄڻ ته تناڪا سيني کي ڄاڻائي ڇڏيو هو ته هيءُ موقعو خوشيءَ جو نه ٿي ڪري غميءَ جو آهي.

”مان سچ ٿو چوان ته زندگيءَ ۾ اهڙي اُداس ورشگانٺ ڪڏهن ڪين ڏٺي هئي.“ سُميت آهوجا دک ڀريل لهجي ۾ چيو، ”اهو منهنجي جيون جو پهريون تجربو هو. خاموش مهمانن تناڪا سان گڏ چانهه پيتي ۽ هڪ هڪ ڪري جيئن آيا هئا تيئن هلي ويا.“

مان تناڪا جي هيل تائين جي ڪهاڻي ٻڌي اڃا وڌيڪ مونجهاري ۾ پئجي ويو هوس. پڇيومانس، ”تو اڃا اڻ ڄاول پٽ جو رهسيه نه ٻڌايو آهي آهوجا. جي پٽ ناهي ته تناڪا جنم ڏينهن ڇو ٿي ملهائي؟ جي هو ڄائو نه هو، ته مئل ڪيئن ٿيو؟“ جواب ۾ آهوجا چيو، ”جنم ڏينهن جي موقعي تي هن جيڪو ڪتاب ورهايو هو، اُنهيءَ جو تَتُ ٻُڌ:

”جڏهن هيروشيما تي پرماڻو بم جو نشانو چٽيو ويو، تڏهن تناڪا جو ٽن مهينن جو گرڀ هو. هن کي وشواس هو ته هوءَ پٽ جي ماءُ ٿيندي. پر بمن جي ڦاٽڻ ڪري، تمام گهڻو پري هئڻ جي باوجود به ايترو ڀينڪر ڌماڪو ٿيو جو تناڪا دهشت ۾ ڌاڪڻ تان هيٺ ڪري پئي. تاپمان هڏين کي ڳاري ڇڏڻ جي حد تائين گرم هو. هوءَ بيهوش ٿي ويئي ۽ اُنهيءَ حالت ۾ سندس گرڀپات ٿي ويو.“

تناڪا لکيو هو، ”جنگ جي ڪشمڪش هن جي پٽ کي ڄمڻ نه ڏنو، هن کي جنم وٺڻ کان روڪي ڇڏيو. هن جو نه هئڻ قدرتي ناهي. هو هجي ها ته اڄ پنجاهه سالن جو هجي ها.“ ■



پوءِ ته رڙ مچي وئي.
ڪٿي آهي ناظم؟ ڪٿي آهي لعنتي ناظم؟

ورانڊي جي ڀڃئين پاسي جي هڪ ڇيڙي ڪان گوليون گوگهاٽ ڪنديون آيون ۽ منهنجي پرسان وارو هڪ همراهه گهائجي پيو. ٿوري وقت ڪانپوءِ اسان جو ٻيو ماڻهو گوليءَ لڳڻ ڪري هيٺ ڪري پيو ۽ مري ويو. اسان ڏٺو ته در پرسان ڀت جي هڪ سوراخ مان گوليءَ ڇٽڻ وارو دونهون ٻاهر نڪري رهيو هو. گوليءَ جي سٽڪي ڪان ڏڄي اسان جا ڪيترا ماڻهو وڃي ان ننڍڙي ڪمري ۾ لڪا. جتي آفيسر وهنجندا هئا. اتي بيٺل حرن مان ڏهن پندرهن رڙ ڪري چيو ته دروازو ڀڃو. ٻه ٽي ماڻهو اڳتي وڌي دروازي کي ڪهاڙين سان ڪپڻ لڳا. انهن مان هڪ ته گوليءَ لڳڻ ڪري ڪري پيو. ان ڪري ٻيا به پوئتي هٽي ويا. اسان اهڙي صورتحال ڏسي، ورانڊو خالي ڪري ڪوٺين ۾ گهڙي پياسون.

بزدل، حرامي، ڀاڙيا، لوٺوءَ شينهن جيان گجندي چيو. هو اڪيلي سر اڳتي وڌيو. هن ڇپ ڀڪوڙي ٻهڙي ڪهاڙي ٺڪاءُ ڪري جو در ۾ ڪرائي ته اها پاهي سوڌو اندر هلي وئي. هن ڪهاڙي ڇڏائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر اها نڪري ڪانه سگهي. تنهن ڪري هو به اف ڪري پوئتي موٽي آيو. بابي اسان کي هڪ ننڍڙي ڪمري ڏانهن وڃڻ جو اشارو ڪيو. جنهن ۾ ٻن ماڻهن جي ويهڻ جي جڳهه هئي جيڪو ڀت واري ماري ڪان پاسي تي هو، جتي ويهي سولائيءَ سان دروازو ڪيجي سگهجي پيو. هن ٻيا ماڻهو اندرئين ڪمري ڏانهن موڪليا ته جيئن باٿ روم جي ٻئي دروازي کي ڀڃڻ جي ڪوشش ڪن.

انهيءَ وقت حسن جي ڪمانڊ وارا توبچي به پهچي ويا. جيڪي حسن جي پٺيان اچي رهيا هئا. هن پنهنجي ماڻهن مٿان ٽوٽڙاڪ ڪرڻ شروع ڪئي. پر بابي کي ڏسي ڪيس سمجهائڻ لڳو، ”منهنجا ماڻهو سمجهي رهيا هئا ته اوهان بنگلي تي قبضو ڪري چڪا آهيو. تنهن تي هو مون تي زور ڀري رهيا هئا ته جلدي ڪريو هلو ته هلي اسان به بنگلي جي سامان جي ڦرلٽ ڪريون. هاڻي هنن کي خبر پئي آهي ته ناظم ته اڃا زنده ويٺو آهي. هي چون ٿا ته بندوقن بدران ڪين ڪهاڙيون ڏنيون وڃن. ڇاڪاڻ ته ٽئي ڪيل اصول موجب ناظم کي بندوقن سان مارڻ قانون خلاف ڳالهه هوندي. اندرئين پاسي ڪان دروازو ڀڃڻ جهڙو آواز ٿيو ۽ پستل جو ڌماڪو ٿيو. جيڪو ناظم ڇوڙيو هو. لوٽو هڪ ٻئي حر ڪان ڪهاڙي ڪسيندي ئي منهنجي پيءُ جي ڏسيل دروازي ڏانهن هليو ويو ۽ ورانڊي واري دروازي کي ڪهاڙين جي ڌڪن جا اهوڙا لائي ڏنائين. حسن به ڪهاڙي وٺي هنن سان رلجي ويو. ان ڪان پوءِ سيڪنڊ-ان-ڪمانڊ به ائين ڪرڻ شروع ڪيو. جڏهن اندريون دروازو ڪيجي ڍير ٿيڻ وارو هو ته بابي ڪين چيو، ”فقير پاءُ، ٿوري گهڙي ٿهر ڪريو ۽ هيڏانهن ڏيان ڏيو. جيڪڏهن اسان مان هر هڪ ناظم جي قتل ڪرڻ جي سوڀ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ته هر ڪو اها هام هڻندو ته ناظم کي مون قتل ڪيو آهي. انهيءَ ڪري مڪن ۽ انهن جي ٽلين وچ ۾ ڦڪائي پئجي ويندي. اهڙي ڳالهه حر جماعت لاءِ آئٽي آهي. اڃو ته سيئي در ڀڃون ۽ ناظم کي سوگهو ڪيون، پر جماعت جي ايڪي ۽ ٻڌيءَ لاءِ اهو لازم آهي ته ناظم کي سوگهو ڪيون. پر جماعت جي ايڪي ۽ ٻڌيءَ لاءِ اهو لازم آهي ته ناظم کي قتل وريام فقير ڪري، جيڪو اسان سڀني جو هڪ مڃيل اڳواڻ آهي. ان ڪانپوءِ ناظم جي قتل جو جهڳڙو ڪونه اٿندو.“

حسن، سندس نائب ۽ لوٺو اچي بابي جي پرسان ويهي رهيا. اسان جهڙن ننڍن غازين کي خوش فهمي هئي ته ناظم اسان ڪهاڙي برادرن جي هڪ نه هڪ ڪهاڙيءَ وسيلي ڳترا ڳترا ٿي ويندو ۽ ان جي قتل ڪرڻ جي عظمت اسان مان ڪنهن ننڍي غازيءَ جي قسمت ۾ لکيل آهي، پر هاڻي اهڙي ڳالهه ٻڌي هر ڪو مايوس ٿي ويو هو. اسان سوئر جي ٿم جي چوڌاري بيٺل ڄڻ ته شڪاري ڪتا هئاسون. گهڻن حرن بابي جي صلاح مشوري کي بهتر سمجهيو هو ۽ سندس هن ڳالهه تي اتفاق ڪيو هيائون. وريام ڪهاڙي ڪٽي اڳتي وڌيو ۽ در جي ڪيجي ڪرڻ تائين بيٺو رهيو. اندران گولين جو وسڪارو جاري هو. جنهن ڪري اسان جا ڪيترا ئي جوان گهائجي پيا هئا. دروازي ڀڃڻ ڪان پوءِ اسان ڏوڪي اندر ڪاهي پياسون ۽ ناظم کي وڃي سوگهو ڪيوسون. هو به جوان جو پٽ هو ۽ آخري وقت تائين آڻ ڪانه مڃيائين ۽ مقابلو ڪندو رهيو. هو ڌڪن ۽ ڪهاڙين جي وڍن ڪري گهڻو گهائجي چڪو هو ۽ گهڻي وقت جي مقابلي ڪري ساڻو ٿي پيو هو.

جڏهن ويام فقير مٿس ڪهاڙيءَ جا وار ڪري رهيو هو ته اسان ڏاڍي زور سان نعرا هڻي رهيا هئاسين. جيڪي خيرپور تائين ته ضرور پهتا هوندا. پوئتي رهيل حر به اڳتي سرڪي بنگلي جي ٻاهران ميڙ ڪري ويهي رهيا ۽ بنگلي جي ڦر لٽ لاءِ تيار هئا. ان وقت اوچتو ڪٿان فائر ٿيا ۽ اسان جا ٻه ٽي ماڻهو گهائجي ڪري پيا. پوليس وارن اولهه پاسي وڃي مورچه بندي ڪئي هئي. جيڪي چوري بنگلي ڪان نڪري ڀڄي ڪونه ويا هئا. پر هنن نئين رٿابنديءَ موجب وڃي مورچا سنڀاليا هئا. هنن بابت اسان ڪجهه به سوچيو ويچاريو ڪونه هو. جيڪو هاڻي اسان سان چوٽ ڪرڻ لاءِ اسان کي ٻولائي رهيا هئا. بابي حسن کي چيو ته اها تنهنجي غلطي آهي جو تو پنهنجي فرض کي سهڻي نموني نه نڀاهي سگهيو آهين.

ان وقت لوٺوءَ وچ ۾ ڳالهايو ۽ چيائين، ”واليڏنا فقير، جيڪڏهن جنگيون رڳو ڳالهين سان وڙهيون وڃن ها ته تون ماضيءَ جي مشهور جنرلن مان هڪ هجين ها. نادر شاهه تنهنجي پيٽ ۾ ڪجهه نه هو. سڪندر به هڪ احمق انسان هو. اڄ سارو ڏينهن غازين جي ڌڪا ڌڪي لڳي پئي آهي. پر مان ته تو کي سارو ڏينهن واندو ڏٺو آهي. جنهن گهڙيءَ تون پنهنجا منڊڙا ٻول ٿو ٻولين ته اسان جا هٿ وڙهڻ ڪان جهلجي ٿا وڃن. مان اڄ ته سارو ڏينهن محاذ جي پهرينءَ صف ۾ وڙهيو آهيان. مان چاهيان ٿو ٻيو ماڻهو به مون جيان سر ترِيءَ تي رکي اچي. هينئر به مان محاذ جي پهرئين صف تي وڙهڻ لاءِ تيار آهيان. پر واليڏنو مون سان گڏ هوندو.“

لوٺوءَ جي هنن ويڻن سان بابو ڄڻ ته ڏنگجي پيو هو ۽ هڪدم ڇئي ڏنو هئائين، ”ادا اڪين سان.“

پوءِ هڪ ٻي ڊپي سورهيه جوان جيان ڪُڏي ڪاهي پيو هو ۽ ڪهاڙي سندس هٿن ۾ هئي. لوٺو به ٽپ ڏئي اڳتي وڌيو ۽ ساڻس گڏ هلڻ لڳو. ان ڪانپوءِ مان ۽ ٻيا به

ڪيترائي غازي سندس ڪڍ لڳي پيا هئاسون. ميينهن جيان وسندڙ پوليس جي گولين اسان جو استقبال ڪيو.ان وقت بابي کي ٽيڙ ڪائيندي ڏٺم پر پوءِ هو پاڻ کي سنڀالي ويو. ڏٺم ته سندس جسم جا ٻنپ لهي ويا هئا ۽ هو چيتي جيان چنگهاڙندي وچي پوليس واري وٽ پهتو، جيڪو سنگين يا بئنيٽ سان حملي ڪرڻ لاءِ تيار بيٺو هو. پوءِ بابي جي ٻه هٿڙي ڪهاڙي هوا ۾ لمڪي ۽ پوليس واري جي ڳچيءَ ۾ وڃي ڪتي ۽ بابو ٻه ڪري پيو. ٻئي پاسي کان پوليس واري جو لاش ٻه سندس پنهنجي رت جي تلاءَ ۾ ترڦي رهيو هو. اهي ٻئي گڏ هيٺ ڪريا هئا. پوليس واري ڪري وري اٿڻ جي ڪوشش ڪئي ته منهنجي ڪهاڙي سندس مٿي ۾ کُپي وئي هئي. ان وقت مان ڪُلهي تي ڏک محسوس ڪيو. جيڪو ڏنڀي جوهو. ماٺهو منهنجي اکين اڳيان تکو گذري ويو. اها ويڙهاند پل ڪن ۾ ختم ٿي وئي. بابي کي گهرا گهاءَ رسيا هئا، جيڪو هاڻي دم ڏئي رهيو هو. هن اکيون ڦيرائي چوڌاري ڏٺو. جن ۾ اجا ٻه وحشت موجود هئي. سندس وات مان رت ريلا ڪري وهڻ لڳو هو. ٿورو وقت اڳ ته سندس آواز ۾ شينهن واري گجگوڙ هئي. پر هاڻي سندس نڙيءَ مان ڪر... ڪر... جو اُاز اچي رهيو هو. هن پنهنجي پوريءَ سگهه سان نعرو هنيو ”پيچ پاڳارا“ پوءِ سندس اکيون هميشه لاءِ بند ٿي ويون.

7

حر جماعت ۾ بابي جو تمام گهڻو احترام هوندو هو. سندس شهادت ڪري اهي هيانءَ لاهي ڪونه ويٺا، جن ناظم کي قتل ڪري اڻ ملهه سوپ ماڻي ورتي هئي. هر اڳواڻ مون سان عذرخواهي ڪئي ۽ بابي جي بهادريءَ جون تعريفون ڪيون هيون ته هو ساري زندگي هڪ سچو غازي رهيو ۽ شهادت کان پوءِ سندس جاءِ جنت آهي. هو دنيا ۾ عزت ۽ بهادريءَ جا اڻ مٽ اهڃاڻ ڇڏي ويو آهي، جيڪي منهنجي عزت آبرو ڏائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا.

حسن مون کي چيو، ”تنهنجي ڪپڙن تي رت جا ڳاڙها نشان بابا سان آخري پاڪر پاڻ ڪري ڪونه ٿيا آهن، اهو ته گهاءَ جو رت آهي جنهن کي ٻڌڻ ڪپي.“

مون ڏٺو ته منهنجي ڪاٻي ڪلهي تي گوليءَ جو گهاءُ هو ۽ مون کي مٿي کي پنواٽي اچي رهي هئي. مون کي پاڻي پياريو ويو. عيسيٰ خاصخيليءَ پنهنجي پٽڪي مان اڳڙي ڦاڙي گوليءَ جي گهاءَ ۾ اندر وڌي.

اسان کي زبردست نقصان رسيو هو. ڏهن ٻارهن بهادر حرن جا لاش ميدان تي پيا هئا. ڪيترا گهايل هئا جن مان ڪيترن کي گهرا ۽ ڪن کي هلڪا زخم هئا. مون کي پتو ڪونه آهي ته پوليس وارن مان الائي ڪيترا قتل ٿيا هئا ۽ ڪيترا زخمي ٿيا هئا؟ ❶ منهنجو زخم ڪجهه وڌي ويو هو، جنهن ۾ ڏاڍو سور هو. ان ڪانپوءِ مون کي مختلف ماڻهو ڏار ڏار ڳالهيون ٻڌائڻ لڳا هئا. ان ڪانپوءِ پتو پيو ته منهنجي پيءُ کان پوءِ حر جماعت جو نظ و ضبط ختم ٿي چڪو هو. لوٽو ۽ حسن ٻه ٿوري گهڻيءَ تان پاڻ ۾ ڏند ڏيڻ لڳا هئا. وريام ۽ گل خان نظاماڻيءَ پنهنجي پر ۾ ننهن چوٽيءَ جا زور لاتا هئا، پر حر جماعت ۾ ضابطو قائم ڪرڻ ۾ سوپارا ڪونه ٿي سگهيا. لوٽو ناظم جي روالور تي دعويٰ جتائي رهيو هو ۽ گارين ڏيڻ ڪانپوءِ وريام جي حواي ڪيو هئائين. مون کي اها ٻه پڪ آهي ته ان وقت پوليس جون ڇڏيل رائفلون ۽ بارود ٻه ميدان تي پيو هو. جيڪو ڪنهن هڪ جاءِ تي گڏ ڪري ڪونه رکيو ويو هو. پر اسان جا ساٿي پوليس جي سامان جي ڦرلٽ لاءِ ڦارون پائي رهيا هئا. سندس مال مڏيءَ جي ڦرلٽ ڪانپوءِ پتو پيو ته اهي پوليس وارا ڪنهن اعليٰ رتبي وارا وڏا ماڻهو هئا. پوليس وارن اهي پئسا خيرپور رياست ۾ رهندڙ حرن کان ڦريا هوندا. راڄڙن وري دعويٰ ڪئي ته اهي ڦرلٽ جي وڏي حصي جا حقدار آهن. سندن چوڻ هو، ’اهي پئسا ڦريل حرن کي واپس ٿيندا ۽ اهڙي ڪم ۾ هنن وڏي واهر ڪئي آهي. سندس اهڙين پڏين ڳالهين ڪري رهندو ٻه وڏيڪ ڏڦيڙ پئجي ويو هو.‘

ان ڪانپوءِ ٻيو مسئلو اهو پيدا ٿيو ته شهيدن جي لاشن کي ڪهڙي طريقي سان نهر (دفن) ڪجي؟ ايترو وقت ڪونه هو جو ايتريون قبرون کوٽي سگهجن. ائين ميدان تي ڇڏي وڃڻ ٻه شرم جهڙي ڳالهه هئي. اڊڪو هو ته ٻئي ڏينهن پوليس ضرور ايندي ۽ شڪست جي پلاند طور اسان جي سورهين جي لاشن کي باهه ۾ ساڙي رک ڪري ڇڏيندي. لاشن کي گهرن تائين پهچائڻ جا وسيلا ٻه ڪونه هئا. ان کان سواءِ گهايل ٻه گهڻا هئا، جن جي مدد ڪرڻ جي پڻ ضرورت هئي. خوش قسمتيءَ سان بندوقن جي ٺڪاوَن تي پاڙي جا حر اچي پهتا هئا، جن چيو ته اهي لاش اسان ڪٽي پنهنجي ڳوٺن ۾ وڃي ٿا نهر (دفن) ڪريون. مان حسن کي منٿون ڪيون ته ڪنهن ٻه ريت بابي جو لاش پنهنجي جوءِ واريءَ مٽيءَ ۾ دفن ٿئي ته پلو. تنهن ڪري پاڙي جي حر اهڙي مدد ڪرڻ واسطي اٺ ڏيڻ لاءِ چيو. پوءِ مان بابي جو لاش پاڪڙي جي اڳئين خاني ۾ رکيو ۽ پٺيان آئون ويهي رهيس. اهڙيءَ ريت زخمين کي ٻه ساڳيون سواريون ڏنيون ويون هيون.

مون کي بابي جو لاش اٺ تي ڪٽي گهر پهچڻ واري سفر بابت گهڻي ياد ڪانه آهي، پر مان جتان ٻه گذريو هوس ته ماڻهن لاڏا ڳائي منهنجي آجيان ڪئي هئي.ناري پرسان هڪ سيد هو جيڪو شاعر هو. جنهن هن واقعي بابت حرن جا نالا وٺي سندن بهادري تي بيت ٺاهيا هئا. هن اهڙيءَ ريت بابي ۽ منهنجي سورهائي جي ساراهه جا پڻ ڍُڪ پريا هئا. اهو ٻڌي مان ڏاڍو خوش ٿيو هوس، ڇاڪاڻ ته اها شاعري حرن واري جوءِ ۾ ڪن پيڙهين تائين ڳائي ويندي. اسان جکڙائو پرسان هڪ بلوچ ڳوٺ ۾ لڙيءَ آڏيءَ پهتا هئاسون. هنن اسان سڀني کي عاليشان ماني ڪارائي هئي، تنهن ڪري اسان سڀ ڪانئن ڏاڍو خوش هئاسون. اسان جي مکن سرڪار کان نفرت خاطر اريگيشن جي سرڪاري بنگلي ۾ آرام ڪيو هو. مون کي زخم ۾ ڏاڍو سور هو. ائين محسوس ٿي رهيوهوڄڻ جسم جي ان جڳهه تي ٽاندا رکيل آهن ۽ گوشت سڙي پچي رهيو آهي، پر پوءِ ٻه مون کي ننڊ اچي وئي. جاڳيس ته سور گهٽ محسوس ٿيو، پر منهنجي ٻانهن سڄي آڪڙجي وئي هئي جو آئون ان کي مٿي ڪري ٻه ڪونٿي سگهيس. فيصلو اهو ڪيو ويو ته زخمي فقير چيئنجي چڱي ٿيڻ تائين ناري جي اوير ۾ رهندا ۽ مڪمل آرام ڪندا. حسن پنهنجي ٽوليءَ جي ماڻهن سان گڏ اسان کان هتان موڪلائي هليو ويو هو ۽ قبول ڪيو هئائين ته بابي جو لاش مکيءَ جي پاسي سان وهندڙ دم واهه تائين ته پاڻ ڪٽائي ويندو ۽ جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهيو ته اهڙو اطلاع امڙ کي ٻه پهچائيندو. مون ڪيس گذارش ڪئي ته بابي جو لاش اسان جي وڏڙن جي قبرستان ۾ پيرو وزير پرسان دفن ڪيو وڃي. مان توکي اهو ٻه وڌائيندو هلان ته منهنجي خواهش مطابق بابي جو لاش لڙيءَ رات جو پيرو وزير جي پاسي ۾ مٽيءَ ماءُ جي حوالي ڪيو ويو هو، جتي شهيد ڪونڌرن جي قبرن جون قطارون موجودهيون.

ناري جا غازي مون کي ۽ ٻين گهايلن کي ساڌوري ڪٽي ويا. جتي حرن جو هيڊ ڪوارٽر هو. هي ماڳ ان جاءِ تي آهي، جتي سنڌ جو ميداني علائقو ٿر سان ملندو آهي. جتي پٽون جهنگل ۽ ڍنڍون پاڻ ۾ گڏيل سڏيل نظر ايندا آهن. سميجن وڏيرن جا بنگلا ٻه هتي آهن. سائو ناروبهتان بڪار ڏانهن وهڻ شروع ڪندو آهي. هيءَ ڏاڍي پلي جوءِ آهي. جتي مينهون، ڍور ڍڳا، ٻڪريون، رڍون چرنديون پيون نظر ايندیون آهن. پٽن جي وٽ پاسن ۾ اٺن جا وڳ پيا وڙڪندا وتندا آهن. گهوڙا ٻه سائي گاهه ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرندا نظر ايندا. جيڪي پرسان ٿر واري جوءِ ۾ چرندا آهن. پوياڙيءَ جو پٽن تي بگن ۽ ڪارن تترن جون تنواورن پيون ٻرنديون آهن. سانءِ پڪي ٻه هڪ ڍنڍ کان ٻيءَ ڍنڍ تائين اڏندا ڏسبا. جڏهن اسان فقيرن جي ڪئمپ ڏانهن وڃي رهيا هئاسون ته هر طرف کان سوئر نظر اچي رهيا هئا، جيڪي ٻوڙي پر واري جهنگ ۾ گم ٿي رهيا هئا.

هتي اسان جي ٿهل ٽڪور اهڙي نموني سان ٿي رهي هئي جڻ اسان ڪي امير ۽ نواب هجون. سميجن هن حر فوج لاءِ تمام گهڻو اناج موڪلي ڏنو هو. هتان جا ميربحر سميجن جو راڄ هئا، جيڪي چوڌس موجود ڍنڍن ما پيا مڇي ماريندا هئا ۽ سڀ کان پلي ۽ وڏي مڇي اسان ڏانهن ڪٽي ايندا هئا. ماڪي ته جهنگ جي هر وڻ ۾ ويٺل ڏسبي هئي. کير، مکڻ، گيهه ۽ گوشت ايترو هو جو کير ڪائي. ڇاڪاڻ ته جهنگ ۾ چرندڙ گور مال حرن جو هوندو هو. عيد ڏينهن ٻوڙڻ ۽ جانور پڄائڻ جون گويون رکيون وينديون هيون ۽ ملهه جا مقابلا ٿيندا هئا. رات جو وري مشهور سگهڙ ۽ پٽ اچي بيت ۽ ڳاهون ٻڌائيندا هئا . مون مٿي اهڙو ذڪر ڪيو آهي ته ناظم جي قتل ڪرڻ واري فتح تي ڪيترن شاعرن بيت چيا هئا. هتي اهڙي مشهور بيت جو ذڪر ڪندس جيڪو ساري حر جماعت ۾ مشهور آهي:

”اول تعريف الله جي، پوءِ ان جي ساراهه جيڪو
سيني کان سگهارو آهي.
پاڳارو سوار ٿي، ڪاري ڪکر جيان اتر کان آيو
جنهن جا مريد فرشتا آهن.
شيطان ڪافر سيد جي مخالفت ڇڏي ڏي.
تون منهنجي محبوب سان مقابلو نه ڪري
سگهندين. ڇا تون ان لائق آهين؟
او حڪمران، پاڳاري سان ساڙ نه ڪر. ڪيس خدا جي مدد آهي.
تنهنجي طاقت، پئسو ۽ خزانو هتي رهجي ويندو!
تنهنجي ملڪ جي هر حصي ۾ ٽرٽلو مچي ويندو.
اوهان سڀ تيج سمان ٿي ويندا.
هاديءَ جي حڪم سان تنهنجا سڀ خزانا تاڙيل لٽي ويندا.
ڇا تون شيطان سان گڏجي غازين جي منزل ۾ ڏڦيڙ
ته نٿو پڪيڙين؟
تون پاڳاري مٿان غالب پئجي ڪونه سگهندين،
جنهن جا ڪم خدا ڪندو آهي.
هاڻي تون طاقت ۽ ظلم ڪرڻ شروع ڪيو آهي.
تنهنجو مذهب ڌوڙ ٿي ويندو.“ *(هلندڙ)*

❶ ڪينواري واري جنگ 14 مارچ 1942ع تي وڙهي وئي هئي. جنهن ۾ خيرپور رياست جي ناظم سان گڏ پنج پوليس وارا مارجي ويا هئا ۽ ڏهه زخمي ٿيا هئا. جڏهن ته حرن مان نو شهيد ٿيا هئا. زخمين جي تعداد جو ڪو پتو ڪونه آهي.

پاتم جهاتي جهان ۾...



شيام ڪمار

پر، ٿر جيان سمورو اجهاڳ 'صحرا' غربت مفلسي بيماري ۽ اجل جي چنبي ۾ ائين ڦاٿل آهي جيئن ڪو سر ڪٽي تي لٽڪندڙ ڏوهاري. پر، هتي جيئرو رهڻ ۽ گهارڻ 'ڏوهه' جي دائري ۾ اچيو وڃي ٿو.

ان طبعي ٽمبڪٽو تي ويچاريندي خيال اڀري ٿو ته هر انسان جي ذهن ۾ به هڪ 'ٽمبڪٽو' جو واسو آهي- اهڙو ديومالائي شهر جنهن جي بيهڪ ذهن جي ان حصي اندر آهي جتي ڌرتي جو پرو ناپيد آهي ۽ اُبتي رچ سدا موجود رهي ٿي. اهو انسان جي بددماغي جي علامت آهي، يا سندس ذهني خشڪي، برپٽي ۽ نراسائي جي نشاني.

صحرا، ريگستان، ٿر- ۽ عورت جي فطرت هڪ جهڙي هوندي آهي. انهن سان گهري دوستي ۽ ميلاپ دائمي دکن جو باعث بڻبو آهي. گوتم ٻُڌ، مهاوير، چيتنيه، ٻين سنسياسين ۽ جوڳين جيان انهن جي ٿڌڙي ڇانوَ ۽ خيابان ۾ ڪجهه وقت آرام ضرور ڪجي ۽ پوءِ ڪوچ ڪري رمندو رهڻ ۾ دير بلڪل ڪرڻ نه جڳائي.

آفريڪا جي ان صحرائي ريگستان کان علاوه چين ۾ 'گوبي' نالي هڪ عظيم ريگستاني رڻ پٽ آهي جيڪو اوڀر پئسفڪ سمنڊ کان اولهه تائين ڦهليل آهي. جنهن جون سرحدون منگوليا تائين وڃي دنگ ڪن ٿيون. 'گوبي' به يگن کان ڪيترين ئي انساني جانين جي آهوتي پئي ورتي آهي. تيرهين صدي عيسوي ۾ چنگيز خان منگول جي حملي وقت اهو رڻ پٽ ريگستان هزارين پليل انسانن کي ائين ڳڙڪائي ويو هو جيئن ڪو وڏو اجگر پنهنجي شڪار کي ڳيهي وڃي.

ڏکڻ اولهه آفريڪا اندر 'نبيب' نالي هڪ ٽيون رڻ پٽ/ريگستان به آهي. ان کان علاوه جيئن اڳ چئي آيو آهيان، ان ڪنڌ جي اوڀر واري چيڙي (Horn) تي صحرائي ريگستان ۽ ڏکڻ طرف ڪالاهاري يا ڪالاهاڙي واريا سا پٽ بي حساب، بي ڪنار ۽ بي پايان طور ڦهليل آهن.

هندوستان اندر راجستان صوبي ۾ به هڪ وڏو واريا سو رڻ پٽ آهي. جنهن جون حدون پاڪستاني 'ٿر' سان ڳنڍيل آهن. اهو ريگستان به پنهنجي ڦهري ڪارنامن سبب گهڻو مشهور آهي.

ان کان علاوه ڪڇ جو ڻ پٽ به پنهنجي فطري 'ڪوپ' ۾ ڍهيسر جيان پاسندو آهي. جيڪو ڄڻ هندوستان جي ڪرمن ۾ آدجڳاد کان فٽ ٿيل آهي.

مشهور اسپيني اديب 'پاولو ڪوهلو' (Pavelokohlo) لاطيني آمريڪا جي چلي، ميڪسيڪو برازيل وغيره ملڪن جي گرم ۽ دشوار گذار ريگستانن جو تفصيلي وچور پنهنجي ڪيترن ئي لاجواب ناولن ۾ چاڙهيو آهي. اتان جا رهاڪو انهن ڪوهستاني ۽ واريا سي ريگستانن کان ڪافي ڏکويل ۽ سٽيل رهيا آهن.

ذهني ڏيوالپڻي جو 'ٽمبڪٽو' آخر ۾ هڪ نقطي جو روپ ڌاري اهڙي خطرناڪ 'وائرس' ۾ تبديل ٿيو وڃي. جنهن جون سرحدون 'توازن' کي ڊانوا ڊول ڪري ماڻهو کي نيڪ انسان ۽ ڪارآمد شهري بڻجڻ ڪونه ٿيون ڏين. اهو انسان چاهي 'ٿر' جو شهري يا آفريڪي صحرا جو رهواسي يا گوبي جو باشندو يا عربستان جي واريا سي، راجستان جي رڻ پٽ- ۽ لاطيني آمريڪا جي واريا سي ۽ پهاڙي پوٺن جو رهاڪو هجي. پنهنجي ناڪاري ۽ انسانيت ڪش عمل، تخليقي ڏسا ۾، عام طور، نپٽ ٿئي ٿو. پيسي، ملڪيت ۽ درجي ۾ بلندي ۽ شهري تهذيب جي مڪ چڙهڻ جي باوجود، مجموعي طور، سندن بنيادي فطرت ۾ متي چاڙهيل 'پاڪنڊ' ۾ ڪُتل، ٻڌل اوڳڻ سندن ڪل ڪرڇڻ بعد صاف جرڪندا ڏسي سگهجن ٿا. (جيئن مٿي ذڪر ڪيل منهنجي 'ٽري سيٽين' جي ڪرپ ڏياريندڙ ڪوجهائپ پسي سگهجي ٿي) صرف باطن ۾ گهرائي سان جهاتي پائڻ واري اک درڪار هئڻ کپي.

'ريگستاني جيوت' جي آجياپي جو گهڻو دارومدار اوائلي ڍنگ سان شڪار ڪرڻ، جانورن جا ڌڻ ڌارڻ، يا هلڪي سلڪي زراعت تي ٿئي ٿو. جيئن ته اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ته سندن وڏو مسئلو 'پاڻي' جو حصول آهي. جيڪو تمام ڇڊن علائقن ۾ ڪڏهن ڪڏهن واريا سي زمين کوٽي ان مان ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيندا آهن. اهڙن چراگاهي علائقن کي خيابان چيو وڃي ٿو. ان کان علاوه بارش- جيڪا نه هجڻ جي برابر ٿئي ٿي. يعني سراسري ڏهه انچ ساليانو پوندي آهي- تي به ڪجهه ڏکيو سکيو گذر بسر ڪندا. انڪري، ريگستاني رهواسين جي مستقل رهائش نه هئڻ سبب کين خانه بدوش، جپسي يا 'سفري جيوَ' به سڏيو وڃي ٿو- سندن ڪو مستقل ٺاڪ ڪونه ٿو ٿئي. شهري تهذيب کان ڪوهين پري آهن.

منهن جي آڏو تهذيب جو مطلب 'شهري جيوت' آهي. ۽ مهذب انسان جو مطلب ان شهري جيوت جي طور طريقي سان گذر سفر ڪرڻ. سڀيئي تهذيبون باقاعدگيءَ ۽ عقلي وهنوار تي ٻڌل ٿين ٿيون. ان نڪتي جي پيٽ ۾ سڀئي خانه بدوش غير مهذب ٿين ٿا ۽ سندن بابت مهذب ماڻهن جا چٽيل روايتي لفظ جهڙوڪ آواره گرد، رولو، وحشي، حرفتي وغيره سندن تعصب ۽ بدنيتي کي ظاهر ڪن ٿا. جيتوڻيڪ سماج مٿان خانه بدوشن جو اثر هاڃيڪار ٿئي ٿو پر ايڏو گهاتڪ ڪونهي جنهن لاءِ کين دوشي ٺهرائي سندن حقو پاڻي بند ڪري کين نيات مان ڪڍيو وڃي.

ان خانه بدوشي ٽولي جو پهريون ڏاڏو آدم قابيل (Cain) هوندو هو جيڪو سموري ڌرتي تي رلندو رهندو هو. پر، ڪنهن کي نقصان ڪين رسايائين. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته پاڻ ويچارو پنهنجي 'مهذب' ڀاءُ هابيل (Abel) هٿان بي موت مارجي ويو. دنيا ۾ سڀ کان پهريون 'ناحق خون' ان ڪڌي عمل کي قرار ڏنو ويو آهي.

سوال اُٿي ٿو ته ماڻهو رولو ڇو ٿو ٿئي؟ هڪ ڪارڻ معاشي بدحالي آهي جنهن جو تفصيلي طور ورنن ڪيو ويو آهي. ٻيو سبب نفسياتي ٿئي ٿو. ان سلسلي ۾ يوناني ڏندڪٿا مان 'اُو' (io) ۽ سندس لازمي رولپڻي ڏانهن اشارا ملن ٿا. 'اُو' کي جڏهن ڪائي خارش يا ڪٽڪٽائي ٿيندي هئي ته هوءَ 'ٿاڪ' ڇڏي 'بي ٿاڪي' ۾ وڃي اجهو وٺندي هئي. هونءَ به رولو يا خانه بدوش جو مطلب 'چراگاهه' سان واڳيل آهي. پر، اوائلي 'شڪاري' انسان به ان قطار ۾ اچي وڃن ٿا. فطري طور خانه بدوش 'ٿانيڪي' رهڻ جي سخت مخالف ٿئي ٿو. هونءَ به تاريخ جي اوائل کان خانه بدوشانه جيوت ۽ ٿانيڪي (settled) زندگي جي وچ ۾ چاندين ۽ مگسين واري مثالي دشمني چڱيءَ پر ڏسي سگهجي ٿي. اها ساڳي 'اُو' واري آزاريندڙ ڏندڪٿائي 'خارش' سندن جبلت جو حصو بڻيل رهي آهي.

منهنجي خيال موجب 'رولپڻي' ۾ انسان جي فطري 'تجسس' ۽ 'ڪوچ' جي خواهش پوري ٿيندي نظر اچي ٿي جيڪا ٿانيڪي زندگي ۾ شايد ئي ممڪن ٿئي. صحيح قسم جا خانه بدوش، موسمي پکين جيان، ڪو مستقل ٺڪاڻو ڪين رکين. انڪري هنن جا 'پنڌ پيچرا' ساڳيا ڪين هوندا آهن. اگر انهن ۾ ڪا تبديلي اچي ته پڪ ئي پڪ ڪنهن مهذب يا 'نامڪمل' خانه بدوش جي چُرچ ان جو سبب هوندي. جنهن جي نتيجي ۾ سندن زندگي ۾ ڪو اڻ وڻندڙ 'گرداب' پيدا ٿي ويندو.

ڪيترا خانه بدوش قبيلا پنهنجي 'قبائلي زمين' سان بي حد واڳيل هوندا آهن. ۽ ان کي پنهنجي اختيار هيٺ يا قبضي ۾ رکڻ لاءِ سڀ کان وڏي قرباني ڏيندي به ڪونه هٻڪندا آهن. ٻي صدي ق.م جي هڪ قبائلي سردار جو هيءُ مقولو، 'زمين اسان جي قوم جي بنيادي علامت آهي. اسين ان کي جيئن جو تيئن رکڻ لاءِ رت جي آخري ڦڙي تائين جنگ جوٽيندا سون.' ڪيڏو نه حقيقت پسندي ۽ ارادي جي پختگي تي ٻڌل آهي.

اجوڪي انسان ۽ جانور جي هلت چلت کي واچيندي چٽيءَ طور به ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون،

1. خانه بدوشانه خاصيت انسان کي پنهنجي سبزي خور وڏڙن کان جبلي طور ورثي ۾ مليل آهي.
2. سيني انسانن ۾ حياتياتي طور نه، بلڪ جذباتي طور ڪنهن ٿاڪ، غار، ٺڪاڻي، قبائلي علائقي يا وسيلن جي هميشه ضرروت رهي آهي. ان خاصيت ۾ اسان پنهنجي گوشت خور وڏڙن سان شريڪ رهندا آيا آهيون.

اسان جا گوشت خور وڏڙا، پراڻي پٿرائين دور جي شروع کان، عدم مان اُٿي اڄ ڏينهن تائين ساندي جيان رنگ روپ ورن بدلائيندا حيات ۾ پساهه ڪڍندا پسي سگهجن ٿا. هنن جي ڊڪشنري ۾ 'بدلو' يا 'وير' جو عمل قبائلي نه بلڪ ذاتي ٿئي ٿو. اگر بنا بدلي هڪبئي کي مارڻ جو سبب پيدا ٿئي ٿو ته ان جون پاڙون عقيدي رواج ۽ رسم جي تهه ۾ ڪُتل ۽ موجود ڏيکارجن ٿيون. 'قتلام مهذب ماڻهو، يا ٽولي جو 'فن' ليکيو وڃي ٿو. جنهن ۾ هو پڙُ آهي. هٽلر، مسوليني، پاڪستاني جنرل يحيٰ خان يا جنرل پرويز مشرف يا ٻين تانا شاهن جي

’نئين بربريت‘ ان کڏي، ڪرپ حقيقت جا اهم ۽ بدبودار مثال آهن.

پراچين دور جون عظيم تهذيبون درياهن ۽ ندين جي ڪنڌن تي وڌيون ويجهيون جهڙوڪ مصري تهذيب نيل جي ڪناري تي، بابل آشور، سمير وغيره فرات ۽ دجلا جي ڪنڌن تي، آريائي سپيتا گنگا جمنا ۽ سنڌو جي سرسبز ڪنارن تي، چيني تهذيب هوانگ هو ۽ يانگ ٽي سي ندين جي آسپاس اُڀري هئي. سيني تهذيبن جو ڦهلجڻ ڪو ’حادثاتي‘ عمل ڪين هو. جيئن ڪجھ دانشور ’ليوز‘، ’بروس چٽيون‘ وغيره سمجهن ٿا . بلڪ اهو هڪ ’ارتقائي‘ ۽ ’فطري‘ عمل هيو ۽ ان عمل جي نتيجي ۾ اهي وقت جي مختلف پيمانن ۾ نہ صرف هڪٻئي تي اثرانداز بہ ٿينديون رهيون. پر ان طرح الڳ الڳ ثقافتن جي وجود ۾ اچڻ جو سبب بہ بڻيون. ان هاڪاري عمل جي اونهائي ۾ تھ در تھ سماجي ۽ اقتصادي نظام جو وجود ۽ ان مثان هڪ اوچي طبقي جو جنم بہ ٿيو جنهن عام ماڻهو جي اڪثريتي طبقي تي ارھ زورائي ۽ ڏاڍ جي ذريعي راڄ ڪرڻ سان گڏ ڪيس عزت ۽ مال جي ڏس ۾ لٽي ڦري سندس حالت پوٽي ڪري ڇڏي. ظلم جي اها بازار وقت جي تيز وهندڙ ڌارا ۾ گرم تر ٿيندي ڏيکارجي ٿي.

هر دور ۾ تهذيب جي ’پکڙڻ‘ ۾ عام ماڻهو مزدور ۽ غلام جي حيثيت ۾ پنهنجي زندگي جي آهوتي پئي ڏني آهي. سائنسي طبي ترقي، منطقي سوچ جو ڦهلاءَ وغيره اهڙي قسم جي آهوتي جي ڪک مان جنم وٺندا رهيا آهن.

بابل جي تهذيبي يگ ۾ عام زندگي تي ٻن وڏن شڪتيوان ديوتائن جو گهرو اثر هوندو هو. هڪ انو (Anu) يعني تنظيم ۽ حڪم جو نمائندو ۽ ٻيو اينلٽ (Enlit) يعني دٻاءُ يا جبر جو مجسم. مشهور دانشور ’بريسٽيڊ‘ مصر جي ’عظيم اهرام جي معمار جي بي پناھ جرئت‘ ڪي ڏاڍو ساراهيو آهي. جيتوڻيڪ ان جي اڏاوت جي سلسلي ۾ پنجويھ لک وڏا وزني پٿر رسين ۾ جڪڙيل مزدورن ڍويا هئا. اهڙي ريت تهذيب ڪي ’هڪالي‘ پنهنجي جاءِ تي نڪاري بيهاريو ويو هو.

تاج محل جي اڏاوت ۾ بہ هزارين مزدورن ڏينهن رات هڪ ڪري زندگي جي آهوتي ڏئي. ان تهذيبي ’ڏيک‘ کي جوڙي راس ڪيو. اسان ڪي ورثي ۾ مهاڀاري ’وزن‘ پلئہ پيو آهي.

خانہ بدوشانہ جيوت دوران جانورن جا ڌڻ ڌارڻ جي عمل تهذيب جي ابتدا ڪرڻ ۾ ڪافي هٿي ڏني هئي. پر شروعاتي زراعت جي ميلاپ ’تهذيبي عمل‘ ڪي نہ صرف تيز تر ڪيو بلڪ ان دور جي انسان کي ٿانئيڪي (Settled) زندگي گهارڻ تي بہ هيرايو. دنيا ۾ هر تهذيب جو بنياد اهڙي قسم جي زندگي تي ٻڌل رهيو آهي.

صحيح ’چراگاهي جيون‘ جنهن اندر زراعت جو نشان بہ ڪونہ هوندو هو اها جيوني ’تهذيب‘ ڏانهن قطعي لڙيل ڪين هوندي هئي. ’تهذيبي جيون‘ ان زندگي جي عيوضي ۾، ارتقائي منزلون طئي ڪندي اڀريو هو. جانور تي سواري، انهن جي ڌڻن جي رکواليءَ اڪيچار ٽولن کي خانہ بدوشي ڏانهن لاڙيو هو. ۽ ’شڪاري جيوت‘ سان سلهاڙجي ’ٿانئيڪي‘ طرز کي ٿڏي هميشہ ’سفر‘ ۾ رهڻ کي ترجيح ڏيندي ا ’انسان ۽ جانور‘ جي وچ ۾ هڪ پراسرار تعلق، سنگت، ساٿ ۽ اڻ ٽٽ لاڳاپي ۾ وشواس کي پختو ڪيو.

تهذيب ڪين رياست جي ’اتحاد‘ واري نظرئي ڪان آگاھ ڪيو. ۽ ڌڻ ڌاري پالتو جانورن کي مارڻ جي عمل ڪين ’انساني جبر ۽ نيست نابود ڪرڻ جي گُر‘ جو علم بخشيو هو.

آڳاٽي دنيا ۾ سٿين (Scythians) هن (Huns)، جرمن ٽولا (Germanic Waves) ۽ ڊوريئن يوناني (Dorian Greeks)، عرب، منگول- ۽ ڪنهن حد تائين دنيا جون عظيم خانہ بدوش ثقافتون رهيون هيون. هنن جي سموري زندگي سختي، سهپ جي اٽاٽ، لاعلمي ۽ پنهنجي شجري تي فخر ڪرڻ ۾ گذرندي رهي هئي. هو غلامي جي تقريباً خلاف هئا پر منجهانئن ڪجھ ان يعني غلامي جي واپار جا ڪوڏيا بہ هئا.

تهذيبي زندگي کي سمجهڻ يا ساراهڻ ڪڏهن ڪين سکيا. پر قبائلي ملڪيت ۽ زمين کي هر فرد جي برابري ۽ مساوات جي لحاظ کان ملڪيت ڄاڻندا هئا. اوائلي اشتمالي يا سماجوادي معاشري (Ancient Communistic Society) ۾ پختو يقين ۽ وشواس هئن.

ان دور جي هڪ بدو سردار جو قول آهي، ”سيئي خدا جا مهمان آهن. ۽ سيئي هر شيءَ ۾ هڪجهڙا حصيدار آهن.“ عورتن جو درجو بہ ڪافي حد تائين بلند هوندو هو ۽ ڪاريگر کي عزت سان ڏسندا هئا.

ان بعد مهذب انسان جو سندن طرز زندگي، سوچ جي باري ۾ هيءُ نعرو عام ٻڌبو هو، خاص طور آمريڪي سرحدي فوجي کان ’تهذيب، يا موت‘ ان مان مهذب انسان جي متعصب رويي، سخت رخ، خود ساختہ اخلاقي برتري جي ڪيڏي نہ بدبودار صورت اڀري ٿي. هتي مون کي جڳ پر سڌ يوناني اديب نڪوس ڪازنتڪاس جو ناول ’آزادي يا موت‘ هري آيو آهي.

مهذب انسان هميشہ کان خانہ بدوش ۽ رولو کي جانور پئي سمجهيو آهي. ساڻس سلوڪ بہ اهڙو ئي رکندو آيو آهي. آمريڪي ريڊانڊين، لئپس (Lapps)، زولو (Zulus)، بيجا (Beja)، مشرقي سوڊاني وغيره ان قسم جي ’وهنوار‘ جا چند اهم مثال آهن.

قديم مصري تذڪرن مطابق فطرت جي گود ۾ پليل اهي ’رولو‘ هزارن سالن کان انهن مهذب ۽ خود ساختہ اخلاقي قدرن جي مزاحمت ڪندا پئي رهيا آهن. هو پنهنجي غير آسائشي زندگي ۾ مگن ۽ خوش آهن. گهٽو ڪري مٿانئن تهذيب جو اثر اخلاقي ۽ جسماني طور ناڪاري ۽ مايوس ڪندڙ رهيو آهي. مشهور دانشور ’جي ڊبليو مري‘ مطابق ”قانون ۽ تنظيم فلسطيني ۽ سينائي خانہ بدوش معاشري تي بدنما داغ جيان ڏيکارجي ٿي.“

(هلندڙ)

عابد ڪاظمي

جدائيءَ جي موسم...

چانڊوڪيءَ
جسم ۾
باھ لڳائي آهي
ڏسُ،
جيڪي وڻَ
گُلن جي موسم ۾ سڙيا هئا
اُنهن مان دونهون
اڄ بہ اُٿي رهيو آهي
هوائون ساڙيون آهن
آڪسيجن جي گهٽتائي آهي
ساھ بہ رُڪي رُڪي
سيني ۾ ڄمي ويا آهن
تنهنجي جدائيءَ جي موسم
اڃا جاري آهي.

گهرائي...

مبالغو ئي سهي
حڪايت ئي سهي
شاعراڻو خيال هجي يا حقيقت
يا وري هڪ ديواني جي سوچ
صديون اڳُ
تو ۾ لٿو هيس
۽ اڄ تائين
مونکي مليو ناهي
پنهنجي ذات جو ڪنارو.

امتحان

آرزو جي شهر ۾
حسين جذبن تي
سنگباريءَ جي موسم ۾
گُلرنگ آهي شفق
منهنجي دل جي خون سان
ڏسُ، هر ڪنڊ ڪڙڇ
چمڪي رهي آهي
اڃا بہ اگر ڪائي شڪايت
يا گُمان هجي تو کي
تہ سجاءِ مقتل
مان جيئرو آهيان
هڪ ٻئي امتحان لاءِ. ■

آخري قسط

فريب ۽ مڪاريءَ جو جهانُ...

ناز سنائي



هيءَ ڳالهه به پڙهڻ جهڙي ناهي لکي ٿو ته هن جي رغبت فقيري ڏانهن ٿي. اسان کي خبر هئي ته ڳوٺ منگر جو هڪ نالي محبت فقير سچل سرمست جي درگاهه تي سخي قبول محمد سائين جو طالب آهي. جيڪو سخي سدائين جن جي وصال کانپوءِ هالن جي درگاهه تي طالب المولىٰ جي پيءُ مخدوم غلام محمد سائين جي صحبت ۾ رهيو. ان وقت مخدوم صاحب جن بيمار هئا ۽ اندر حويليءَ ۾ رهندا هئا. محبت علي سائين جن ٻاهر مخدوم صاحب جي بنگلي ۾ محمد فقير سائين سان گڏ رهندا هئا. محمد فقير ڪتياڻ به محبت علي وانگر هيا. هو راڳ به ڳائيندا هيا. مخدوم صاحب جن سدائين سڄو وقت فقيرن جي ڪچهريءَ ۽ صحبت ۾ گذاريندا هئا. زماني جو ٻيو ڪم ڪار ڪونه ڪندا هئا." (ص15)

ساڳي پيراگراف ۾ به ڳالهيون هڪ ته مخدوم صاحب سڄو وقت فقيرن جي ڪچهريءَ ۽صحبت ۾ گذاريندا هئا. ۽ ٻيو ڪو ڪم ڪار ڪونه ڪندا هئا. وري اُتي جو اتي ته مخدوم صاحب جن ان وقت بيمار هوندا هئا ۽ اندر حويليءَ ۾ رهندا هئا. فقير ٻئي ٻاهر رهندا هئا. هو محبت علي فقير کي وٺڻ لاءِ پهتا، فقير پاڻ به ڪوشش ڪئي ته سندن مخدوم صاحب سان لاقات ٿئي پر طبيعت جي ناسازي ڪري مخدوم صاحب سان ملاقات جي ڪين اجازت نه ملي سگهي. ۽ محبت علي فقير جيڪو ڪيترو ئي عرصو مخدوم صاحب جن وٽ رهيو هو ۽ سندن طالب اچي ٿيو هو، اهو بنا موڪلائڻ ۽ اجازت جي رئيس سان گڏجي نڪتو ته پوءِ مخدوم صاحب ڪين واپس اچڻ لاءِ چيو پر محبت علي فقير چيو 'هاڻي نڪتا آهيون. واپس هلڻ تي دل نه ٿي چئي.!" (ص16)

ڪتاب سئو صفحن جو به ڪونهي پر سئو کان وڌيڪ جملا غلط لکيل آهن. صورتخطي به ايترن لفظن جي غلط لکي وئي آهي. ويرانگي ان ڪري ٿي لڳي ته اهو مختصر ڪتاب ادي شميم ۽ پائو ممتاز جي نظرن مان به گذريو آهي. اچو ته اوهان کي انهن مان ڪجهه ڳالهين بابت آگاهي ڏيان،

ص17 تي آزاديءَ جو اعلان ۽ ڊيپو جو ڪپڙو جي سِري سان لکيل آهي. جنهن ۾ چيو ويو آهي ته ان کي ڪپڙي جي ڊيپو جو انچارج ڪيو ويو ۽ هن اهو ڊيپو هلايو ته اتي اهو ڊيپو جو ڪپڙو هٽڻ ڪپي يا ڪپڙي جو ڊيپو؟ غلام قاسم جي اولاد هجي يا جو اولاد؟

باقي هي شاندار جملا پاڻهي پڙهو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڏيکاري جا گواهه بنجو:

1. مون هر سدائين هن جي چپن تي دعائون ٻڌيون. (ص7)
2. هن چيو ته انگريز ڪڏهن به اسان جي خيرخواهه نٿا ٿي سگهندا. (ص10)
3. جنهن ڪري مون ڪم ڇڏي بابا وٽ ڳوٺ هليو آيس. (ص11)
4. نياز احمد خان جو پٽ غازي خان کي ماتا جي بيماري ٿي پئي." (ص12)
5. اجان ان ڏک مان سنپريو (سنڀلو) مس هيم. (ص13)
6. محبت علي فقير کي وٺي (وٺڻ) خيرپور کان ٻه ماڻهو آيا. (ص16)
7. ڪڏهن ڪڏهن به مان سندن ڳوٺ خوش خير محمد هيسباڻي وٽي ساڻن ملاقات ڪندو هوس. (ص23)
8. سيٺ عارب جو آرٽ سلڪ جا آڏاڻا سکر ۾ هئا. (ص24)
9. محبت فقير جيڪو چيو هو ٿيو به ائين ئي هو فقير ماڻهو هئي. (ص27)
10. هتي هڪ پنجاب کان فقير آيل هو جنهن هتي مئخانه ٺاهي اچي ويٺو. (ص30)
11. هو ۾ ڊڄي وئي ته ساڻن ياءُ الاءِ ڪهڙو ورتاءُ ڪندو. (ص40)
12. سمورو ڪافلو (قافلو) پشاور ڏانهن. (ص56)
13. پٿرن تي اڳتي وڌندا رهياسين ۽ چاڙهيون چڙهنداسين. (چڙهندا رهياسين) ص(ص57)
14. آخرڪار شهنشاهه جو انتقال ڪري ويا. (ص67)
15. مان ۽ سا ڪڏهن ڪڏهن همداني پاڙي به اچي ويندو هو. (ص71)
16. ڪهڙو (ڪهڙيون) ڳُڻجن ۽ ڪهڙيون نه ڳُڻجن. (ص73)
17. پهريائين دروازو کي ڪڙڪائيندو هو. (ص84)
18. پکين ۾ ڪانءُ کي هوشيار سنجهيو (سمجهيو) ويندو.

ان کانسواءِ هر هڪ صفحي تي اهڙا شاندار جملا موجود آهن. سڄي ڪتاب ۾ سئو کن اهڙا جملا آهن جو مهرباني ڪري اهي خال پرڻ لاءِ لکيا ويا آهن ۽ انهن جي پڙهڻ سان ماڻهو ڪم عقل جي ڊوڙ به ڪري ٿو ته ان جملي ۾ ڪٿل اکر ڪهڙو آهي. جيڪو لکجي، مان ڪجهه اهڙا جملا لکي خال پريان ٿو. باقي ٻيا دوست به اهو ڪم ڪرين سگهن ٿا.

1. جو جو فصل هڪڙي (هنڌ) گڏ ٿيندو هو. (ص8)
2. ٻنهي ڌرين (جا) ڪيترا ماڻهو مري چڪا آهن. (ص8)
3. تعلقي جي مختيار (مختيارڪار) فنڊز جا پيسا مون کي ڏيندو هو. (ص22)
4. باقي وچ (۾) درازن جو ڳوٺ آهي. (ص31)
5. گهوڙو ٻڌي آيو. مان ٻن ڏينهن بعد موٽي اچي (گهوڙي) ڪاهي ويندس. (ص37)

مٿي گهوڙو ٻڌي آيو ۽ پوءِ وري ساڳي ئي پيرا ۾ اها 'گهوڙي' ٿي وئي. اهي ڪرامتون ۽ معجزا نسان، مرشدن، پيرن جا نه ته ٻيو ڇاهي؟

6. ماني دسترخواني (تي) لڳندي آهي. (ص47)
7. محفل (۾) چار چنڊ لڳي ويندا هئا. (ص50)
8. مون سندن هر هدايت (تي) عمل ڪيو هو. (ص78)
9. وقت گذرندو ويو 2005 کان 2007 تائين سوات ۾ وڌندا ويا. (ص86)

هيءَ خال مونکي به پرڻ نٿو اچي ان ڪري منهنجو مارڪون ڪٽي ڇڏجو ۽ اوهان اهو خال پري ڇڏجو. باقي پرنهن جون جيڪي بي انداز غلطيون آهن، انهن مان به ڪي پڙهي وٺو.

"ڪندڙ" (ڪندڙ) (ص9) "پنجتاليه" (پنجيتاليهه) (ص12) "ڪپڙ" (ڪپڙا) (ص 18) "ڊنديو" (ڊوڙنديو) (ص31) "ٻڌائي" (ٻڌاءِ) (ص38) "ڏيائون" (ڏنائون) (ص38) "بيحد اسرار (هي 20 کان مٿي جاين تي ساڳي نموني لکيو ويو آهي. ان ڪري پروف جي غلطي ناهي (اصرار) "رهي هو" (رهيو هو) (ص44) "ويڳو" (ويڳيون) (ص46) "نلان" (نالن) (ص54) "ٽڪڙا" (ٽڪرا) (ص60) "اڏاو" (اڏاوت) (ص70) "ٿهي ويو آهن" (ويون) (ص80) ۽ ٻيون ڪوڙ سارين غلطيون جابجا موجود آهن.

قادرنگر ٿهيو ان جي بشارت بابت اوهان مٿي پڙهي آيا آهيو. جڏهن مقامي ماڻهن ملي اتي قبضو ڪيو ته ان لاءِ چيو ويو ته طالبانن ان تي قبضو ڪيو ته پوءِ وري اُتي وري يونيورسٽي جو درامو رچايو ويو.

"جڏهن اطمينان ٿي ويو ته هاڻ طالبان نه ايندا ته وڌيڪ همت اها ڪئي وئي جو اتي انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جي تختي هنئي وئي جنهن جو افتتاح بابا جان جي پٽ جهانگير پائي ڪيو. يونيورسٽي جي بلڊنگ جي نقاب ڪُشائي يا افتتاح مون کان ڪرايو ويو. مان پيرسنيءَ ۾ به اتي اهائي سرهائي ۽ پنهنجائپ محسوس ڪئي. (ص87)

مون مٿي اوهان کي ٻڌيو ته جهڙي طرح ڌاڙيل ۽ اغوا ڪندڙن جو ڪلچر آهي. ساڳيو ئي ڪلچر پيرن مرشدن جو آهي. ڌاڙيل وڪرو ڪندا آهن. هڪ کان ٻي هنڌ. پير مرشد ۽ اهڙي لبادي ۾ ڍڪيل ماڻهو، ماڻهن

جي پيرن ۾ پيل ڏنڊا ٻيڙين کي مضبوط ۽ سگهارو ڪرڻ لاءِ هڪ پير ڪان ٻئي پير تائين موڪليندا آهن. ڪجھ مثال پڙهو:

”... بابا جان ڪجھ دير سوچڻ ڪانپوءِ فرمايو، ’هنن لاءِ قادري جهنڊا تيار ڪيو.‘ جهنڊا تيار ڪرڻ شروع ڪيا ويا. مونکي ۽ قريشي پاءُ کي حڪم ڏنو ويو تہ ’توهان هي جهنڊا ساٿ ڪري سڌو حيدرآباد وڃو. اتي تاج الدين بابا جي طالب بابا صلاح الدين وٽ وڃو. اهي مجذوب فقير آهن. ان سان ملڻ ڪانپوءِ توهان مڪلي ۾ بابا عبدالله شاھ جي مزار تي وڃو ان ڪانپوءِ توهين پلين (پلي) پنهنجي گهرن ڏانهن وڃو.“ (ص46)

”ظاهر ۾ هو عطر ناهيندو هو، جنهن کي عطر ڏيندا هئا ان کي هڪ ٻن درگاهن جو ڏس ڏيندا هئا تہ پهريائين اتي وڃو عطر هڻو جيڪو بچي اهو توهان ڪتب آڻو.“ (ص84)

’رئيس‘ جي پيرن مرشدن وٽ گهڻا ئي کهڙن ماڻهن جي هئي؟ اهي بہ ڏسو: ”پاشا بهائي، ظهور السلام آفريدي، ظهور پائي، ولي پائي، مطلوب پائي، آدم بابا درويش، قريشي پائي، ۽ انهن مان ڪن کي ’پائي‘ تہ ڪن کي ’بهائي‘ لکيو ويو آهي. انهن جيڪي سنڌ سان، سنڌين سان ڪلور ڪيا آهن، انهن جو ڪو اولڙو هن ڪتاب ۾ بہ آيل آهي . لکي ٿو:

”آخوند صاحب پنهنجي ٻي دوست لاءِ مون کي ٻڌايو. ان بعد هڪ ٻيو سيد صاحب نوڪرين دوران منهنجو دوست ٿيو ۽ ڪيترائي سال گڏ بہ رهيو. پر هو ڏاڍو لالچي انسان هو. ڪائڻ پيئڻ وارو هو. پيسو پائي ۽ ڪجھ زمينون بہ هئس. فقيرن ڏنل سائين وٽ بہ هليو پر فقير سائين بہ ان کي قبول نہ ڪيو. هن جي منهنجي ان زمين ۾ اک هئي. جيڪا منهنجي والد پاران منهنجي حصي ۾ آئي هئي. مون سادگيءَ ۾ هن کي 20 ايڪڙ زمين گهر ۽ ڳوٺ ناهڻ لاءِ ڏني. ان کي ڏنل زمين، جنهن ۾ اڄ ڏنل سائين جي مزار ۽ ميخانو آهي. ان مان شاھ صاحب جي وفات کان بعد ان جو پٽ پيدائشي ڪٽي رهيو آهي. منهنجي ٻي زمين هڪ سئو هڪ ايڪڙ هئي. جيڪا نگر جي کان چار ميل جي فاصلي تي ڳوٺ نورپور ۾ هئي. ان مٿان بہ سندن نظرون هيون. هن ماڻهن کي چوڻ شروع ڪيو تہ هو اها زمين بہ مون کان وٺندو. هن جي اهڙي لالچي رويي جي ڪري مون ساڻس سڀ واسطا ۽ تعلق ختم ڪري ڇڏيا. ڪجھ وقت ڪانپوءِ فوت ٿي ويو.“

هو جنهن ٽئين دوست جو ذڪر ڪندو هو اهو نجم الدين صاحب هو، جنهن جو ذڪر اڳ بہ ٿي چڪو آهي. ان لاءِ آخوند صاحب چوندو هو، ”ڪراچيءَ کان لڏي اسان سان خيرپور ۾ آيو. مون هن کي هڪ گهر رهائش لاءِ ڏئي ڇڏيو ۽ ڪجھ زرعي زمين جيڪا مهاجرن کي حڪومت جي طرف کان ملي هئي. ان لاءِ مون پنهنجو خرچ ڪري نجم پائي کي وٺرائي ڏني. آخر ۾ هو مون طرفان ڏنل گهر ۽ زمين وڪڻي واپس ڪراچي هليو ويو.“

انهن ڳالهين مان ئي اوهان کي اندازو ٿي ويو هوندو تہ سنڌ جون زمينون ڌارين پيرن مريدن جي حوالي ڪنهن ڪيون ۽ ڪيئن سنڌ ۾ انهن پيرن مرشدن فقيرن جون درگاهون ٺهيون ۽ ڪيئن نہ ويساھ وسوڙل ماڻهن پنهنجي ٻچن جو گذرسفر زمينون ۽ جائيدادون انهن جي حوالي ڪرين ڇڏيون.

ٻي طرف انهن مرشدن/فقيرن جو ڪلچر بہ ڏسو. رهڻي ڪهڻي بہ ڏسو:

”سندس طالب زوار فقير وٽ پئسا رکيائون. هن ڪجھ پئسا ڪرائي لاءِ ڪٽي سُٽڻ جي ٻچي ۾ لڪائي رکي ڇڏيا. جنهن تي ماڻهن کي چيائون، ’هن جي تلاشي وٺوس هي ڳجهي جاءِ ۾ بہ پئسا لڪائيندو آهي.‘ هي هڪڙو مرشد پنهنجي طالب لاءِ ٿو چوي تہ هي پئسا ڳجهي جاءِ ۾ لڪائيندو آهي. (ص25

”رئيس“ هڪ ٻي اهم ڳالھ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو: ”ڪيئي ڪرشما ڏنل سائين جا گندا واھ جي ماڻهن ۾ عام آهن. اسان کي سندن عمر هڪ سئو چاليھ سال ٻڌائي وئي هئي. بدن سخت هين. ڪڏهن زور ڏيڻ جو موقعو ملندو هو تہ محسوس ٿيندو هو، هو ستي جتي رهيا، شادي نہ ڪيائون.“

”هڪ دفعي رات جو مولوي جنهن کي ڪارو ڪرين پنڌرنهن کان وٺي ماڻهو مارڻ لاءِ پچائيندا آهن. هو اسان وٽ اچي پهتو ۽ اسان اتي بيٺاسون. هڪل ڪري انهن ماڻهن کي چيو، ”خبردار! اهي سيد فقيرن جي محفل ۾ پهتو آهي ۽ امان گهري ٿو. تنهنڪري اوهان موٽي وڃو. هن کي ڪجھ نہ (ڪيو) ڇڏي ڏيو. ۽ تنهن تي اهي ماڻهو پنتي موٽي ويا. رات دير سان هن کي بہ ٽي ماڻهو حفاظت لاءِ ڏنائين. جيڪي هن کي شهدادڪوٽ خير سلامتي سان ڇڏي آيا.“ (ص39)

اهو آهي انهن نقلي مرشدن ۽ پيرن جو حال احوال. چوندا آهن تہ پير پاڻ ڪونہ اڏامندا آهن، انهن کي سندن خليفا ئي اڏائيندا آهن. پنهنجا ذاتي تجربا ۽ مليل فائدا ٻڌائيندا آهن ۽ پنهنجي پير جو حلقو وڌائيندا آهن. جيئن ’رئيس‘ پنهنجي نياڻي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

”منهنجي ٽيون نمبر ڌيءَ شميم اختر کي مون چيو، ’تون پڙھ جيترو پڙهي سگهين جڏهن تون (تو) تعليم مڪمل ڪئي تہ پوءِ تنهنجي شادي ڪرائي ويندي.‘ هن پهريان ايڪانامڪس ۾ ماسٽرس ڪئي. ان ڪانپوءِ هن شاھ عبداللطيف يونيورسٽيءَ مان انٽرنيشنل رليشنس ۾ ريگيولر پنهنجي شوق سان ماسٽرس ڪئي. پوءِ ان کي مون قادرنگر ۾ پنهنجي پير خاني ۾ مهينو کن پاڻ سان گڏ رهايو ۽ قبلہ دراني صاحب جن کي عرض ڪيم: ’اوهان دعا ڪيو تہ هن جو رشتو ڪنهن سٺي جاءِ تي ٿي وڃي.‘ قبلہ حضور جن فرمايو ’هن جو رشتو جتي بہ ٿيو تمام بهترين ٿيندو.‘ پاڻ دعا ڏيندي فرمايائون، ’توهان جي هيءَ نياڻي زندگي ۾ وڏيون خوشيون ڏسندي.‘-“

پوءِ جڏهن واپس سنڌ آياسين ڪجھ وقت ڪانپوءِ هڪ رشتو آيو. جيڪو بخاري سيد هو. جهانپور جو باشندو هو. اديب هو. تعليم يونيورسٽي مان ماسٽرس جي ڊگري هيس. پوءِ مان هن جي ڳوٺ جهانپور آيس. معلوم ٿيو تہ هنن بجاري سيدن جا ڳوٺ جهانپور شريف ۾ ستر کان وڏيڪ گهر آهن. اتي صوفي بزرگ ۽ شاعر انور علي شاھ جي درگاھ آهي. جنهن جو گادي نشين سندن فرزند حضور بخش شاھ هو. مان انهيءَ وٽ ويس ۽ هن کي احوال ڪيم ’اوهان جي ڳوٺ جي ممتاز بخاريءَ جو رشتو اسان وٽ آيو آهي. اسان جي هنن سان اڳ ڪا بہ واقفيت ڪانهي...‘ رئيس پاڻ تہ پنهنجي ان نياڻيءَ کي پنهنجي پير وٽ قادرنگر ۾ هڪ دفعو وٺي وڃڻ جو ذڪر ڪيو آهي. (ص92-91)

پر ادي شميم شروع ۾ ئي لکي ٿي:

”مان بابا جي اولاد مان نندي آهيان. ان ڪري منهنجو ساڻن وقت گهڻو گذريو آهي. بابا جي اهڙين ڳالهين تي عمل ڪري سُڪون ماڻيندي آهيان. اهوئي سبب آهي جو بابا مون کي ڪئين ڀيرا پاڻ سان گڏ قادرنگر وٺي ويا. جتي بابا دُراني هوندا هئا. بابا عبدالله دراني منهنجي مٿي تي هٿ رکي چوندا هئا،

’میری یہ بیٹی زندگی میں بہت سی خوشیاں دیکھی گی۔‘

اڄ منهنجو مڪمل گهر آهي ۽ ان گهر جون ننڍيون وڏيون خوشيون ڏسي بابا تمام گهڻو خوش ٿيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اها توهان کي بابا دراني جي دعا آهي.“ (ص5)

پيءُ لکي ٿو تہ کيس هڪ دفعو وٺي ويس. ڌيءَ چُوي ٿي تہ بابا مونکي ڪيئي ڀيرا ’قادرنگر‘ وٺي ويو. ۽ مونکي چوندو رهندو آهي تہ تنهنجي خوشحال گهر ۾ شادي مڪمل گهر ۾ پير بابا جي دعائن جو عمل آهي. اسان جا ويساھ و سوڙل ماڻهو جڏهن اها ڳالھ پڙهندا تہ پير بابا دراني ايڏو ڪرامت وارو آهي تہ پنهنجيون نياڻيون ان ساڳي پير دراني بابا وٽ وٺي وڃڻ ۾ دير ئي نہ ڪندا؟ اهو سلسلو هلندو رهندو. سنڌ جون نياڻيون پنهنجي شادين جي دعائن لاءِ سنڌ کان ٻاهر دربدر ٿينديون رهنديون. حالانڪ ايئن ڪونهي. ادي شميم شاھ لطيف يونيورسٽي ۾ پڙهندي هئي. پائو ممتاز بخاري بہ ساڳي يونيورسٽي ۾ هو. ٻئي اديب هئا. ممتاز بخاري شادي کان اڳ ئي ادي شميم وارن جي گهر وارن سان راڄ رسم رکيو آيو. خود شادين کان اڳ ئي هن ادي جون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ شايع ڪرايون. ان ڪري رئيس جو اهو چوڻ تہ بخاري وارن سان اسان جو ان کان اڳ ڪو بہ تعلق ڪونہ هو ۽ واقفيت ڪانہ هئي . سراسر غلط آهي. ۽ اهو بہ چوڻ تہ پير بابا دراني جي دعائن سان اها شادي ٿي آهي ۽ ’ارينج ميريج‘ آهي تہ اها سراسر ناانصافي آهي.

اهو پسند جو پرڻو هو. ٻئي هڪ ئي هنڌ پڙهندا هئا ۽ اها ڳالھ ايڏي غلط ناهي جيڏي اها تہ اها شادي پير دراني بابا جي دعائن سان ٿيل آهي. ان صحافي دوستن جي خوشحالي ۽ سڪئي هجڻ ۽ مڪمل خوشين واري گهر جو ذڪر نہ رڳو ادي ڪيو آهي پر ص93 تي رئيس پاڻ بہ وڏي فخر سان ٻڌايو آهي تہ سندن ان نانيءَ وٽ ڪار آهي. گهر آهي. ٻار فلاڻن سٺن اسڪولن ۾ پڙهن ٿا . ٽيوشن ٽيچر رکيل آهي. گهڻا خوش آهن ۽ ان سڄي ڳالھ جو سَهرو دراني بابا جي حوالي آهي.

ان جي خوشحال هئڻ ۾ سندس صحافي هئڻ جو ڪمال آهي. اڳي پير، مير، وڏيرا، مرشد ۽ ٻيا ان طرح خوشحال هوندا هئا. چوتہ سنڌ ۽ سنڌين جي قيمت لڳائڻ ۽ دعويٰ ڪرڻ انهن جي هٿ ۾ هوندو هو، هاڻ اها واڳ اسان جي صحافين جي هٿ ۾ آهي. شڪارپور ۽ گهوٽڪيءَ پاسي جي صحافين جي قتل ڪانپوءِ جيڪي انڪواريون ٿيون، جر ڳا ويٺا ۽ جڏهن اهي ڏوهي بہ هئا تہ ميڊيا مالڪن مان جند نہ پئي ڇُٽي ۽ هو جرڳي ۾ پنهنجي حصي پتيءَ جي ڳالھ پيا ڪن تہ پوليس مقتول صحافين جا بينڪ اڪائونٽ ڪٽي انهن اڳيان رکيا تہ هي ڪروڙ روپين جي ملڪيت اک ڇنڀ ۾ هنن ڪٿان آندي تہ پوءِ مات ٿي وئي.

سو جيڪڏهن ممتاز بخاري صحافي آهي ۽ سرنديءَ وارو آهي تہ ان ۾ پير دراني بابا جو ڪو ڪمال ناهي. ان ۾ اسان سنڌي ماڻهن جي بدقسمتيءَ جو وڏو عمل دخل آهي. جن جي واڳ واري واري سان پئي مختلف هٿن ۾ ايندي ۽ ويندي آهي. ■

مهرالنساءِ لاڙڪ



شاعري

حسين خيالن جو مجموعي جو نالو آهي. جيڪڏهن شاعريءَ ۾ خيالن جي پرواز نہ هجي تہ ان کي احساساتي شاعري نہ ٿو چئي سگهجي. شاعري، دلين ۽ ذهنن کي جهنجهوڙڻ جو نالو آهي. دلين جي ترجماني ڪرڻ ئي اصل شاعري آهي.

دراصل شاعر يا اديب ۾ جيڪي لڪل صلاحيتون هونديون آهن اُهي قلم وسيلي، ڪاغذ تي مصوري جو روپ ڌارين ٿيون. شاعر، جيڪي سماج ۾ ڏسي ۽ پسي ٿو محسوس ڪري ٿو انهن احساسن کي لفظن جو لباس پارائي پڙهندڙن تائين پهچائي ٿو.

معاشري ۾ جيڪا بيحسي وڌي وئي آهي، غمناڪ پهلو وڌي ويا آهن. خوشيون مهانگيون ۽ سُور سستا ٿي پيا آهن. اهڙن ڏکوئيندڙ لمحن کي شاعر، لفظن ۾ قيد ڪري وٺي ٿو ۽ اهي احساس ئي شاعر کي ، شاعراڻي پنڌ ۾ مددگار ٿين ٿا. اهڙا ئي احساس رکندڙ شاعر رجب ٻگهيو آهي. جنهن جي شاعري جو ڪتاب ’خواب آئينا ٿيا‘ آيو آهي.

240 صفحن تي مشتمل ڪتاب آهي جنهن ۾ 200 غزل شامل آهن. سيئي غزل شاندار. يعني شاعراڻي فن سان ڀرپور- نج سنڌي لفظ- رِدم ۽ موسيقي جي رواني موجود آهي.

هن خوبصورت ڪتاب جي ارپنا، شاعر پنهنجي والدين ۽ پنهنجي گهر ڀاتين جي نالي ڪئي آهي.

هي ڪتاب، ’سليٽ‘ دانش گاهه منصوريہ، ٽنڊو قيصر، اداري پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي.

’سليٽ‘ اشاعتي سلسلو گهڻو معياري آهي. سليٽ دانشگاهہ اداري کي ’آسي زميني‘ جهڙو محنت ڪش ۽ بهترين شاعر هلائي ٿو. ۽ هن اداري معياري ڪتاب ڏئي اعتماد حاصل ڪيو آهي.

ڪتاب تي سنڌ جي هاڪاري اديب زيب سنڌي مهاڳ ۾ لکيو آهي،

”2010ع ۾ آيل ٻوڏ دوران، باجارا ۾ وڏي ٻوڏ آئي هئي. ان ۾ شاعر رجب ٻگهئي جو باجارا ۾ قرض کڻي ٺهرايل گهر جُهري پيو. سندس ذاتي لائبريري جا ٽي هزار ڪتاب ۽ سندس اڻ ڇپيل شاعري جا پنا وٽن مان ڇٽيل پنن سان گڏ لڙهي ويا . هن پنهنجي اڻ ڇپيل شاعريءَ کي بچائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي. پر پاڻي تي سندس وس نہ هليو ۽ هو ٻچن سوڌو، پنهنجي گهر جي ڇت تي چڙهي ويو. پيٽاري ٻڌي ويل پنهنجي گهر جي ڇت تي رابنس ڪروزو جهڙا پنج ڏينهن انتظار ڪرڻ کان پوءِ هو پنهنجي گهر جي گهٽيءَ مان پنهنجي گهر ڀاتين کي ٻيڙيءَ ۾ وٺي هليو ويو.“

هُو، شاعر رجب ٻگهئي جي همت کي داد ڏيندي لکي ٿو، ”ڪيڏو بهادر آهي هي شخص جيڪو درد جو درياءَ اُڪري ٿو وڃي پر ڪنهن مالي امداد لاءِ روڄ راڙو نہ ٿو ڪري، هو درد کي بہ مڌ جي گلاس جيان، پنهنجي اندر ۾ اوتي موٽ ۾ پنهنجي ذهن مان اسان کي زندگيءَ جهڙا اُجرا احساس ٿو آڇي.

اُجرو ڪو احساس رکي ٿو
جيئڻ ۾ وشواس رکي ٿو

واقعي بہ، رجب هڪ شاعر سان گڏ هڪ بهترين استاد ۽ هڪ سنو ۽ بهادر انسان پڻ آهي.

رجب جي ڪتاب ”خواب آئينا ٿيا“ ۾ سڀ غزل شاندار ۽ جاندار آهن.

خواب دل چو ٿي ڏسين درمان جا
درد ۾ ئي سارو ايشيا کنڊ آ

شاعر جي ڪيڏي تہ وسيع النظري آهي. صرف پنهنجي دردن کي اهميت ڪونہ ٿو ڏئي. پر ڪيس سڄي ايشيا کنڊ جا درد نظر اچن ٿا ۽ پنهنجي دل کي آٿت ڏيڻ جو طريقو ٻڌائي ٿو. واقعي انسان کي پنهنجا سور تڏهن گهٽ لڳندا آهن. جڏهن ٻين کي وڏن سورن ۾ ڏسندو آهي.

رجب، فطرت جو شاعر آهي. ڪائنات جي هر شيءِ ڪيس موهي وجهي ٿي، سج، چنڊ، ستارا، گل، ٻوٽا، بارش، سڀ ڪيس متاثر ڪن ٿا. هو ديس جي شين کي ساراهڻ بنا رهي نٿو سگهي.

گلابن جي خوشبوءِ،
اُتي جون هوائون
هي سُرهاڻ ساگر، اوهان جون نگاهون.

اُتي جون هوائون، صرف احساس رکندڙ انسان ئي سمجهي سگهي ٿو. رجب کي اُتي جي خوشبوءِ گلابن جي خوشبوءِ کان وڌيڪ پياري لڳي ٿي. اهو پنهنجي ڌرتيءَ سان محبت جو بہ هڪ ثبوت آهي.

هن جون تشبيهون متاثر ڪندڙ آهن،

تنهنجي بدن تي ڦُل ڦُل چولو
ڪاشيءِ جي چٽسالي هوندي

محبوب جي چولي جي گلن جي ڪاشيءَ جي گلن جي چٽسالي سان تشبيھ ڏيڻ، گهري سوچ واري شاعر جو ئي ڪم آهي. ڪاشيءِ کي هڪڙو سراسري طور ڏسڻ ۽ ٻيو گهرائي سان ڏسڻ، الڳ شئي آهي. پر شاعر جو مشاهدو، گهرو ٿو ڏسجي. سندس خيالن جي حسناڪي، هر غزل ۾ موجود آهي. فن ۽ فڪر جهلڪي ٿو . هو جديد سنڌي غزل جو بيحد سهڻو ۽ اربيلو شاعر آهي . امن ۽ محبت جو پرچارڪ آهي هن جي شاعري ۾ جمالياتي پهلو بہ آهي تہ رومانوي پهلو بہ آهي ۽ اميد بہ آهي.

وار وکيري رات سُتي آ
هير منجهان هٻڪار اچي ٿي
باک ڦٽيءَ جو منظر ايئن جيئن
گهونگهٽ ويڙهي ڪنوار اچي ٿي
ڏور ڪناري کان آ نڪتي
ناوَ پرين، هن پار اچي ٿي.

درياءُ تي ٻيهي منزل ڏانهن وڃڻ جي انتظاري ۽ بيقراري تہ آهي، پر نااميد نہ آهي.

پرينءَ پَر کان ايندڙ ڪشتي، سندس، اميدن ۽ آسرن کي تقويت ڏئي ٿي.

اڄڪلهہ، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو دؤر آهي. هر انسان نفسانفسي جو شڪار نظر اچي ٿو. ماڻهو مسئلن ۾ گهيريل آهن. اهڙي ڀَڄ ڊُڪ جي دؤر ۾ سٺي ۽ پُراميد شاعريءَ پڙهڻ سان ذهن کي تسڪين ملي ٿي ۽ ٿوري دير لاءِ، ماڻهو ذهني پريشانين کان آجو ٿي پوي ٿو. جيئن رجب هتي هن بند ۾ چوي ٿو،

سڄي رات سپنا، ستارا هوائون
اسان جي اکين ۾ لٿيون ڪهڪشائون.

خوابن جي بخمل بدن کي ڇُهي پوءِ
نگاهن جي ٻانهن ڏنيون ٿي پناهون.

هن ڪتاب ۾ رجب ٻگهئي جا سڀ خواب آئينا ٿي سامهون آيا آهن. سندس شاعري ۾ سندس خواب، پرکي ۽ پروڙي سگهجي ٿو. شاعر ۽ اديب، ٻوليءَ جا محافظ هوندا آهن. جيڪي پنهنجي قلم وسيلي ان جي خدمت بہ ڪندا آهن. ۽ حفاظت پڻ. ۽ هن وٽ ٻولي چست، درست ۽ شاعراڻي آهي. ■

راڄ ڪرتھ
THE KING MAKERS

منظور ڪوھيار

محمد امين مگسي

اوائلي دور کان وٺي انسان ۾ نقل ڪرڻ جو رجحان موجود آھي. اسين اھو روزانو ڏسون ٿا تہ ٻار جڏھن سمجھ پريو ٿئي ٿو، تہ نقل ڪرڻ سکي ٿو. اھڙي طرح ڊرامو بہ نقل آھي. جڳ مشهور استاد ارسطو جو قول آھي، "نقالي انساني جبلتن ۾ داخل آھي ۽ ان جي ابتدا ٻاراڻي دور کان شروع ٿئي ٿي."

امام الانقلاب حضرت 'مولانا عبيدالله سنڌيءَ' کان ڪنھن شاگرد سوال ڪيو، "سائين، چيو ويندو آھي تہ قيامت ۾ ھر ھڪ انسان جا اعمال سندس سامهون اچي بيھندا. ھن جا عضوا، ھن جي گفتار ۽ ڪردار بابت شاھدي ڏيندا، اھا ڳالھ منھنجي سمجھ ۾ نہ ٿي اچي، مهرباني ڪري ٻڌايو؟"

مولانا عبيدالله جواب ۾ ان شاگرد کي ڊرامي ۽ فلم جو مثال ڏيندي فرمايو، "بابا، ھيءَ ساري ڪائنات ھڪ عظيم اسٽوڊيو يا وري اسٽيج وانگر آھي. جنھن تي سيئي انسان اداڪارن جي حيثيت ۾ ڪم ڪندي نظر اچن ٿا. اھڙيءَ طرح قيامت واري ڏينھن ڪين پنھنجن اعمالن جي اھڙي نقالي وسيلي چٽيءَ طرح نظارو ڪرايو ويندو"

ٽريجڊي ۽ ڪاميڊي يا غم ۽ خوشي ڊرامي جو اھم حصو آھن. ٻئي وري انساني زندگيءَ جا اھم ۽ ضروري پھلو آھن،انھن ڪانسواءِ زندگي اڌوري آھي. سنڌي ڊرامي جي ابتدا ۾ ھندو اديبن جو اھم ڪردار رھيو آھي. پر پھرين ڊرامہ نگارن ۾ شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ نالو ڪييو. ھن جا خاص ڪري ٻہ ڊرامہ 1880 ۾ لکيل "ليلي مجنون" ۽ 1885ع ۾ "خورشيد" مشھور ٿيا. مرزا صاحب نہ صرف ڊرامي کي ھٿي وٺرائي، پر سنڌي ادب، گرامر ۽ تحقيق تي بہ وڏو ڪم ڪيو آھي.

موجوده دور ۾ 'منظور ڪوھيار' صاحب جي خاص طور تي ڪھاڻي ۽ ڊرامن جي حوالي سان ھڪ مجيل حيثيت آھي. سنڌس ٽي وي ۽ اسٽيج ڊرامہ عوامي مقبوليت ماڻي چڪا آھن. سنڌس اسٽيج آرٽ ڊرامن جي حوالي سان، ڪنول پبليڪيشن طرفان ڇپيل ڪتاب "راڄ ڪرتھ" ادبي ۽ فني حوالي سان ھڪ ڪلاسڪ آھي. ھن ڪتاب ۾ آيل ڇئن ئي ڊرامن "پريميڪا"، "بادشاہ سلامت"، "فرنگي" ۽ "شاہ بھارو" جڙھن صنف ۾ ساہ وجھي ڇڏيو آھي. اھڙي ڪوشش ۽ ڪاوش تي ڊرامہ نگار جس لھڻي.

ڪتاب جو مھاڳ بہ جڻ تہ قابل قدر تحقيقي مضمون آھي. جنھن ۾ ڊرامي جي ادبي حيثيت متعلق مستند دليل ۽ حوالا ڏنل آھن. جنھن جي ڪري ھن فن جي اھميت جي پليءَ ڀت خبر پوي ٿي. ڊرامي جي قدامت جي باري ۾ عالمي ادب مان جيڪي مثال ڏنا ويا آھن، سي وزندار ۽ علمي آھن.

بر سبيل، منظور ڪوھيار جي ڪھاڻين تي بہ ٿورو ڳالھائجي تہ اھو معلوم ٿيندو تہ ھن سنڌي ادب کي ڪھاڻين جا بھترين ڪتاب ڏنا آھن. جيڪي شاندار ڪارناما ۽ سنڌي ادب جو بھترين حصو آھن. خاص طور تي "صوفي ڪھاڻيون" انساني سماج جي عين روح جون عڪاس آھن. ھن دھشت گرديءَ جي دور ۾ اھڙي قسم جي ڪھاڻين جي شدت سان ضرورت محسوس ڪئي وڃي ٿي.

ڇئن ئي ڊرامن جي حوالي سان پھريان "راڄ ڪرتھ" ۾ آيل پھرين ڊرامي "پريميڪا" تي پنھنجو مختصر رايو پيش ڪبو. جنھن ۾ اھو ٻڌايو ويو آھي تہ عورت تي تاريخ جي ھر دور ۾ تشدد ۽ بربريت کي قانوني شڪل ڏئي روا رکيو ويو آھي. ان ڊرامي ۾ جنھن نموني سان ڊائلاگن ذريعي وضاحت ڪئي وئي آھي، اھا ڏاڍي دلپذير ۽ اثر پذير آھي.

برصغير ۽ اسلامي دنيا ۾ اڄ آبادي يا ڪٿي ڪٿي ان کان بہ وڌيڪ عورتن جو تعداد موجود آھي. انھن کي سماجي ۽ معاشي ڪردار کان محروم رکي ، انھن معاشرن کي بہ ترقي کان وانجھيل رکيو ويو آھي. نتيجي ۾ غربت ۽ افلاس اڄ بہ اھڙن معاشرن جو مقدر بڻيل آھن.

منظور ڪوھيار جو ڊرامو "بادشاہ سلامت" اسان جي ماضيءَ جو ھڪ دردناڪ داستان آھي. ھن ڊرامي ۾ صوفيءَ جي ڪردار کي جھڙي ريت خوبصورت ۽ منفرد انداز ۾ پيش ڪيو ويو آھي. اھو پرپور ۽ بي مثال آھي. ھن ڊرامي ۾ موقعي جي مناسبت سان دنيا جي مشھور ۽ معروف صوفي شاعرن مثلن شيخ سعدي، امير خسرو، سرمد شھيد، ڀڳت ڪبير ۽ لطيف جي شعرن کي ڏاڍي موزونيت سان پيش ڪيو ويو آھي. حقيقت ۾ تاريخي حوالي سان صوفيءَ جو آواز مظلوم طبقن جو آواز رھيو آھي. انھن مظلوم طبقن کي ظلم جي چڪي مان نجات حاصل ڪرڻ جو حوصلو بخشيو آھي. ھن ڊرامي ۾ بہ صوفي لاڪوفيءَ جو ڪردار پيڙھيل طبقي جي اڳواٽي ڪندڙ ڪردار آھي. جيڪو وقت جي بادشاہ کي حق سچ چوڻ کان ھرگز نٿو ڪيبائي. ھن ڊرامي ۾ صوفي جو ڪردار جڻ تہ سعدي، رومي، عطار، لطيف، سچل، سامي، روحل، بيدل، بيڪس جو سنگم آھي. ھي ڊرامو انسانيت ۽ وحدانيت جي پرچار ڪري ٿو. جيئن شيخ سعدي فرمايو آھي:

مئي صرف وحدت ڪسي نوش ڪرد
ڪ دنيا و عقبي فراموش ڪرد

(جنھن توحيد ۽ انسانيت جي عشق جو پيالو پيتو، ان کان دنيا ۽ آخرت ٻئي وسري ويا.)

حافظ شيرازي وري ٻئي انداز ۾ فرمايو آھي:

مباش در پئہ آزار ھر چہ خواھي ڪن
ڪ در طريقت ما غير از ني گناہ نيست

(جيڪا برائي وڻئي سا ڪر پر ٻين کي نہ آزار، ڇا ڪاڻ تہ اسان جي مذھب ۾ ٻين کي آزارڻ کان وڌيڪ وڏو ڪو گناہ ڪونھي)

منظور ڪوھيار جي ڊرامي "بادشاہ سلامت" ۾ صوفي جي ڪردار ۾ حضرت منصور حلاج واري بہ جھلڪ آھي، جڏھن بادشاہ ،جلاد غضب خان ۽ ملان اعتقاد کان پڇي ٿو:

جھان خان: ڇا صوفيءَ کي سزا نہ ملي؟

غضب خان: بالڪل ملي .....پھريان سنڌس ھٿ پير ڪپيا ويا... سسي ڌڙ کان ڌار ڪئي وئي.....پوءِ ڪيس ساڙي درياہ برد ڪيو سي.....

ملان اعتقاد: ايئن ئي ٿيو ظل سبحاني!......جيئن حسين بن منصور حلاج سان ٿيو ھيو....

ھي ڊرامو حقيقت ۾ صوفيت کي سمجھڻ جي حوالي سان ھڪ منفرد ۽ حقيقي حوالو آھي. جنھن ۾ صوفي جو ڪردار واضع ۽ چٽو ڏيکاريو ويو آھي، جيڪو جدوجھد جي پرپور علامت وارو ڪردار آھي،نہ ڪي نام نھاد صوفين وانگر رھبانيت يا فراريت وارو پرچار روپ آھي.

اھڙيطرح "شاہ بھارو" ۽ "فرنگي" ھند ۽ سنڌ جي تاريخي پس منظر ۾ شاندار ڊراما آھن. جن ۾ مقصديت پنھنجي بام عروج تي آھي. انھن سيني ڊرامن ۾ ٻوليءَ جي بلاغت ڪمال جي آھي. رواني ۽ اثر انگيزي سان گڏ گھرائي ۽ گيرائي پڻ آھي. ڪردار نگاري پرپور ۽ مثالي آھي. جنھن کي ڪوھيار صاحب ڏاڍي پياري انداز سان نڀايو آھي. سچ پچ تہ ھنن ڊرامن ۾ ھند ۽ سنڌ جي تاريخ ۽ تھذيب کي محفوظ ڪيو ويو آھي. اميد آھي تہ منظور ڪوھيار سنڌي ٻوليءَ جي جھوليءَ ۾ اھڙن آرٽ ڊرامن ۾ اضافو ڪري سنڌي ٻوليءَ کي امير ترين ڪندو رھندو. ■



سنڌ جون ڀھراڙيون، فطري سونهن ۽ سڳنڌ سان واسيون پيون آهن- شاعري، پنهنجي جوڀن سان، وک وک تي پٿاري پئي آهي- پر علم جي کوٽ ۽ مئل ويساهه سوچيندڙن جو تخليقيت ڏانهن ڌيان نه ڇڪائي سگهيا آهن. جهر جهر ڪري وهندڙ شاعريءَ جا چشما چٽئي ڪندبن تي قتل آهن. پر ڪو ڪو ڪوي آهي، جيڪو انهن جهرڻن مان ٻُڪ ڀري پنهنجي ۽ ٻين جي پياس ٻُجهائي ٿو.

ڀھراڙين ۾ ادبي سنگت جا ڪلاس، ڏگهو عرصو گذرڻ ڪانپوءِ به نوجوانن جو تنقيدي شعور آياري نه سگهيا آهن. فن، فڪر، ٻوليءَ جي رنگيني سميت، موسيقيت به نوجوانن جي ذهن ۾ اها جاءِ والاري نه سگهي آهي، جيڪا تخليق ۾ نواڻ ۽ سرهاڻ پيدا ڪندي آهي. موسيقيت جي معنيٰ ئي خيال کي اتم ۽ چرڪائيندڙ بڻائڻ آهي. پر اهو خال اڃا تائين پرجي نه سگهيو آهي. مٽن جي حساب سان، شاعري لڪجي ۽ ڇپجي رهي آهي. پر ڪنهن ڪنهن ڪويءَ جو ڪو ڪو مصرعو هانءَ کي ڇُهيو وڃي ٿو نه ته گهٽي-ٽٽي شاعري الوٽي تڪبندي آهي. پر لکڻ وارن جو جنون، شعوري سطحن کي اڃا تائين نه ڇُهي سگهيو آهي.

نماڻو صديق مهيسر، مهيڙ جي ميِنديءَ جيان مهڪندڙ نوجوان آهي. پر اها مهڪ هو پنهنجي شاعريءَ ۾ آڻڻ لاءِ بيقرار آهي. انهيءَ بيقراريءَ کي جائتو موڙ ڏيڻ لاءِ هن جو ٻيو تخليقي پورهيو ’سونهن جي بارگاهه‘ مارڪيٽ ۾ اچي چڪو آهي.

نماڻو صديق، شاعرن جي سموري هجوم سميت، روايتي طور، سخن جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪري رهيو آهي- نعت ۽ منقبت سميت غزل به لکي ٿو ته ٻين رائج صنفن تي به زور آزمائي ڪري رهيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هو ڪيترو سوڀارو ٿيو آهي. انجو فيصلو ته ايندڙ دور جي تنقيدي تاريخ ڪي ئي ڪرڻو آهي. بهرحال هو ٻوليءَ جي خدمت ۽ پنهنجي جذبن جي اظهار لاءِ ڏاڍو ماندو آهي.

نفرتن جا ڍير من ۾
ڇو رکين ٿو وير من ۾

—

مونکي راڻو ڪري ڇو وڃين ٿي پري
مون سان ماڻو ڪري ڇو وڃين ٿي پري

—

سونهن توتي جهڪي چنڊ ڪلندو رهيو
پيار پنهنجو ڏسي، چنڊ ڪلندو رهيو

جذبو، جيڪو تخليقي سُياءُ ذريعي ٻين تائين پهچڻ لاءِ اتامرو هوندو آهي. اهو، نماڻي جي شاعري ۾ موجود آهي. پر اها ٻي ڳالهه آهي ته هن نوجوان شاعر کي اڃا گهڻو ڪجهه پرائڻو آهي. ٿلهي شهرت به خراب ناهي، پر سٺي شهرت ۽ نالو ڪمائڻ لاءِ وڏي پورهئي جنهن ۾ مشق ۽ مطالعو شامل آهن. نوجوان شاعرن جي ميراث هئڻ گهرجي.

هن جو نظم، ’خاڪ ۾ سپنا مليا‘ ڇُهندڙ ضرور آهي. پر ان کي منطقي انداز بدران، سبجيڪٽوٽي سان پورو ڪيو ويو آهي. شاعريءَ جو سڌو سنئون اسلوب، ابتدائي دور ۾، شاعر لاءِ اٽسوهندڙ هوندي به ڪيس ايندڙ وقت جي آبجيڪٽوٽي لاءِ ذهني طور تيار رکندو آهي. نماڻو، شعور طور صحتمند شاعر آهي. پر ڪيس لفظن ۽ لفظن جي موسيقي جي ادراڪ لاءِ اڃا گهڻو وقت درڪار آهي. ۽ فڪري بارگاهه جنهن ’حرف‘ کي لاپائتو بڻائيندي آهي. ان لاءِ ’نماڻي‘ کي نماڻائي بدران تخليقي سرڪشي سان اڳتي وڌڻو پوندو.

(ت.ب)

نماڻي جي ڪتاب جي مهورتي گڏجاڻي جي جهلڪ

حنيف عاطر

آه! سميع

(موت ڪان پوءِ)

زمين ۾ شباب پُورجي ويا
وِصال جا گُلاب پُورجي ويا
نه پئي خبر ته ڪيئن مٽيءَ جي ڍير ۾
رَفاقتن جا خواب پُورجي ويا
اکين جي جهول ۾ رکيل ڪو روڳ آ
ڪٿي وڃي رُباب پُورجي ويا
وِڇوڙا، تو نظارو هي ڏِنو ڪٿي
فَلڪ ڊٺو، شهاب پُورجي ويا
گناهه پيار جو ڪيو هو، تنهن ڪري
اسان جا سڀ ثواب پُورجي ويا
کُٽل ڪنواري رات جي قبر اندر
ڇو روشني جا باب پُورجي ويا
چوي ٿو من! ڏُکن جو آ سفر طويل
آ تو چيو، عذاب پُورجي ويا
بدن جو هڪ پَنو جو داغدار ٿيو
جواني جا نصاب پُورجي ويا
چپن تي ماٺ قهر جي عجب لٿي
سوال بي حساب پُورجي ويا
پوپٽن جو مُک تي ڇڻ ڪو نُور هو
نوان نوان حجاب پُورجي ويا
قرار ويو ڦِٽي، سڪون ويو لُٽي
سُڌير هم رَڪاب پُورجي ويا
اڃان به صرف پيا نچن اکين اڳيان
نصيب جا ڪتاب پُورجي ويا.

*

عڪس تنهنجو ٿو جا ٻجا ڏِسجي
ٻيو زماني ۾ هاڻ ڇا ڏِسجي
مان انڌيرن ۾ ڪو نه ٿو ڀٽڪان
مونکي تنهنجو ٿو نقشِ پا ڏِسجي
منهنجو پوٽو ’جناح‘ ۾ داخل آ
معجزو تنهنجو اي خدا ڏِسجي
صحتيابي ’سميع‘ کي ٿئي حاصل
عرش تائين پُڳي صدا، ڏِسجي
آئون سورج جي ديس ۾ آهيان
تنهنجي مُرڪڻ جي بس گهٽا ڏِسجي
آهي لُڙڪن جو سلسلو جاري
ٿي اُگهامي ڪڏهن دُعا ڏِسجي
دل جي خواهش اڃان به ساڳي آ
تنهنجي هر بار، هر ادا ڏِسجي
توکي ڏِسجي يا تنهنجي نيڻن کي
يا شفق جي وري ضياءَ ڏِسجي
هو مڪمل آ حُسن جو پيڪر
’مونکي هُن پيو خُدا ڏِسجي‘
ديپ عاطِر وفا جو ٻاريو مون
ٿئي نه ويري وري هوا ڏِسجي. ■